جلد: 30-38 (2016ع کان 2024ع - گڏيل شمارو)
ISSN 1023-6767

ساليانو

# سنڌي ادب

تحقيقي جرنل

ايڊيٽر

**ڊاڪٽر فياض لطيف**

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
يونيورسٽي آف سنڌ، ڄامشورو

سالیانو

# سنڌي ادب

تحقيقي جرنل

جُلد: 30_ 38 ( 2016ع کان 2024ع_ گڏيل شمارو)   ISSN 1023_6767

ايڊيٽر

ڊاڪٽر فياض لطيف



انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو

حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ساليانو "سنڌي ادب" تحقيقي جرنل
جُلد: 30 ـ 38 ( 2016ع کان 2024ع ـ گڏيل شمارو)
ڇپجڻ جو سال: 2026ع
ڇپرائيندڙ: ڊاڪٽر فياض لطيف
ڊائريڪٽر،
انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو
فون: 022-9213259
ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ: رضا احمد خاصخيلي
ٽائيٽل: معصوم ساحل
ڇپيندڙ: سيون اسٽار پرنٽرز اينڊ پبليشرز حيدرآباد
سهڪار: پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس، اسلام آباد
قيمت: 500 /= روپيا

ISSN 1023-6767
All rights reserved with the Institute of Sindhology
**Annual**
**SINDHI ADAB**
**Research Journal**
Volume: 30-38, 2016 to 2024 (Combined)
Year of Publication: 2026
Published By: Director, Institute of Sindhology,
University of Sindh, Jamshoro, Sindh, Pakistan
Tel: 022-9213259
Web-site: www.sindhology.com.pk
www.sindhology.usindh.edu.com
E-mail: sindhiadab@usindh.edu.pk
Composing & Layout: Raza Ahmed Khaskheli
Title: Masoom Sahil
Printed By: Seven Star Printers and Publishers
In Collaboration with Pakistan Academy of Letters, Islamabad
Price: Rs. 500/=

سرپرست

**پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري**

ايڊيٽر

**ڊاڪٽر فياض لطيف**

اسسٽنٽ ايڊيٽر

**واحد پارس هيسباڻي**

## ايڊيٽوريل/صلاحڪاري بورڊ (ڏيهي)

1. ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ
اڳوڻو ريجنل ڊائريڪٽر، ڪاليجز لاڙڪاڻو

2. ڊاڪٽر اسحاق سميجو
اڳوڻو ڊائريڪٽر، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو

3. ڊاڪٽر محمد علي مانجهي
اڳوڻو چيئرمين، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد

4. ڊاڪٽر احسان دانش
چيئرمين، سنڌي شعبو، گورنمينٽ ڪاليج يونيورسٽي، حيدرآباد

5. ڊاڪٽر رياضت ٻرڙو
ڊائريڪٽر انسپيڪشن، ڊائريڪٽوريٽ جنرل (ڪاليجز) سنڌ، ڪراچي

6. ڊاڪٽر ريحانه ملاح
ڊائريڪٽر، شهيد محترمه بينظير ڀٽو چيئر، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو

## ايڊيٽوريل/صلاحڪاري بورڊ (پرڏيهي)

1. ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي
جي 2، راجيو اپارٽمينٽ، گول ميدان، الهاس نگر، انڊيا
jagdeshlachhani@yahoo.com
+919423087336

2. ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي
فرحت اي-4 نهرو نگر، اجمير، انڊيا
kamlagoklani@gmail.com
+919414220370

3. ڊاڪٽر جيٺو لالواڻي
اڳوڻو ڊائريڪٽر، نئشنل ڪائونسل فار پروموشن آف سنڌي لئنگئيج، انڊيا
jetholalwani@gmail.com

4. ڊاڪٽر ومي سدارنگاڻي
ايسوسيئيٽ پروفيسر، سنڌي شعبو، تولاڻي ڪاليج آف آرٽس اينڊ سائنس،
آديپور، ڪڇ، انڊيا
vimmi_rs@yahoo.com

5. ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻي
رٽائرڊ پروفيسر ، يونيورسٽي اف بمبئي ، انڊيا
baldevmatlani@gmail.com
+917303362333

# فهرست


1. اداريو (ڊاڪٽر فياض لطيف) 07

2. سنڌي ٻولي جي بڻ بنياد بابت سنسڪرتي نظريي جو اڀياس 11
ڊاڪٽر غفور ميمڻ

3. جديد لغت نويسيءَ جي معيارن جي روشنيءَ ۾ جامع سنڌي لغات جو تنقيدي جائزو 20
ڊاڪٽر احسان احمد عرساڻي

4. سنڌي ٻوليءَ ۾ 'ٽرانسليٽر/ڪنورٽر ايپس' جو جائزو 59
ڊاڪٽر رياضت پرڙو

5. ڊاڪٽر رسول ميمڻ جي ڪهاڻي, "هڪ ڏال ۽ ڇپاتيون" جو تنقيدي جائزو 78
ڊاڪٽر شير مهراڻي

6. آڪاش انصاري: عشقَ ۽ انقلابَ جو شاعر 86
ڊاڪٽر احسان دانش

7. مارڪسزم جو جديد سنڌي شاعريءَ تي اثر 97
عيسيٰ ميمڻ

8. نين روايتن ۽ صنفن جو سرجيندڙ شاعر: ميون شاھ عنات رضوي 112
سعيد سميجو

9. آغا سليم سنڌي ادب جو رومانويت پسند ناول نگار 122
غلام سڪينہ وِيسر

10. سر مارئيءَ ۾ وطن جي محبت: تحقيقي جائزو 132
شائستہ اختر قريشي

11. ممتاز مرزا جي ڊرامي "آخري رات" جو تنقيدي جائزو 140
منزه نظير ۽ ڊاڪٽر انورالدين ڪاڪا

# اداريو

سنڌ صدين کان نہ رڳو تاريخ، تهذيب ۽ ثقافت جي حوالي کان امير ۽ آسودي رهي آهي، پر علم، ادب، موسيقي، راڳ ۽ رقص جي وکر سان پڻ مالا مال رهي آهي. سنڌ جو اهو املهہ ۽ اننت سرمايو هجڻ تہ سنڌ جي وستين واهڻن، جهرن جهنگن، سمنڊن، ندين، صحرائن، پٻن ۽ پهاڙن ۾ پکڙيو پيو آهي، پر انهن مان هن وقت تائين جيترو بہ سهيڙجي ۽ ميڙجي سگهيو آهي، ان جي هڪ مختصر جهلڪ پسڻ لاءِ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جو تاريخي ميوزيم ۽ ريسرچ لائبرري اتساهيندڙ ۽ فخر لائق مثال آهن، جن ۾ نہ فقط تاريخ، تهذيب ۽ ثقافت جو وڏو خزانو محفوظ ٿيل آهي، پر لکن جي تعداد ۾ صديون پراڻا ۽ ناياب ڪتاب پڻ موجود آهن، جن مان عالم، اديب، استاد، شاگرد توڙي محقق وڏو استفادو حاصل ڪن ٿا.

سنڌالاجي هڪ طرف سنڌ جي تاريخي، تهذيبي، تمدني، ثقافتي، علمي ۽ ادبي خزاني جي محافظ آهي، تہ ٻئي طرف ان جو تعليمي ۽ تفريحي ماحول ۾ پڻ اهم ڪردار رهيو آهي. هتي روزانو سوَن جي تعداد ۾، ڏيهہ توڙي پرڏيهہ کان زندگيءَ جي مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ ماڻهو سنڌالاجي ميوزيم گهمڻ ۽ ريسرچ لائبريري ۾ مطالعي ۽ تحقيق واسطي اچن ٿا.

سنڌ شناسي جي هن اهم اداري بلاشبهہ تاريخ، تهذيب، ڪلچر، ادب ۽ آرٽ جي حوالي سان شاندار ميڙي چونڊجي جو ڪم ڪيو آهي، جنهن لاءِ خاص طور تي ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ اداري جي ڪجهہ ٻين منتظمين جون ڪوششون جس ۽ تحسين لائق آهن. پر هن وقت ان ميڙيل چونڊيل خزاني کي، نہ رڳو جديد تقاضائن آڌار ڊجيٽلائيزڊ ڪري (جيڪو ڪم هلندڙ آهي) بهتر نموني سان محفوظ ڪرڻ جي اشد ضرورت آهي، پر ان سان گڏوگڏ ان سهيڙيل مواد تي تحقيق بہ لازمي آهي، جو تہ سنڌالاجي جي قيام جا بہ مکيہ مقصد هئا. هڪ سنڌ بابت مواد جي سهيڙ ۽ ٻيو ان جي ڇنڊڇاڻ ۽ تحقيق. هڪ مقصد يعني سهيڙ واري ڪم جو پورائو ڪنهن حد تائين ممڪن بڻيو آهي، جڏهن تہ تحقيق ۽ پرک وارو ڪم باقي آهي، جنهن تي وڏي ادارتي سطح جي ڪم جي تمام گهڻي گهرج

آهي. پاڻ ان حوالي سان ئي ڪوشش ڪري رهيا آهيون ۽ اهو طئي ڪيو آهي، تہ تحقيقي مواد ڪي اوليت جي بنياد تي شايع ڪيو ويندو. جديد تحقيقي اصولن جي معيار تي محيط ”سنڌي ادب“ جي هيءَ اشاعت بہ ان مقصد جي هڪ ڪڙي آهي، جيڪا اميد تہ اوهان مڙني پارڪن ۽ پڙهندڙن کي پسند ايندي.

ساليانيتحقيقي جرنل ”سنڌي ادب“ جو جُلد 30 کان 38 توهان جي هٿن ۾ آهي. 2016ع کان 2024ع تائين جو هي گڏيل شمارو آڻڻ جو مقصد، پرچي جي اشاعت ۾ ٿيل ديرواري وٿي کي ختم ڪري، تحقيقي جرنل جي وقت سر اشاعت کي يقيني بڻائڻ آهي. ان مقصد تحت ئي سال 2025ع ۽ 2026ع وارن پرچن جو مواد گڏ ڪري، انهن کي ترت شايع ڪرڻ جون ڪوششون پڻ جاري آهن. جنهن لاءِ اسين معزز محققن جي ساٿ ۽ سهڪار جا بيحد ٿورائتا آهيون ۽ اميد ڪريون ٿا، تہ اهو سهڪار جو سلسلو ساڳي ئي جذبي سان اڳتي بہ جاري رهندو.

اداري طرفان ڊگهي عرصي کان جاري ٿيندڙ هي اهم تحقيقي جرنل هائير ايجوڪيشن ڪميشن کان منظور ٿيل نہ آهي، اسان جي ڪوشش جتي هن تحقيقي جرنل کي وڌيڪ معياري ۽ ريگيولر بڻائڻ آهي، اتي اُن کي هائير ايجوڪيشن ڪميشن کان جلد منظور ڪرائڻ پڻ اسان جي مکيہ ترجيحن ۾ شامل آهي. ان مقصد تحت ئي تحقيقي جرنل جي ڏيهي، پرڏيهي ايڊيٽوريل ۽ صلاحڪاري بورڊ جي نئين سر جوڙجڪ ڪري، ايچ اي سي جي معيار ۽ گهرجن مطابق جرنل جو مواد ترتيب ڏنو ويو آهي. اميد آهي، تہ تمام جلد ”سنڌي ادب“ هن اداري وٽان مڃتا ماڻي وٺندو. هن سلسلي ۾ ايڊيٽوريل ۽ صلاحڪاري بورڊ جي معزز ميمبرن جي سهڪار جا ٿورا مڃڻ سان گڏوگڏ اسين وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري جي رهنمائي، مڪمل مدد ۽ همت افزائيءَ جا پڻ تمام گهڻا ٿورائتا آهيون.

هن پرچي ۾ شامل تحقيقي مقالا گهڻ موضوعاتي آهن. جن ۾ ٻولي، ادب، تاريخ، تهذيب، ثقافت ۽ جديد ٽيڪنالاجي جا رنگ شامل آهن. اسان جي ڪوشش آهي، تہ نوان سان ڀرپور تحقيقي لکڻيون شامل ڪريون، تہ جيئن عالمن،

اديبن، محققن توڙي شاگردن کي نئين ۽ منفرد ڄاڻ حاصل ٿيڻ سان گڏ تحقيق جا نوان گس بہ نروار ٿي سگهن. اميد آهي، تہ مانوارن محققن جي محنت ۽ اسان جو هيءُ پورهيو توهان کي ضرور پسند ايندو. سڀني دانشمندن ۽ محققن کي ”سنڌي ادب تحقيقي جرنل“ لاءِ پنهنجا اڻ ڇپيل تحقيقي مقالا موڪلڻ سان گڏ تحقيقي جرنل جي بهتري لاءِ پنهنجون تجويزون ڏيڻ جي پڻ دعوت ڏيون ٿا. اوهان جون بهترين تجويزون يقينن اسان لاءِ رهنمائي جو سبب بڻجنديون ۽ پاڻ ”سنڌي ادب“ کي وڌيڪ بهتر ۽ معياري بڻائي سگهنداسين.

**ڊاڪٽر فياض لطيف**

ايڊيٽر

پروفيسر ڊاڪٽر غفور ميمڻ

# سنڌي ٻولي جي بڻ بنياد بابت سنسڪرتي نظريي جو تنقيدي اڀياس

# A Critical Study of the Sanskrit Theory of the Origin of the Sindhi Language

**Abstract:**

The first theory about the origin of the Sindhi language was presented by Ernest Trumpp. He claimed that Sindhi is a language derived from Sanskrit, a view initially accepted by many scholars in Sindh. Later, Dr. Baloch outlined six principles of Dr. G. A. Grierson through which he demonstrated that Sindhi is not derived from Sanskrit, but rather belongs to the Dravidian language family. However, Dr. Baloch put forward the theory that Sindhi is a language of the Semitic family. Following him, Siraj Memon and Dr. Ghulam Ali Alana also presented their own theories, rejecting the Sanskrit-origin theory. In this research papers, after examining the arguments of various scholars, we have concluded that Sindhi does not belong to the Sanskrit language family. The question of Sindhi's true origin still requires further investigation. However, examples from grammar, phonetics, and morphology shows that the paths of Sanskrit and Sindhi are separate. Nonetheless, both languages have influenced each other. Sindhi is a dynamic language, possessing a vast stock of sounds, which should not be confused with vowel combinations. It features a distinct system of pronominal suffixes, and its method of verb conjugation is unique. Sindhi also contains many original letters that are not found in other languages, and these characters indicate the antiquity of the Sindhi language.

This paper examines various syntax principles, which shed new light on the origins of the Sindhi language and open up new avenues for further research.

سنڌي ٻولي جي بڻ بنياد بابت پهريون نظريو ڊاڪٽر ارنسٽ ٽرمپ ڏنو هو ان کان پوءِ مرزا قليچ بيگ، ڀيرومل آڏواڻي، وغيره سڀئي ان ڳالهہ تي متفق هئا تہ سنڌي سنسڪرت مان نڪتي آهي.

ڀيرومل جو چوڻ هو تہ:

”سنڌ سمنڊ مان هٿي جڏهن پري ٿيو تہ سڀ کان پهرين هتي ڪول ۽ سنٿال آيا. جن جي ٻولي کي منڊا يا ڪولرين ٻولي سڏجي ٿو. انهيءَ نسل جا ماڻهو اڄ بہ سنڌ ۾ ڀيل، شڪاري، ڏڦير آهن. هنن جي ٻولي جا ڪيترائي لفظ سنڌي ۾

اج بہ رائج آهن. مثال انگن ۾ ڪوڙي ڪري ليکيندا هئا، جنهن جو مطلب آهي ويهہ. هن کي vigesimal system چئبو آهي“ (1). ان کان علاوه نقل ڪيل آوازن جي لفظن جو طريقو بہ ڪولن جو آهي. مثال ڪانءَ ڪانءَ، ميائون ميائون، ان کان علاوه ڪجھہ ٻٽن لفظن جو طريقو پڻ ڪولن جي دور جو آهي، جيئن گھٽگھرن، جٽجھڻ، ٽڪا، لڪ لڪوٽي وغيره ڪولن ۽ سنٿالن بابت چوڻ آهي تہ اهي آسٽريليا کان چين واري واٽ وٺي سنڌ ۾ داخل ٿيا. اج بہ هندستان ۾ گھڻا شودر ڪول آهن. ان کان پوءِ آريا آيا، جيڪي يورپ کان ايران واري واٽ وٺي آيا ڪي وري سمنڊ رستي آيا.

ڪنهن بہ ٻولي جي هڪجهڙائي معلوم ڪرڻ لاءِ لسانيات جي شاخ Comparative Study ۾ ويڙهو پوندو آهي. ڏسڻو پوندو آهي تہ منجهن ڪهڙا اصول مشترڪ آهن، مثال:

صوتياتي سرشتي جي هڪجهڙائي
لفظن جي ذاتن جون هڪجهڙايون
اسمن ۽ فعلن جي گردانن جون هڪجهڙايون
صرفياتي هڪجهڙايون
صفت جي درجن جون هڪجهڙايون
ٻوليءَ جي عالمي قسمن جي انداز جون هڪجهڙايون
ڳالهائڻ وقت حرڪتي اصول جون هڪجهڙايون

اهي ڪجھہ اصول آهن. ان کان علاوه ٻولي جون خصوصيتون بہ ڏنيون ويندون آهن. هاڻي ڪجھہ ماڻهو بضد آهن تہ سنڌي سنسڪرت مان نڪتي آهي، يعني سنسڪرت پراڻي ٻولي آهي. جيئن ڀيرو مل جو چوڻ هو تہ سنسڪرت مان ڪجھہ پراڪرتون ٺهيون، جن مان اپڀرنش ٺهي، ان کان پوءِ وقت گذرڻ سان وري اپڀرنش بگڙي وراچڊ اپڀرنش ٺهي، ان مان سنڌي ٻولي ٺهي. اهڙي طرح ڊاڪٽر بلوچ، ڊاڪٽر شرٽ جي اصول کي ورجائيندي اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ سنڌي گهٽ ۾ گهٽ سنسڪرت مان ناهي نڪتي. جنهن جا ڇهہ اصول ڏنا اٿس پر ڊاڪٽر شرٽ جو خيال هو تہ سنڌي دراوڙي ٻولي آهي. پر بلوچ صاحب انهيءَ نڪتي تي پهتو تہ سنڌي سامي صفت جي ٻولي آهي (2).

سراج صاحب سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد بابت جيڪو نظريو ڏنو اهو سيني کان مختلف هو. هن نظريي مطابق سنڌي هن ڌرتي مان ڦٽي نڪتل آهي،

جيڪا قديم ٻولي آهي، خود سنسڪرت بہ سنڌي ٻولي مان نڪتل آهي. پر اڄ بہ وڪي پيڊيا ۾ سنڌي جا لفظ سنسڪرت مان ئي نڪتل ٻڌايل آهن.

"The base of its vocabulary is derived from Sanskrit the form of Prakrit and Apabhramśa" (3)

سنڌي سنسڪرت مان ڇو نڪتل ناهي؟

پهريون دليل تہ سنڌي ٻولي حرڪت واري ٻولي آهي، هن جي اکر تي حرڪت ايندي آهي، ڳالهائڻ وقت بہ اها حرڪت استعمال ٿيندي آهي. خاص طور تي آخري حرف تي وڏيڪ حرڪت ايندي آهي. مثال پرک + پَرکَ پ تي زبر آخر ۾ ک تي زبر. ڇت حرڪتي اصول موجب ح تي زبر ت تي زير ايندي،

اسان جيڪڏهن ڪنهن کي سڏ ڪنداسين تہ ان جي نالي پنيان ڊگهو سر ملائينداسين. مثال رفيق کي ڇونداسين رفيقَ +اَ هتي آخر ۾ اَ جو اچار ڊگهو ٿي ويندو. سنڌي ماڻهو ڪو بہ اردو يا انگريزي ۾ جملو ڳالهائيندو تہ پڌرو ٿي پوندو. ڇو تہ هو سندس مخصوص حرڪت واري اصول تي ڳالهائيندو. سنسڪرت ۾ حرڪت وارو اصول ناهي.

دليل 2: سنڌي ٻولي ۾ ڪڏهن بہ حرف صحيح بہ گڏجي نٽا اچن. هر حرف صحيح کان پوءِ حرف علت ايندو. مثال: ڪڙڪ، ڪڪڙ، وغيره ۾ ک+اُ، ڙ ڪ اَ، ٿيندو، ڪ+اُ، ڪ+ اُ، ڪ +اُ ٿيندو. مثال 2: تہ هن لفظ ۾ ت + آ ايندو. اهڙي طرح هر لفظ جي ڪنهن بہ هڪ يا ٻن تي زور بہ اچي ٿو. مثال ڪاتو هن اکر ۾ "ت" تي زور موجود آهي، پر سنسڪرت ۾ بہ حرف صحيح گڏ ايندا آهن. مثال پريم، جل، شپت، وسپت. انگريزي ۾ تي حرف صحيح بہ گڏ اچن ٿا.

مثال strength ۾ ايس، ٽي ۽ آر گڏ اچار ۾ ايندا، پر سنڌيءَ ۾ بہ حرف صحيح گڏ نٽا اچن. هڪ حرف کان پوءِ سر اچي ٿو. مثال: سنڌي ۾ حرف صحيح گڏ نہ اچڻ ڪري ئي سنڌي ٻولي حرڪت واري يا متحرڪ لهجي ۾ ڳالهائي ويندي آهي.

دليل 3: سنسڪرت جو اشتقاق ڪنداسين تہ اهو هن ريت ٿيندو:
سم+ ڪرت. جنهن جي معنيٰ آهي سم معنيٰ سنواريل سڌاريل ڪرت معنيٰ ڪم.
معنيٰ سڌاريل ڪم. اها ٻولي جيڪا سڌاريل هجي.
پراڪرت جو اشتقاق ڪنداسين تہ هن ريت ٿيندو:
پراچين+ڪرت معنيٰ قديم ڪم، پراڻو ڪم(4).

هاڻي ٿورو غورو ڪريو پيرومل چوي ٿو سنسڪرت مان پراڪرت نهي ان مان اپڀرنش پوءِ ان مان سنڌي تہ جيڪا خود سڌاريل آهي، ان مان قديم ٻولي ڪيئن نڪرندي؟ تنهن ڪري سنڌي سنسڪرت مان ڪيئن نڪتي.

واحد بخش شيخ صاحب پنهنجي ڪتاب صرف و نحو ۾ لکي ٿو تہ سنڌي سنسڪرت مان نڪتي آهي، سندس حرف عربي فارسي کي نج سنڌي باقي سنسڪرت جا آهن. نج سنڌي حرف، ٻ، ڄ، ڳ، ڏ آهن. (5)

حقيقت ۾ نج سنڌي لفظ ان کان علاوه ڃ، ڻ، بہ آهن. اهو سوال سڀني عالمن اٿاريو آهي تہ سنڌي سنسڪرت يا سامي سٽ يا عربيءَ مان نڪتل آهي تہ پوءِ سنڌيءَ ۾ نج سنڌي اکر ڪٿان آيا. جنهن جو جواب الانا صاحب بہ ڏنو هو تہ ”موهن جي دڙي واري تهذيب، آرين جي اچڻ کان اڳ جي تهذيب آهي، اها ميجيل ڳالهہ آهي تہ آريا سنڌو ماٿر ۾ ايران کان آيا. اهي بہ ڌار ڌار الڳ الڳ قبيلن جي صورت ۾ آيا“. (6)

دليل 4: سنڌي ٻولي سراج صاحب جي چوڻ مطابق ڦيرو ڪائيندڙ ٻولي آهي، ڪجهہ جوڙ ڪائيندڙ بہ لفظ موجود آهن. چڙن پدن واريون ٻوليون الڳ ٽينديون آهن، مثال جاپاني ٻولي. ٻيو جوڙ واريون ٻوليون، مثال ترڪي. جنهن ۾ لفظ ڦيرو نٿا کائن، بلڪ جڙن ٿا. سنڌي ۾ ان جا مثال موجود آهن. مثال گهرائون، يا گهران. معنيٰ گهر کان ٽيون قسم ڦيري وارو ٽيندو آهي. سنڌي اصل ۾ ڦيرو ڪائيندڙ ٻولي آهي. (7) مثال: ڏسو ڏسان، ڏسون، ڏسن، ڏسنداسين وغيره هاڻي اهو ڦيرو عربي ۾ انگريزي ۾ بہ موجود آهي پر انهيءَ جو مطلب اهو ناهي تہ سنڌي ٻولي انگريزي مان نڪتي آهي.

دليل 5: سنڌيءَ ٻولي جا ڌاتو هوا، پاڻي مٽي مان نڪتا آهن. مثال ”سو“ ڌاتو آهي، چيو وڃي ٿو سنسڪرت جو آهي جنهن ۾ اڙ ڌاتو ملائڻ سان لفظ سور نهي ٿو. ٻئي طرف سويا سئہ سراج صاحب جو چوڻ آهي تہ ”سئہ ڌاتو جون سنڌيءَ ۾ فعلي صورتون موجود آهن، سئڻ، سجڻ، سجاڻ، سڻڻ، اهو اصل ڌاتو سنڌي جو آهي. سنڌي جي ڌاتن تي ڪم گهٽ ٿيو آهي پر سنڌي ٻولي جا ڌاتو 22 سئو کان مٿي آهن.“(8)

سڻڻ (فعل مصدر) ٻئي طرف سڻڻ، سڻ، سار سئا، جنهن مان سڏ، هن ڌاتو جو مطلب آواز آهي. جنهن مان سئڻ، مفعولي صورت سجڻ، سُ اڳتي هلي هڪ اڳيان جوڙ جي شڪل اختيار ڪري ويو. جنهن جي معنيٰ آهي سٺو مثال:

سجاڻ، سپرين، سوير، سڱنڌ، جنهن جو ضد ڪُ آهي، معنيٰ خراب. مثال: ڪوڙيون، ڪپرين، ڪوير، ڪويج وغيره.

دليل 6: سنسڪرت ۾ صفت جا درجا ٻئي طرح سان ٿيندا آهن. مثال پاپ مان پاپي، پاپيس، پاپيشٽ وغيره. سنسڪرت ۾ صفت تفصيل ٺاهڻ لاءِ اسم پوپان "تر" ملائبو آهي. مثال: دڪشڻ صفت ٿيندي دڪشڻتيہ معنيٰ ٿيندي ڏاڪڻو پريہ پريتر، پريتم وغيره.

آپ+تيہ آپتيہ معنيٰ پاڻياٺو. (9)

سنڌي ۾ اهي اصول ناهن. مثال خشڪ تر ۾ تر فارسي جي تر جو نعم البدل آهي. مثال: چڱو جو صفت تفصيل چڱو تر ڪونہ ٿيندو. سنو تر ڪونہ ٿيندو. باقي درجا تہ پيٺ سان ٿيندا آهن. جيڪي پڻ اختلافي آهن يا هٿ ٺوڪيا آهن.

دليل 7: سنڌي ۾ ضمير متصل ٿيندا آهن. معنيٰ اسم يا ضمير جي پنيان حرف "م" يا "ئہ" يا "س" ملائڻ سان معنيٰ نڪرندي، منهنجو تنهنجو يا هن جو. مثال پيٽس، چاچس، وٺئہ، پاٽم، ماٽس، ڪٽس، سندم وغيره ضمير متصل يعني ضميريون پڇاڙيون سنسڪرت ۾ ناهن. انهي ڪري سنڌي جو رستو الڳ آهي.

دليل 8: سنڌي ٻولي جيڪڏهن سنسڪرت مان نڪتل آهي تہ پوءِ سنڌي اکرن جو نج ذخيرو ڪٿان آيو. مثال ٻ، ڱ، ٻ، ڏ، ڄ، ڃ، ڻ، ڳ، اهڙا اکر آهن، جيڪي سنسڪرت ۾ ناهن. پيرو مل جو خيال هو تہ اهي اکر سرائيڪي مان آيا آهن. (10)

جڏهن تہ سرائيڪي خود پنجابي ۽ سنڌي ٻولي مان نڪتل ٻولي آهي، سرائيڪي پلي پندرنهن صدي ۾ موجود هئي، پر سنڌي موهن جي دڙي کان اڳ موجود هئي.

دليل9: ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جو خيال هو تہ سنڌي ۾ حرف علت نہ هئا. مثال گدڙ ڪڪڙ وغيره پر پوءِ حرف علت عربي جي مهرباني سان سنڌيءَ ۾ آيا. جنهن تي تنقيد ڪندي سراج صاحب چيو تہ سنڌي جا يارنهن حرف علت آهن.

اَ، اِ، اُ، آ، اي، اِي، اَيَ، او، اوُ، اَو، آئُو (11)

مثال گدڙ گ اِ+د آ+ڙآُ.

ير حقيقت ۾ اهي حرف سر آهن، هتي حرف علت ۽ سرن ۾ مونجهارو آهي، انهن سرن کي ارنسٽ ٽرمپ بہ حرف علت لکيو آهي.

حوالو: سنڌي ۾ عام طور سان ا، و، ن، ي حرف علت طور استعمال ٿيندا آهن. پر مثال نالو مون، منهنجو مان، هي، آهي، وغيره هنن ۾ ا، و، ن، ي سرن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيل آهن. پر اهي حرف صحيح بہ آهن. جڏهن اسان نالو لفظ لکيو تہ هتي ”ن“ حرف صحيح آهي، ياقوت ۾ ”ي“ حرف صحيح آهي، انسان ۾ ”ا“ الف حرف صحيح آهي، ان کان پوءِ سرن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ اعرابن جو نظام موجود آهي جيڪو عربي کان ورتو ويو آهي. پر بحث وري بہ اهو آهي تہ ڪابہ ٻولي سرن کان بغير ڪانہ ٿيندي آهي، سنڌي ۾ سر يارنهن ناهن، وڌيڪ آهن.

ڊاڪٽر الانا جو چوڻ آهي تہ اهي بہ سر ناهن پر سر آوازن جون لکيل صورتون آهن، سرن جا بہ علامتي اکر لکيل آهن. (12) انهيءَ جو مطلب تہ سر هجن يا حرف صحيح پر سڄي الفا بيٽ علامتي شڪليون آهن. اصل ۾ سر هجن يا حرف صحيح پر لکيل علامتن ۾ ئي آهن. ڪو بہ حرف صحيح پنهنجي ليکي سر کان بغير اچاري بہ نٿو سگهجي. مثال ”ب“ هاڻي هن کي اسان ٻي چونداسين. اچار جو ڇيد ڪنداسين تہ اهو ب+اي ٿيندو. جنهن جو مطلب تہ سر حرف علت ناهن پر سر حرف حرڪت آهن. باقي حرف صحيح مثل آهن. يا حرف ساڪن آهن. جن کي سرن جي ذريعي اچاري سگهجي ٿو. تنهن ڪري دنيا ۾ ڪا بہ ٻولي سرن کان بغير ناهي ٿيندي.

دليل 10: سنڌي ۾ ڳڻپ لاءِ واحد ۽ جمع هوندا آهن. جڏهن تہ سنسڪرت ۾ ڳڻپ لاءِ عدد جا ٽي قسم آهن. واحد عدد، تثنيہ عدد، جمع عدد، جيئن انگريزي ۾ pair لفظ ٻن شين جي نمائندگي ڪندو آهي. جڏهن تہ عربي ۽ فارسي ۾ فلسفي ۾ ثنويت جو لفظ ۽ انگريزي ۾ Dual /Dualism موجود آهن. پر سنڌيءَ ۾ عدد تثنيہ ڪونهي. ڊاڪٽر الانا صاحب جو چوڻ آهي تہ ڪجھ اسم ندائي حالت ۾ تثنيہ جو روپ وٺن ٿا. مثال ماڻهو او، ڪيڇيوا، سينيا! ۽ جمع ۾ ماڻهوئا، ڪيڇيا! وغيره. (13)

منهنجو خيال آهي تہ اهو بہ عدد تثنيہ ناهي، بلڪ اسان احترامن تون کي توهان چوندا آهيون، يا جن لڳائيندا آهيون، مثال ميڊم جن، سائين جن، وغيره.

بلڪل اهڙي طرح بزرگ ماڻهو ۽ ڪيچي ۽ بہ احترامن آهي اهي عدد ناهن. ڀٽائي جو بيت آهي تہ:

وڳر ڪيو وتن، پرت نہ ڇنن پاڻ ۾،
پسيو پکيڙن، ماڙهنئا ميٽ گهڻو. (14) (ڏهر 4/7)

هتي لفظ ماڙهنئان استعمال ٿيل آهي. لاڙ ۾ ماڻهو کي ماڙهو چوندا آهن. تنهن ڪري شاهہ صاحب ماڙهنئا استعمال ڪيو آهي. جنهن جو مطلب عام طور تي ماڻهو جو جمع ورتو ويندو آهي، پر هتي ماڻهوئا جو مطلب ماڻهو ڪان بہ آهي، مطلب سنڌي ۾ گهڻن لفظن ۾ حرف جر عام طور اسمن ۾ استعمال ڪيو ويندو آهي. مثال گهران معنيٰ گهر ڪان، اندران معنيٰ اندر ڪان، ٻاهران معنيٰ ٻاهر ڪان، هن بيت جي سٽ ۾ ماڻهوئا جمع جي بجاءِ سندس جري حالت آهي. عام طور ماڻهو جو جمع ماڻهوئا نہ ڪيو ويندو آهي. عام طور تي جري حالت ۾ ماڻهو مان ماڻهن ٿيندو پر هتي شاهہ ماڻهوئا مان مراد ماڻهن ڪان ورتي آهي. پر حرف ندا ۾ ماڻهو جو جمع ماڻهئا بہ ورتو وڃي ٿو جيئن ڪيچيو! اوٺيا! وغيره.

ڊاڪٽر الانا صاحب انهيءَ نتيجي تي پهتو هو تہ.

”آرين جي اچڻ ڪان اڳ برصغير ۾ سنڌوني ۽ ان جون شاخون چالو هيون، جيڪا غير آريائي ٻولي هئي. انهيءَ جون پاڙون سنڌو ماٿري جي تهذيب ۾ کتل هيون.“ (15)

سنڌ ان وقت ڪشمير ڪان وٺي ڪراچي تائين هئي، سندس حدون راجستان جي ڀڄ، ٻاڙوا، بيڪانير، جيسلمير تائين هيون. هوڏانهن ڀاڳناڙي، خضدار، لسٻيلو تائين سنڌ جو حدون هيون، ٻولي جي حوالي ڪان وادي هر علائقي ۾ نوان لهجا پيدا ٿي ٻولين جي شڪل اختيار ڪندا ويا. جيئن هن وقت سنڌ جا پنج لهجا آهن. اتر، لاڙ ڪوهستان، ٿر ۽ وچولو. سنڌي صرفياتي ۽ صوتياتي لحاظ ڪان ٻين ٻولين ڪان الڳ حيثيت رکي ٿي. جيڪي آرين جي اچڻ ڪان اڳ هتي موجود هئي. ڏنو وڃي تہ موهن جو دڙو 5 هزار سال پراڻو آهي تہ پوءِ ان ۾ ڪا ٻولي ڳالهائي ويندي هئي، جيڪا سنڌي هئي، البتہ سنڌي هر دور ۾ ٻين ٻولين ڪان لفظ ورتا بہ آهن تہ ڏنا بہ آهن. جنهن تي الڳ بحث ڪري سگهجي ٿو. سنڌي ۽ سنسڪرت جو پاڻ ۾ لاڳاپو ضرور آهي پر سنڌي سنسڪرت مان نڪتل ناهي، تنهن ڪري اهو چوڻ تہ گهڻا لفظ سنسڪرت مان نڪتا آهن اهو غلط آهي،

ٻولين هڪ ٻئي تي اثر انداز ٿيندين آهن . جيئن عربي، فارسي، انگريزي سنڌيءَ تي اثر انداز آهن.

## نتيجو:

هن بحث جو مطلب ڪنهن تي پنهنجو خيال مڙهڻ ناهي، ڪو بہ ماڻهو پنهنجو خيال هن خلاف رکي سگهي ٿو سنڌي ٻولي جي بڻ بنياد بابت اسان جا اسڪالر سنڌي ٻولي کي هرو ڀرو عربي يا سنسڪرت مان نڪتل سمجهن ٿا، پر ٿورو غور ڪريون تہ سنڌي بابت گهڻا مفروضا آهن. جيڪي ٻين ٻولين جي لفظن سان هڪجهڙائي جي ڪري اخذ ڪيا ويا آهن. سنڌي ٻولي جون ڪجهہ خصوصيتون اهڙيون آهن، جيڪي ڪيس دنيا ۾ منفرد ثاهين ٿيون. ٻيو تہ سراج صاحب جي نظريي مطابق سنڌي ٻولي هن ڌرتي جي فطرتي عنصرن مان ٺهيل ڌاتن مان پيدا ٿي آهي. جنهن کي حرف آخر نٿو سمجهي سگهجي، ڇو تہ اڃا تائين موهن جي دڙي جي لکت کي پڙهيو ڪونہ ويو آهي. انومان آهي تہ اها ٻولي دراوڙي، سنسڪرت کان اڳ جي ٻولي آهي.

ٻيو تہ سنڌي کي عربي ۾ لکڻ ڪري اسان گرامر بہ عربي واري يا انگريزي واري جو نقل ڪري سنڌيءَ کي ڏنو آهي. جڏهن تہ سنڌيءَ جي گرامر الڳ آهي. ارنسٽ ٽرمپ، ڀيرومل ۽ سراج جا سنڌي ٻولي جي بڻ بنياد بابت نظريا چٽا ۽ واضح آهن پر ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو نظريو واضح ناهي، هن جا گهڻا خيال سنڌي ٻولي متعلق قياس آرائي تي مبني آهن. باقي هڪ ڳالهہ اهم اها ثابت ٿي تہ سنڌي گهڻ ۾ گهڻ سنسڪرت مان نڪتل ناهي.

## حوالا:


1. آڏواڻي، ڀيرومل مهر چند، سنڌي ٻولي، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، 1972ع ڇاپو ٽيون، ص 10.
2. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، پاڪستان اسٽيڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو. 1990ع ٽيون ايڊيشن غلام علي الانا، واحد بخش شيخ، سنڌي ٻوليءَ جو صرف و نحو سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو. ڇاپو ٻيو 2006 ص 2.
3. Date 29_07_2025 time 10 pam https://en.wikipedia.org/wiki/Sindhi_language

4. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، ”سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد“، سنڌيڪا اڪيڊمي، نئون ڇاپو، 2004. ص 80.
5. شيخ، واحد بخش، ”سنڌي ٻوليءَ جو صرف نحو“، سنڌي ادبي بورڊ، 1986ع ص 07.
6. ڊاڪٽر غلام علي الانا، ”سنڌي ٻولي جو بڻ بنياد“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو 1974ع. ص 5، اصل حوالو.
7. Grierson , G , Linguistic Survey of India, Vol ,1, part 1, 1927 , p .99
8. سراج، سنڌي ٻولي، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد 2007ع ڇاپو ٽيون 2017ع ص 44.
9. ساڳيو ص 55
10. الانا، ڊاڪٽر غلام علي، ”سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد“، سنڌيڪا اڪيڊمي، 2024. ص .70
11. آڏواڻي، ڀيرو مل، ”سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ“، سنڌي ادبي بورڊ، 2018ع، ڇاپو ستون، ص 80.
12. سراج، سنڌي ٻولي، عظيم پبليڪيشن حيدرآباد سنڌ ڇاپو پهريون 1964ع ص 48.
13. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، ”سنڌي لسانيات، تحقيقي ۽ تنقيدي اڀياس“، سنڌي ٻولي جو بااختيار ادارو2020ع، ص 01.
14. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، ”سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1974ع، ص 14.
15. قاضي، علامہ آءِ آءِ، ”شاهہ جو رسالو“، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 1993ع، ص658.
16. الانا، غلام علي ، ڊاڪٽر، ”سنڌي ٻولي جو بڻ بنياد“، سنڌيڪا اڪيڊمي، 2024ع، ص299.

ڊاڪٽر احسان احمد عرساڻي

# جديد لغت نويسيءَ جي معيارن جي روشنيءَ ۾ جامع سنڌي لغات جو تنقيدي جائزو

# A Critical Appraisal of the Jamai Sindhi Lughaat in Light of Contemporary Lexicographic Standards


## Abstract:

From the standpoint of educational resources, the Sindhi language remains significantly under-resourced. Regrettably, a substantial number of Sindhi-speaking children within Sindh itself are learning Sindhi as a second rather than a native language. As a result, a pedagogically sound Sindhi learner's dictionary has become an essential tool not only for non-native learners but also for native speakers striving to master their own language more effectively. In this context of acute resource deficiency, even four decades after its initial publication, *Jamau Sindhi Lughaat*, compiled by Dr. Nabi Bakhsh Khan Baloch, continues to serve as a valuable reference for both learners and writers of the Sindhi language.

This paper aims to offer a critical appraisal of *Jamau Sindhi Lughaat*, assessing it against contemporary lexicographic standards and pedagogical needs. The purpose is to highlight strengths and limitations in a manner that could inform the development of future high-quality and modern Sindhi lexicographic works.

The article undertakes an analytical review of the dictionary's methodology, grammatical encoding, semantic breadth, and explanatory depth. To achieve this, a comparative analysis is conducted between *Jamau Sindhi Lughaat* and a standard English–English learner's dictionary. The findings suggest that while the *Jamau Sindhi Lughaat* partially meets scholarly requirements, it falls short of the expectations for a modern learner's dictionary in several respects. In certain entries, semantic coverage is insufficient; in others, the explanatory depth is lacking. Moreover, systematic inconsistencies are observed in the grammatical categorization of entries.

It should be noted that this study excludes the analysis of verbs listed in the *Jamau Sindhi Lughaat*. Nevertheless, this evaluation is expected to contribute constructively to the development of more effective and pedagogically oriented Sindhi–Sindhi dictionaries.

## تَتُ

سکيا جي وسيلن جي لحاظ کان سنڌي زبان تمام ضعيف ٻولي آهي. بدقسمتيءَ سان هن وقت سنڌ اندر ئي ڪيترا سنڌي ڳالهائيندڙ ٻار سنڌي زبان کي غير مادري زبان جي حيثيت ۾ سکن ٿا. تنهنڪري سکياتي سنڌي لغت نہ رڳوغيرسنڌي سکندڙن جي ضرورت آهي،بلڪ خود سنڌي ڳالهائيندڙن جي بہ اهم ضرورت بڻجي چڪي آهي. اِنَ اڻهوندَ واري صورتحال ۾ پنهنجي اشاعت جي 40 ورهين کان پوءِ بہ ڊاڪٽرنبي بخش خان بلوچ جي مرتب ڪيل جامع سنڌي لغات، سنڌي زبان جي سکندڙن ۽ لکندڙن لاءِ تمام وڏو ڏڍُ بڻيل آهي. هن مقالي جو مقصد جامع سنڌي لغات جي ڇنڊڇاڻ ڪندي، هلندڙ وقت جي معيارن توڙي ضرورتُن جِي روشنيءَ ۾ تنقيدي جائزو پيش ڪرڻ آهي،جيڪو سنڌي زبان لاءِ جديد ۽ اعليٰ معياري لغتن جي ترتيبَ جو محرڪ بڻجي سگهي. هيءُ مقالو جامع سنڌي لغات جي طريقيڪار، وياڪرڻ درجيبندي، معنوي وسعت ۽ تشريحي گهرائيءَ تي تجزياتي نظر ڊوڙائي ٿو. ان مقصد جي حاصلات لاءِ جامع سنڌي لغات جو هڪ معياري سکياتي انگريزي–انگريزي لغت سان تقابلي جائزو پيش ڪجي ٿو جنهن مان ثابت ٿئي ٿو تہ جامع سنڌي لغات نہ تہ تحقيقاتي لغت وارين ضرورتن جو پورائو ڪري ٿي ۽ نہ ئي اها اثرائتي سکياتي لغت جي معيار تي پورو لهي ٿي. ڪن جايُن تي ان جي معنوي وسعت محدود آهي تہ ڪٿي وري ان ۾ تشريحي گهرائيءَ جي اڻاٺ بہ آهي. ان کانسواءِ لغت ۾ وياڪرڻ جي لحاظ کان ڪيل درجيبنديءَ جون بہ سرشتيوار Systemic ڇڪون ملن ٿيون. جامع سنڌي لغات ۾ درج ٿيل فعل لفظ هن تجزيي جي احاطي کان ٻاهر آهن. تاهم هيءُ تجزيو بهتر سنڌي– سنڌي لغتن جي تياريءَ ۾ معاون ثابت ٿيندو.

## تعارف

ڊاڪٽر بلوچ جِي مرتب ڪيل جامع سنڌي لغات [1]پنجن جلدن تي ٻڌل آهي، جنهن جو پهريون جلد سنہ 1960ع ۾شايع ٿيو ۽ پنجون جلد سنہ 1988ع ۾ شايع ٿيو. ان سنڌي– سنڌي لغت جي ترتيب کي اُنَ ڪم جي مساوي ڄاڻي سگهجي ٿو جيڪو ارڙهين صديءَ جي وچ ڌاري انگريزي زبانَ لاءِ سيميوئل جانسن Samuel Johnson ڪيو [2]، ويهين صديءَ جِي ابتدا ۾ ترڪي زبانَ لاءِ شمس الدين ساميءَ ڪيو [3]، يا اردو زبانَ لاءِ مولوي سيد احمد دهلويءَ ڪيو [4].

جامع سنڌي لغات (جسل) نہ رڳو ڪثير تعداد ۾ لفظن، اصطلاحن، محاورن، ۽ انهن جي معنيٰ جو وسيع ذخيرو آهي، بلڪ اهو سنڌي زبان، ثقافت، ۽ ادب جو گھوارو آهي.جنهن ۾ لفظن جي استعمال جي مثال طور ڪيترائي شعر ۽ پهاڪا ڏنل آهن. انَ ڪانسواءِ ڪيترن ئي لفظن جو بڻپياس يعني Etymology، ۽ خاص اسمن بشمول علائقن، فردن، ذاتين ۽ قبلين جي نالن ساڻ انهن جو مذهبي، ثقافتي، ۽ تاريخي پس منظر پڻ ڄاڻايل آهي. ڪِن لسانياتي اوڻاين ۽ اڻپورائِن باوجود، جسل وارو پورهيو سنڌي زبانَ جِي ترقيءَ ۾ اهم موڙ ثابت ٿيو ۽ اڄ سوڏوِانَ ڪم کي قدرَ جِي نگاهہ سان ڏسجي ٿو. سنڌي لغت نويسيءَ ۾ ڪنهن استقبالي اعليٰ تخليقَ جو بنياد وري بہ يقيناً جسل ئي هوندي.

پنهنجي نوعيت جي پهرين ڪوشش هوڻ سبب جسل جو بنيادي ڪارجي مقصد سنڌي زبان جي رسمي تدريس يا سکيا هوڻ بجاءِ سنڌي زبان ۽ ادب ۾ موجود اڪيچار لفظيات کي دستاويزي صورت ۾ محفوظ ڪرڻ ڏسجي ٿو. جسل جي پهرين جلد جي اشاعت کي 60 ورهين کان وڌيڪ عرصو گذري چڪو آهي، ان دوران علمي ترسيل جو ٽيڪنيڪيپياس Technology روايتي پرنٽنگ پريس کان اڳتي وڌي عددي ڳڻپيوڪر Digital Computer آڌاريل پرنٽنگ ۽ ان کانپوءِ باهمرچار Internet جي دور ۾ داخل ٿي چڪو آهي، جنهن سان لغت نويسيءَ نوان رخ اختيار ڪندي، لغت نويسن لاءِ نئين للڪار پيدا ڪئي آهي[5]. ان دوران لغت نويسيءَ جي عام نظريي تي ڪم ٿي چڪو آهي، ۽ عملي لغت نويسي ڪيترا ئي نوان مرحلا طي ڪري چڪي آهي [6].

آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس جي شايع ڪرايل آڪسفورڊ ايڊوانسڊ لرنرس ڊڪشنري آف ڪرنٽ انگلش [7] هن وقت انگريزيءَ جي ناليواري ۽ سکندڙن ۾ مقبول ترين لغتن مان هِڪَ آهي، جيڪا انگريزيءَ جا ڏيهي ڳالهائيندڙ ۽ انگريزيءَ کي ثانوي زبان طور سکندڙ يڪسان استعمال ڪندا آهن. ان لغت جو بنيادي ڪارج انگريزي زبان جي پڙهندڙن توڙي لکندڙن جي معاونت ڪرڻ آهي. ٻِہ لساني لغت جو مقصد هڪڙي ٻوليءَ جي لفظن جا ٻي ٻوليءَ ۾ متبادل ڄاڻائڻ هوندو آهي. جڏهن تہ يڪ لساني لغت جو بنيادي مقصد ڪنهن ٻوليءَ جي لفظن جا هم معنيٰ لفظ توڙي سمجهاڻي ياتشريح ساڳي ئي ٻوليءَ ۾ پيش ڪرڻ ۽ درست استعمال تجويز ڪرڻ هوندو آهي.

هن مقالي جو مقصد آڪسفورڊ ايڊوانسڊ لرنرس ڊڪشنريءَ (آلڊ) ساڻ جامع سنڌي لغات (جسل) جو تقابلي جائزو پيش ڪرڻ آهي، تہ جيئن آلڊ جي مساوي سنڌي–سنڌي لغت جي تياريءَ ۾ گهربل چاڻ ۽ مهارتن جي نشاندهي ٿي سگهي، عموماً ٿيندڙ غلطين کي روڪي سگهجي ۽ مڪمل طريقيڪار واضح ٿي سگهي. اهڙي تقابلي جائزي لاءِ آلڊ جي چوٿين ايڊيشن [7] مان حوالا پيش ڪجن ٿا، جيڪا جسل جي آخري جلد کان رڳو هڪڙو سال پوءِ يعني سن 1989ع ۾ شايع ٿي. هن جائزي منجهہ نہ رڳوجسل ۾ رهجي ويل ڪِن غلطين جي نشاندهي ٿيل آهي، پر انهن بنيادي نظرياتي ڪمزورين جي نشاندهي بہ ٿيل آهي، جيڪي ڪيترين ئي سرشتيوار چُڪُن Systemic Errors جو سبب بڻيون آهن. تاهم هن مقالي ۾ بحث جو مرڪز گهڻو ڪري اسم، صفتون ۽ ظرف رهيا آهن، جڏهن تہ فعلن جو احاطو بلڪل بہ ڪيل نہ آهي. جسل جي هن تجزياتي مطالعي دوران منهنجي مطالعي ۾مسائل ڪوش [8] ۽ پرمانند ميوارام جي سنڌي–انگريزي لغت [9] پڻ رهيون، ۽ پنهنجي موقف جي تائيد لاءِ مون سائل ڪوش [8] مان پڻ حوالا پيش ڪيا آهن، جيڪي گهڻو ڪري جدول 1، جدول 2، ۽ جدول 4 ۾ ملن ٿا.

سنڌي ٻوليءَ جي پيٽ ۾ انگريزي ۽ ٻين ترقي يافتہ ٻولين ۾لغتون جوڙڻ جي روايت نہ رڳو تمام گهڻي پختي آهي، بلڪ ڪيترن ئي قسمن جون لغتون تواتر سان مختلف لغت نويس جوڙيندا رهن ٿا. جهڙيءَ ريت انهن کي شايع ڪندڙ ادارن جي بہ ڪا کوٽ نہ آهي، تهڙيءَ ريت انهن تي تنقيد ڪندڙن جي بہ ڪا ڪمي نہ آهي. مختلف قسمن جي لغتن تي مختلف مقصدن سان ٿيندڙ تنقيدون شايع ٿينديون رهن ٿيون ۽ مختلف نقادن وٽ تنقيد جو محور مختلف نڪتا رهندا اچن. جيتوڻيڪ لغتن تي تنقيد جا ڪي بہ معياري نڪتا طَي ٿيل نہ آهن[10]، هن مقالي اندرتنقيد جو محورطريقيڪار methodology، وياڪرڻ درجيبندي grammatical encoding، معنوي وسعت sense discrimination، ۽ تشريحي گهرائيءَ depth of description رهندا.

## طريقيڪار

جامع سنڌي لغات (جسل) جي پهرين جلد جي انگريزي مهاڳ ۾ ڏنل ببليوگرافيءَ مان ظاهر آهي تہ جسل جي تياريءَ ۾ ٽن قسمن جي ذريعن مان استفادو ڪيل آهي: 1) اڳوڻيون لغتون، 2) وياڪرڻ جا ڪتاب، ۽ 3) ڀاڪاتي

۾ شعري مجموعا. ان مان اندازو ٿئي ٿو تہ لغتسازيءَ جي سموري طريقيڪار ۾ نثر بالخصوص جديد نثر گهٽي ياڳي نظرانداز ٿيل آهي. جيتوڻيڪ جسل جي مهاڳ ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ اڳوڻين لغتن ۾ انهن مان لفظ گڏ ڪرڻ جو ذڪر ڪيو آهي، مگر جسل جي ڳوڙهي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ لغت نويس ٻين لغتن ۾ ڏنل لفظن، انهن جي وياڪرڻ ۾ معنائن مان اجا ڪيترو ئي فائدو حاصل ڪرڻ کان رهجي ويو آهي.

غورَ هيٺ آيل ذريعن ۾ افسانوي، نہ ئي غير افسانوي يا سائنسي ادب شامل آهي،جنهن سبب سماجي سائنس توڙي فطري سائنس جا ڪيترائي عام مروج اصطلاح جسل ۾ غير موجود آهن. ان جا ٿورا مثال "جيوَ گهرڙو"، "ايٽم"، "وينجن"، "سماجواد"، "جدليات"، ۾ "ماديت" آهن. جيتوڻيڪ ڪتاب جي مهاڳ ۾ 450 ڪتابن کي ڪوش سازيءَ جي ذريعي ۾ شامل ڪرڻ جو ذڪر ملي ٿو مگر ڪيترن ئي لفظن جي عدم موجودگيءَ مان اندازو ٿئي ٿو تہ انهن مان ڪي ٿورا ئي نثر تي مشتمل هوندا. جيڪو نثر شامل هوندو، سو بہ گهٽو ڪري سماجي يا فطري سائنس جي موضوعن کان پري ٿو ڏسجي. جسل ۾ شامل ڪيترن ئي لفظن جي سائنسي معنيٰ شامل نہ آهي. مثال طور "گاٽ" جي عام معنيٰ تہ شامل آهي (جلد 5، صفحو 2276)، پر سائنسي فهم شامل نہ آهي. ان جي ڀيٽ ۾ آلڊ [7] ۾ friction جي عام معنيٰ بہ شامل آهي تہ سائنسي فهم توڙي مثالي جملو بہ هيٺينءَ ريت شامل آهي.

Resistance of one surface or thing against another surface or substance that moves over it: *The force of friction affects the speed at which spacecraft can re-entre the earth's atmosphere.*

اها روڪ يا مزاحمت، جيڪا هڪ مٿاڇري کي ٻئي مٿاڇري تي گسائڻ ۾ پيش اچي: *ذرتيءَ جي وايومنڊل ۾ ٻيهر داخل ٿيڻ وقت خلائي گاڏيءَ جي رفتار تي گاٽ جو زور اثر انداز ٿئي ٿو.*

اهڙو هڪڙو ٻيو مثال لفظ "بلور" آهي. جسل جي جلد 1 جي صفحي نمبر 335 تي ان لفظ جون معنائون "تلهو چمڪندڙ ۾ شفاف شيشو". Crystal شيشي جي گولي—چِڏو" ڏنل آهن. ان ۾ بلور جي سائنسي معنيٰ شامل نہ آهي، جنهن جو انگريزي لفظ lens آهي. آلڊ منجهہ لفظ lens جون بہ معنائون هيٺينءَ ريت ڏنل آهن.

i. Piece of glass or other transparent material with one or more curved surfaces used to make things appear clearer, larger or

smaller when viewed through it, and used in spectacles, cameras, telescopes, etc.
ii. Transparent part of the eye, behind the pupil, that focuses light.

بلور جون اهي معنائون بہ ڄاڻائڻ گهرجن، ڇاڪاڻ تہ سائنس جي سنڌي ڪتابن ۾ لفظ بلور lens جي معنيٰ ۾ استعمال ڪيل آهي. جيتوڻيڪ جسل معنائن ۾ انگريزي لفظ crystal ڄاڻايو آهي، پر لفظ lens ۽ ان جي معنيٰ کي مڪمل طور نظرانداز ڪيو آهي. ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ، سنڌي ۾ شايع ٿيل رياضي ۽ سائنس جي ڪتابن ڏانهن لغت نويس جو ڌيان بلڪل بہ نہ ويو هو. آلد جي طرز تي سنڌيءَ ۾ بلور جون معنائون هيٺينءَ ريت سادي طريقي سان ڄاڻائي سگهجيون پئي:

i. شيشي يا ڪنهن بہ ٻئي شفاف مادي مان ٺهيل مڙهيل مٿاڇرا، جن جي مدد سان روشني کي موڙيندي يا ڪنهن نڪتي تي مرڪوز ڪندي عينڪ، ڪيميرا، يا ڏوربيڪ وغيره ۾ شين کي ڇڱو ننڍو يا وڏو ڪري ڏسجي ٿو.

ii. اکِ جو ٻاهريون پردو، اکِ جِي ماڻڪيءَ (پُتِليءَ) جي پويان وارو شفاف حصو جيڪو روشنيءَ کي مرڪوز ڪندي، ڇتي بينائيءَ کي يقيني بڻائي ٿو.

سڀ کان وڌ قابل ذڪر ڳالھ اها بہ آهي تہ، ان لغت پنهنجو پاڻ کي بہ ڪوش جي ذريعي طوراستعمال نہ ڪيو آهي. مطلب تہ لغت ۾ انهن لفظن جي معنيٰ بہ ڏنل نہ آهي، جيڪي لفظ ان لغت جي ئي ابتدائي صفحن يا مهاڳ ۾ موجود آهن. اهڙن لفظن جي مثال ۾ "اندازاً"، "بسعي"، "سببان"، "سرچشمو"، "موڪيو" اچي وڃن ٿا. ويندي لغت جي عنوان ۾ موجود لفظ "لغات" جي بہ معنيٰ لغت جي اندر نہ ٿي ملي آلد لاءِ لفظيات سهيڙڻ خاطر ڪنو ڪيل ٽيڪسٽ ڪوش Text Corpus ۾ اخبارون، رسالا، ويب سائيٽس، بلاگس، افسانوي ۽ غير افسانوي ڪتاب، ۽ ٽي وي/ريڊيو پروگرامن جا ٽرانسڪرپٽس شامل آهن. انَ ڪوش ۾ ڪو بہ شعري مجموعو شامل نہ آهي. جدول 1 ۾ ڪن چند عام مروج لفظن جا مثال پيش ڪجن ٿا، جيڪي جسل ۾ شامل نہ آهن.

جدول 1: عام مروج پر جسل ۾ اندراج کان رهجي ويل لفظ

| شمار نمبر | لفظ | وياڪرڻ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| 1 | اٽندي ويهندي | ظرف | بار بار، هر لمحي، هر موقعي تي |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 2 | ايندي ويندي | ظرف | هر پيري، هر پيري سامهون اچڻ تي |
| 3 | ٻڪارِڻ | اسم | ٻڪاري جو مونث، پنڻ واري عورت [8] |
| 4 | پَلُ | اسم مذڪر | گھڙيءَ جو سٺون حصو دم، سيڪنڊ، چوويهن لمحن جو عرصو. ڪن ساعت، ٿوري دير ،پلڪ، گھڙي، اک ڇنڀ جو عرصو [8] |
| 5 | پُلِ / پُلُ | اسم مونث | ندي پار ڪرڻ لاءِ ٺلهن تي بيٺل پڪو رستو [8] |
| 6 | جتي ڪٿي | ظرف | هر هنڌ تي، هر جاءِ تي |
| 7 | ڏوبڙ / ڏوبياٽي | اسم مونث | ڪٽياٽي، پرٽياٽي [8] |
| 8 | ساڻس | اضافتي ضمير | هن سان |
| 9 | ساڻن | اضافتي ضمير | هنن سان |
| 10 | گيس | اسم | هوا نما مادو. جيڪو پاٽياٺ آهي نہ نهرو. |
| 11 | ڪانئس | اضافتي ضمير | هن کان |
| 12 | ڪانئن | اضافتي ضمير | هنن کان |
| 13 | مار منجهار | حرف ندا | حد ٿي وئي! (تعجب جي اظهار لاءِ) |
| 14 | ماهِڻ | اسم | ”ماهِي“ جو مونث |
| 15 | مٿس | اضافتي ضمير | هن جي مٿان |
| 16 | مٿن | اضافتي ضمير | هنن جي مٿان |
| 17 | هر وقت | ظرف | هر لمحي ۾، هر پل ۾، هر موقعي تي |
| 18 | هر هنڌ | ظرف | هر جاءِ تي |
| 19 | هِڪَ هِڪاڙِي | اسم | آخري فيصلو |

جسل جي تياريءَ ۾ لفظن جي ريجنل ويرائٽي يعني ننڍ لهجن جي لفظي ذخيري تي خاص ڌيان ڏريل آهي. ان جو اندازو ان ڳالهہ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ، سنڌ جي مختلف علائقن مان لفظيات سهيڙڻ جي مقصد سان معاون ٽيم جوڙي وئي. ان نتيجي ۾لفظن جوتمام وڏو تعداد گڏ ٿيو آهي. پر ان ۾ هڪڙو ڪثير تعداد اسم خاص لفظن جو آهي، جن ۾ ديهُن، ذاتيُن، ۽ قبيلن جا نالا شامل آهن. منهنجي محتاط اندازي مطابق جسل ۾ درج ٿيل لفظن جو گهٽ ۾ گهٽ 10 سيڪڙو اسم

خاص آهي. اسم خاص جو اهو غير معمولي انگ سڪياتي لغتَ جي رواجي خاصيتن وٽان نہ آهي. جيتوڻيڪ سڪياتي لغتن ۾ اسم خاص کي شامل ڪرڻ وارو معاملو بحث جو موضوع رهندو اچي، پر ان ڳالهہ تي گهٽي ياڱي اتفاق آهي تہ جيڪڏهن اسم خاص شامل ڪجن بہ تہ ڪي ٿورڙا مخصوص اسم خاص ئي شامل ڪجن. مثال طور، جڳ مشهور آلبر ۾ ڪو بہ اسم خاص نہ ٿو ملي. ان کان سواءِ ڪنهن سڪياتي لغتَ جو مقصد زبان جي معياري استعمال کي تقويت ڏيڻ هوندو آهي، جنهن سبب عموماً ان ۾ نندڙ لهجن جا لفظ نظر انداز ٿيل هوندا آهن.

سڀ کان اهم قابل ذڪر ڳالهہ اها آهي تہ لفظن جو ذخيرو ڪرڻ جي مقصد سان جيڪا معاون ٽيم جوڙي وئي، تن ۾ وچولي سنڌ يعني حيدرآباد ۽ نوابشاهہ جا علائقا نظر انداز ٿيل هئا. لغت نويسيءَ جي اهم ترين ۽ پيچيده ڪمَ کي تمام ڳوڙهي ۽ توسيعي ڇنڊڇاڻ جِي ضرورتَ هوندي آهي. اهو ئي سبب آهي جو عام طور ڪنهن لغتَ جا ڪيترا ئي لغت نويس هوڻ باوجود انَ کي سنوارڻ سڌارڻ لاءِ هڪ کان وڌيڪ ايڊيٽرس ٽيم جو حصو بڻبا آهن. ان جي ابتڙ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جسل جو اڪيلو لغت نويس هوڻ باوجود بہ ڪنهن ٻئي ماهر کي ايڊيٽر واريون خدمتون سرانجام ڏيڻ جو موقعو فراهم نہ ڪيو. ايڊيٽنگ جي عدم موجودگيءَ سبب لغت ۾ ڪيتريون وڏيون غلطيون رهجي ويون آهن، جن ۾ غير درست معنائون، اڻ پوريون معنائون هجڻ کان سواءِ وياڪرڻ جي درجيبنديءَ واريون غلطيون پڻ شامل آهن.

## وياڪرڻ

وياڪرڻ جي مناسبت سان لفظن جي درجيبندي ڪرڻ لغت جو اهم ترين ڪارج آهي. سڪندڙ کي سڀ کان اڳ ۾ ان ئي ڄاڻ جي ڳولا هوندي آهي. جسل ۾ بہ لفظن جي اڳيان انهن جو وياڪرڻ وارو لفظ ڄاڻايل آهي. پرڪيترين ئي جاين تي اها درجيبندي غير درست ڪيل آهي. جسل ڪٿي اسم کي صفت، ڪٿي صفت کي ظرف، ۽ ڪٿي تہ ويندي صفت ۽ ظرف کي اسم ڄاڻايو آهي. مثال طور، جُلد 2، صفحي 272 تي لفظ ”پيڪو جمع پيڪا“ کي صفت ڄاڻايل آهي، جڏهن تہ اهو اسم آهي، جنهن مان صفت ”پيڪاڻو جمع پيڪاڻا“ ٺهي ٿو. ان جو ٻيون مثال صفت لفظ ”جاري ساري“ (جُلد 2،صفحو 279) آهي، جيڪو لغت ۾صرف ظرف ڄاڻايل آهي، جڏهن تہ معنائون صفت (رواجي-دستوري) توڙي ظرف واريون (عام جام– سنئون سڌو– بنا روڪ چالو) ڄاڻايل آهنس.

ڪنهن بہ زبان وانگي سنڌيءَ ۾ بہ هڪڙو ئي لفظ ڪيترين ئي معنائون ۽ وياڪرڻ جي لحاظ کان ڪيترا ئي ڪارج رکي ٿو. اهڙن لفظن جي معاملي ۾ جسل ڪيترن ئي لفظن جو رڳو هڪڙو ئي وياڪرڻ ٻڌائي ٿي، يا ڄاڻايل وياڪرڻ جي لحاظ کان غير درست معنيٰ ڄاڻائي ٿي. ڪٿي ظرف ڄاڻائي اسم واري معنيٰ ڏنل آهي، ڪٿي ظرف کي صفت ڄاڻايل آهي، ڪٿي صفت کي ظرف ڄاڻايل آهي، تہ ڪٿي صفت ڄاڻائي ظرف جون معنائون ڏنل آهن. اهڙن مثالن ۾ لفظ "جاريساري" (جلد 2، صفحو 272) ۽ "جاڙ" (جلد 2، صفحو 279). سموري لغت وياڪرڻ جي حساب سان درجي بنديءَ جي اهڙين غلطين سان ڀري پئي آهي. جدول 2 ۾ اهڙا ڪي ٿورڙا مثال پيش ڪجن ٿا، ۽ موازني لاءِ سائل ڪوش [8] مان حوالا پڻ پيش ڪجن ٿا.

**جدول 2: اهي لفظ جن جي وياڪرڻ واري درجيبندي غير درست ڏنل آهي.**

| شمار نمبر | لفظ | ڄاڻايل وياڪرڻ | جلد | صفحو | درست وياڪرڻ (صفحو) |
|---|---|---|---|---|---|
| 1 | اَٽڪَلَ | اسم | 1 | 113 | اسم، ظرف [8]، (16) |
| 2 | اجايو | صفت | | 125 | صفت، ظرف [8]، (20) |
| 3 | الاهي (تمام، تمام گهڻو جهجهو) | صفت | | 210 | صفت، ظرف |
| 4 | اوچتو | ظرف | | 247 | صفت، ظرف [8]، (49) |
| 5 | بہ | حرف جملو | | 278 | ظرف [8]، (56) |
| 6 | پيش (آڏو، اڳيان، سامهون) | ظرف | 2 | 271 | حرف جر، صفت |
| 7 | جاري ساري | ظرف | | 279 | صفت |
| 8 | جاڙ (اجايو بي سبب) | صفت | | 279 | ظرف [8]، (176) |
| 9 | ڇڏو پاڏو | محاورو | 3 | 1067 | صفت، ظرف [8]، (219) |
| 10 | سال بسال | صفت | 4 | 1540 | ظرف [8]، (302) |
| 11 | غائب | ظرف | | 1857 | صفت [8]، (361) |
| 12 | ڪو | ظرف | | 2147 | ضمير [8] (403)، صفت (_) |
| 13 | ڪيترو، ڪيترا | اسم | | 2183 | صفت [8] (409)، ظرف (_) |

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| 14 | مٿان | ظرف، صفت | 5 | 2591 | حرف جر، ظرف [8] (475) |
| 15 | مُدامِي | ظرف | | 2624 | ظرف، صفت [8]، (481) |
| 16 | مفت | صفت | | 2670 | صفت، ظرف [8]، (490) |
| 17 | وَرِي | – | | 2946 | ظرف [8]، (544) |
| 18 | هروڀرو | – | | 3036 | ظرف [8]، (564) |
| 19 | هيٺان | ظرف | | 3072 | حرف جر، ظرف |

لفظ ”الاهي“ کي جسل [1] توڙي سائل ڪوش [8] رڳو صفت ڄاڻايو آهي، پر اهو ظرف پڻ آهي. هيٺ هڪڙو جملو صفت ۽ ٽي جملا ظرف جا مثال طور پيش ڪجن ٿا.

صفت: *مون کي الاهي ڏپ پيو لڳي.* هتي ”الاهي“ اسم لفظ ”ڏپ“ جي خاصيت آهي، تنهنڪري اهو صفت آهي.

ظرف: *آئون الاهي ڏڄان ٿو.* هتي ”الاهي“ فعل ”ڏڄڻ“ جي خاصيت آهي، تنهنڪري اهو ظرف آهي.

*آئون الاهي ڏڄڻو آهيان.* هتي ”الاهي“، صفت ”ڏڄڻو“ جي خاصيت آهي، تنهنڪري اهو ظرف آهي.

*هوا الاهي تيز پئي لڳي.* هتي لفظ ”الاهي“، ظرف ”تيز“ جي خاصيت آهي، تنهنڪري اهو ظرف آهي.

ساڳيءَ ريت جسل [1]، سائل ڪوش [8] (صفحو 167)، توڙي پرمانند جي سنڌي انگريزي لغت [9] (صفحو 159) لفظ ”پيش“ کي ظرف ڄاڻايو آهي. تاهم انهن مان ڪنهن به ظرف طور جملي ۾ استعمال ڪري نہ ڏيکاريو آهي. سائل ڪوش ان جون معنائون *آڏو اڳيان ۽ سامهون* ڄاڻايون آهن. پر انهن معنائن کي سائل ڪوش صفحي 4 تي حرف جر ڄاڻايو آهي. منهنجي راءِ ۾ سنڌي جملن اندر ”پيش“ لفظ اڪيلي صورت ۾ صفت طور استعمال ٿيندو آهي، جنهن جي معني ”حاضر“ [صفت] آهي.

مثال طور:

i. *توهان جي خدمت ۾ پيش آهي.*

*ii. هن کي منهنجي آڏو پيش ڪريو.*

انهن جملن ۾ ”پيش“ جي جاءِ تي انهن معنائن يعني ”آڏو، اڳيان، سامهون“ مان ڪجهه به رکي نه ٿو سگهجي، مگر انهن جملن ۾ ”پيش“ جي جاءِ تي ”حاضر“ رکي ڏسبو ته جملا بامعنيٰ محسوس ٿيندا. جڏهن ته جسل ۾ لفظ ”حاضر“ صفت ڄاڻايل آهي.

جسل [1] لفظ ”جاري“ کي صفت جڏهن ته ٻئي لفظ ”جاري ساري“ کي ظرف ڄاڻايو آهي، ان جي معنيٰ ”عام جام“ ڄاڻائي آهي ۽ ان لاءِ ڪو به مثالي جملو لکي پيش ڪو نه ڪيو آهي. منهنجي ذهن ۾ اهڙو ڪو به جملو نه ٿو اچي جنهن مان ”جاري ساري“ جو مطلب ”عام جام“ نڪرندو هجي يا ظرف طور ڪم اچي سگهي، نه ئي مون کي اهڙو ڪو مثال موجوده ادب ۾ مليو ٿو. لغت نويس ”چڙهو پاڙهو“ [صفت] کي محاورو ڄاڻائي ٿو جيڪو يقيناً درست ناهي. ياد رهي ته محاورو ننڍو پر مڪمل جملو هوندو آهي، جنهن ۾ فعل جو لازمي استعمال ٿيل هوندو آهي. حوالي خاطر سائين سنتداس پنهون مل ڪشناڻيءَ جي محاوراتي لغت ڏسي سگهجي ٿي [11]. جسل جي جلد 5، صفحي 2616 تي پڙ محاوري جي معنيٰ هيٺينءَ ريت ڏنل آهي:

علم نحو موجب اهو جملو جنهن جي لفظي معنيٰ هڪڙي هجي ته ڪنايتاً معنيٰ ٻي هجي. مثلاً اکيون پُورڻ، بيشرم ٿيڻ، ٻڏي مرڻ وغيره.

جسل لفظ ”ڪو“ [ضمير، صفت] کي ظرف ڄاڻائي ٿي. سائل ڪوش [8] ۽ پرمانند جي لغت [9] ”ڪو“ کي رڳو ضمير ڄاڻايو آهي، پر آئون هيٺ به مثالي جملا پيش ڪري سمجهائيندس ته ڪهڙيءَ ريت ساڳيو لفظ ”ڪو“ هڪڙي جملي ۾ ضمير آهي ته ٻئي جملي ۾ صفت آهي.

i. در تي ڪو آيو آهي.
ii. تنهنجو ڪو دوست آيو آهي.

پهرين جملي ۾ ”ڪو“ جي جاءِ تي ڪو به اسم خاص اچي سگهي ٿو جهڙوڪ ”در تي اسلم آيو آهي.“ مطلب ته پهرين جملي ۾ ”ڪو“ اسم خاص جي جي جاءِ والاري ٿو تنهنڪري اهو ضمير آهي. جڏهن ته ٻين جملي ۾ اهو ”دوست“ [اسم] جي خاصيت جهڙوڪ ”ڪو به“، ”اڻڄاتل“، وغيره کي ظاهر ڪري ٿو. تنهنڪري ٻين جملي ۾ ”ڪو“ صفت آهي. پر ”ڪو“ ظرف ته هرگز به نه آهي.

جسل لفظ ”ڪيترو“ کي اسم ڄاڻايو آهي، جڏهن ته سائل ڪوش ان کي رڳو صفت ڄاڻايو آهي. در حقيقت اهو لفظ صفت به آهي ته ظرف به. مشهور چوڻي

”وچڻ وارا مهمان، ڪنهن وٽ ڪيترو ترسندا؟“ ۽ ”رهي رهندا ڪيترو جي وچان وچان ڪن“ ۾ ان جي معنيٰ ”ڪيستائين يا ڪيتري دير“ [ظرف] آهي.

جسل ۾ لفظ ”وَرِي“ جي ڪا بہ وياڪرڻ درجي بندي ڄاڻائڻ کان سواءِ ظرف واريون معنائون ڄاڻايل آهن. جيتوڻيڪ سائل ڪوش [8] ان کي درست طور ظرف ڄاڻايو آهي، پر جسل وانگي سائل ڪوش بہ انجي هڪڙي ئي معنيٰ يعني ”ٻيهر“ ڄاڻائي آهي. جڏهن تہ ان جي ٻي اهم معنيٰ ”انجي ابتڙ، اٿلندو هرويرو“ آهي، جيڪا انهن لغتن مان ڪنهن بہ نہ ڄاڻائي آهي. هيٺ ان معنيٰ جو مثالي جملو پيش ڪجي ٿو.

*تڪڙ ڪري نقصان پاڻ ڪيائين، الزام وري مون تي پيو هڻي.*

پرمانند [9] جو حوالو ڏيندي جسل لفظ ”مٿان“ کي صفت بہ ڄاڻايو آهي. پر در حقيقت پرمانند [9] ان کي حرف جر ۽ ظرف ڄاڻايو آهي. ان کان سواءِ پرمانند ظرف جو مثالي جملو پڻ پيش ڪيو آهي. لفظ ”هرويرو“ جي اڳيان جسل ۾ وياڪرڻ واري درجي بندي ڪيل ئي نہ آهي. تاهم لغت ۾ ”هرويرو“ جو جمع ”هرويرو“ ڄاڻايل هوڻ مان اندازو ٿئي ٿو تہ لغت نويس ان کي صفت طور پيش ڪيو آهي، جڏهن تہ اهو لفظ ظرف آهي.

جسل [1] ۽ سائل ڪوش [8] (صفحو 572) لفظ ”هيٺان“ کي ظرف ڄاڻايو آهي، جڏهن تہ پرمانند جي سنڌي انگريزي لغت [9] (صفحو 660) ان لفظ جي معنيٰ ئي نہ ڄاڻائي آهي. مگر ”هيٺان“ يقيناً ظرف کان سواءِ حرف جر بہ، جيڪو هيٺ ڏنل مثالن مان ثابت ٿئي ٿو.

i. [حرف جر] *منهنجي جتي پلنگ هيٺان پئي آهي.*

ii. [ظرف] *هن هيٺان سڏيو.*

حرف جر سان تڪيو object لازمي هوندو آهي. پهرين مثالي جملي ۾ ”هيٺان“ [حرف جر] جو تڪيو object ”پلنگ“ آهي. تنهنڪري ان جملي ۾ ”هيٺان“ جو لفظ حرف جر آهي. جڏهن تہ ٻين مثالي جملي ۾ ”هن“ [فاعل] کانپوءِ ”هيٺان“ [ظرف]، ۽ ان جي پويان ”سڏيو“ [فعل] اچي ٿو. ٻين جملي ۾ ڪوبہ تڪيو object نہ آهي، تنهنڪري اتي ”هيٺان“ ظرف آهي.

## اسم ۽ ظرف ۾ عدم تفريق

جسل اندر سرشتيوار Systemic غلطين جو هڪڙو سبب ظرف ۽ اسم ۾ تفريق ڪري نہ سگهڻ آهي. ان جا ڪي ٿورا مثال هيٺ پيش ڪجن ٿا.

i. جُلد 1، صفحي 128 تي لفظ "اڄ" کي لغت رڳو ظرف ڄاڻائي ٿي، جڏهن ته اهو لفظ اسم پڻ آهي. پر تعجب جي ڳالهه اها آهي ته "ظرف" ڄاڻائڻ جي باوجود معنيٰ وري اسم واري يعني "هلندڙ ڏينهن" ڏنل آهي. نه رڳو ايترو بلڪ جيڪو مثالي جملو پيش ڪيل آهي، *"اڄ جو ڪم سڀاڻ تي نه رکجي"* تنهن ۾ پڻ "اڄ" جي معنيٰ ظرف بجاءِ اسم واري آهي. "اڄ" [ظرف] واري معنيٰ "هلندڙ ڏينهن دوران" يا "هلندڙ ڏينهن تي" ٿيندي ۽ ان جو مثالي جملو *"تون مون سان اڄ ئي مل"* ٿي سگهي ٿو.

ii. ساڳيءَ ريت جلد 4، صفحي 1564 تي "سڀاڻو" کي ظرف ڄاڻائيندي، ان جون اسم معنائون "سڀاڻي وارو ڏينهن، صبح، پرڀات، فجر" ڄاڻايل آهن. ساڳي صفحي تي "سڀاڻي" کي لغت رڳو ظرف ڄاڻائي ٿي، جڏهن ته اهو لفظ اسم پڻ آهي، جنهن جو مثالي جملو *"سڀاڻي جي پرواهه ڇڏي، اڄ ۾ جيئڻ سکو"* ٿي سگهي ٿو.

iii. بلڪل ايئن ئي جلد 4، صفحي 1986 تي لفظ "ڪالهه" کي جسل رڳو ظرف ڄاڻائي ٿي. جڏهن ته ان ۾ پهرين اسم واريون معنائون يعني "گذريل ڏينهن"، "اڄ کان اڳيون ڏينهن"، ۽ پوءِ ظرف جي معنيٰ "گذريل ڏينهن تي" پيش ڪري ٿي. ڇوڙ جو مطلب ته "اڄ"، "سڀاڻي"، ۽ "ڪالهه" جهڙن لفظن منجهه لغت نويس ظرف ۽ اسم معنائن درميان تفريق ڪندي، مونجهاري جو شڪار رهيو آهي.

ان جي ڀيٽ ۾ آلڊ [7]، صفحي 1349 تي today جون اسم توڙي ظرف واريون معنائون هيٺينءَ ريت ڏئي ٿي.

i. Today *n,* this day: ***Today** is my birthday*.
ii. Today *n*, the present period or age: *the young people of **today***
iii. Today *adv*, on this day: *we are leaving **today***
iv. Today *adv*, at the present period or age: *women **today** no longer accept such treatment.*

ساڳي انگريزي–انگريزي لغت [7] ۾ صفحي 1350 تي tomorrow جون اسم توڙي ظرف واريون معنائون هيٺينءَ ريت ڏئي ٿي.

i. tomorrow *n*, the day after today: *today is Tuesday, so **tomorrow** is Wednesday*.
ii. tomorrow *n*, near future: *Who know what changes tomorrow may bring? **tomorrow's** world*

iii. tomorrow *n*, (idm) the day after tomorrow
iv. tomorrow *adv*, on the day after today: *she is getting married* ***tomorrow***.

ساڳيءَ ريت 1486 صفحي تي مذڪوره انگريزي-انگريزي لغت yesterday جون اسم توڙي ظرف واريون معنائون هيٺينءَ ريت ڏنيون ويون آهن.

i. yesterday *n*, the day before today: ***yesterday*** *was Sunday*.
ii. yesterday *n*, the recent past: all our yesterdays. dressed in ***yesterday's*** *fashion*
iii. yesterday *adv*, on the day just past / on the day before today: *he arrived only* ***yesterday***.

## اسم ۽ صفت ۾ عدم تفريق

لغت نويس ڪيترين ئي جاين تي اسمن کي صفت ڪري ڄاڻايو آهي. پر اهي غلطيون نه محض بي ڌيانيءَ واري ڀل چڪ سبب نه ٿيون آهن، بلڪ ان پنيان اسم ۽ صفت درميان تفريق ڪرڻ ۾ سرشتيوار Systemic ناڪامي آهي. جهڙيءَ ريت "هلندڙ" صفت آهي، پر "هلندڙ ڏينهن"، "هلندڙ زمانو" اسم آهي، ساڳيءَ ريت "ڄاڻندڙ" ضرور صفت آهي، پر "ڄاڻندڙ فرد" يعني "عالم" اسم آهي. بدقسمتيءَ سان جسل اندر تمام وڏي تعداد ۾ اسم لفظ بالخصوص مختلف پيشن سان وابسته فرد جهڙوڪ "آبادگار"، "ٽپالي"، "چوڪيدار"، "ڌوٻي"، "ساٿي"، "ڪتي"، "ماڇي"، "ماهيگير"، "ملاح"، "موچي"، ۽ "هاري" بطور صفت ڄاڻايل آهن. جدول 3 ۾ انهن مان ڪي چند لفظ ۽ آلڊ [7] مان انهن جا انگريزي بدل پيش ڪجن ٿا. ترت حوالي خاطر ٻنهي لغتن جا صفحا نمبر پڻ ڄاڻايل آهن.

ڏسي سگهجي ٿو ته مختلف پيشن سان وابسته جن پيشه ورن کي جسل صفت ڪري ڄاڻايو آهي، آلڊ منجهه تن جا انگريزي بدل اسم ڄاڻايل آهن. ان کان سواءِ پروفيسر سترام داس جي "سائل ڪوش" [8] ۾ پڻ اهي لفظ اسم ئي ڄاڻايل آهن.

1755ع ڌاري شايع ٿيل سيميوئل جانسن جي انگريزي-انگريزي لغت [2] ۾ به اهڙيون غلطيون نه ٿيون ملن. لغت [2] جي پهرين جلد ۾ ڏسي سگهجي ٿو ته beggar، fisher ۽ fisherman جهڙا لفظ اسم ڄاڻايل آهن. ان کان سواءِ

1910ع ۾ شايع ٿيل پرمانند ميوارام جي سنڌي–انگريزي لغت [9] ۾ بہ جدول 3 وارا لفظ بطور اسم ڄاڻايل آهن.

**جدول 3: جسل ۾ آلد ۾ ڄاڻايل مختلف پيشا**

| شمار نمبر | جامع سنڌي لغات: صفت ڄاڻايل لفظ | جامع سنڌي لغات: جلد (صفحو) | Oxford Advanced Learner's Dictionary: Page | Oxford Advanced Learner's Dictionary: English noun word |
|---|---|---|---|---|
| 1 | آبادگار | 1 (21) | 552 | Grower |
| 2 | بکاري | 1 (328) | 95 | Beggar |
| 3 | ٽپالي | 2 (136) | 966 | Postman |
| 4 | چوڪيدار | 2 (390) | 1438 | Watchman |
| 5 | ڌوٻي | 3 (1286) | 705 | Launderer / laundress |
| 6 | ساتِي | 4 (1528) | 460 | Fishermonger |
| 7 | شيشگر | 4 (1792) | 525 | Glass-blower |
| 8 | ڪتي | 5 (2213) | 705 | Launderer / laundress |
| 9 | ماڇي | 5 (2561) | 460 | Fisherman |
| 10 | ماهيگير | 5 (2580) | 460 | Fisherman |
| 11 | ملاحُ | 5 (2683) | 121, 1139, 1440 | Boatman, Seaman, waterman |
| 12 | موچِي | 5 (2722) | 1172 | Shoemaker |
| 13 | هارِي | 5 (3006) | 440, 911 | Farmer, peasant |

جيئن ته ٽيڪ جسل ۾ ”پرنسيپالُ“ جي معنيٰ ڪاليج جو سنڀاليندڙ ڄاڻايل آهي (جلد 2، صفحو 220)، تاهم درست اسم معنيٰ ”ڪاليج کي سنڀاليندڙ فرد“ ٿيندي. انهن پيشن کان سواءِ ٻيا بہ انيڪ اسم لفظ جسل اندر صفت ڄاڻايل آهن، جن مان ڪي ٿورا مثال جدول 4 ۾ پيش ڪجن ٿا. جدول 4 ۾ جسل جي ڄاڻايل معنيٰ بہ پيش ڪجي ٿي تہ درست معنيٰ بہ پيش ڪجي ٿي. ممڪن آهي تہ انهن مان ڪي لفظ اسم کان علاوه صفت طور پڻ استعمال ٿيندا هجن، جنهن جي

وضاحت مثالي جملا پيش ڪرڻ کان پوءِ ئي ٿي سگهندي. پر جسل ۾ اهڙن لفظن کي رڳو صفت ڄاڻايل آهي ۽/يا معنائون صرف صفت واريون ئي ڄاڻايل آهن. جيڪي غير درست آهن.

**جدول 4: اهڙا اسم جيڪي جسل ۾ صفت ڄاڻايل آهن.**

| شمار نمبر | لفظ | جلد | صفحو | ڄاڻايل معنيٰ [صفت] | درست معنيٰ [اسم] (صفحو) |
|---|---|---|---|---|---|
| 1 | آبادگار | 1 | 21 | ويران زمين کي آباد ڪندڙ– زمين پوکيندڙ ڪڙمي– هاري وسندڙ –رهندڙ ـ آبادڪار. | زمين کي آباد ڪندڙ فرد: [8] (1) |
| 2 | آهوڙو | | 87 | جنڊ کي آهوڙيندڙ– کهروڪندڙ | آهوڙيندڙ شَي، آهوڙيندڙ اوزار پٿر کي ٽُڪڻ جو اوزار [8] (12) |
| 3 | ٻِڪاري | | 328 | خيرات وٺندڙ | خيرات وٺندڙ مرد/خيرات وٺندڙ فرد |
| 4 | ڀاڄيءَ وارو | 2 | 6 | سبزي وڪڻندڙ– بقال | ڀاڄي وڪڻندڙ مرد "بقال" اسم آهي: [8]، (67) |
| 5 | پيڪا | | 272 | والدين جي طرف جو– پيءُ ماءُ جو گهر يا پاسو مائٽاٽو– اباڻو ساهرو جو ضد | ڪنهن بہ پرڻيل عورت جي ماءُ پيءُ جو گهر [8]، (167) |
| 6 | ڇاڙو | 3 | 1053 | نار ۾ ڪم ايندڙ هڪ ڪاٺيءَ جو نالو | ڄاڻايل معنيٰ درست، پر اسم واري آهي. |
| 7 | داسُ | | 1177 | غلام– نوڪر– ٻانهو– گولو– چاڪر | درست پر اسم معنائون: [8]، (239) |
| 8 | دبگَرُ | | 1185 | چمڙي جون ڏالون ٺاهيندڙ | دهلن ۽ نغارن جي منهن کي چم چاڙهيندڙ انسان [8]، (241) |

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| 9 | ساٽاري | 4 | 1526 | ڪچهري- چوباري - سنگت مجلس- جماعت- سيا- سماج- منڊلي- سنگت - انجمن– ميڙ- ٽولي – گروهہ | درست پر اسم معنائون: [8]، (300) |
| 10 | ساٿِڙيو | | 1527 | راند ۾ وارو هلائيندڙ | راند ۾ وارو هلائيندڙ فرد شڪار ڪي ٻاهر ڪڍندڙ (فرد) [8] (300) |
| 11 | ساٿي | | 1528 | مڇي وڪڻندڙ | مڇي وڪڻندڙ مرد: [8]، (300) |
| 12 | ساپُرسُ | | 1528 | سنت پُرش، نيڪ انسان | درست پر اسم معنائون آهن. [8]، (300) |
| 13 | شيشگر | | 1792 | شيشي مان سامان ٺاهيندڙ | شيشي جو سامان ٺاهيندڙ فرد |
| 14 | شيش محل | | 1792 | شيشي جو محل | شيشن سان سينگاريل محل [8]، (347) |
| 15 | ڪَنَرُ | 5 | 2212 | ننڍي قد واري ڪتي جو قسم | درست پر اسم معنيٰ آهي: [8]، (413) |
| 16 | گداگر | | 2294 | گدائي ڪندڙ– بيک پنندڙ - خيرات وٺندڙ | گدائي ڪندڙ فرد فقير، بيکاري: [8]، (425) |
| 17 | لاپُ | | 2453 | لهڻ جو ڄاڻو | لهڻ جي ڄاڻ رکندڙ فرد |
| 18 | ماهِي | | 2580 | مينهون چاريندڙ ميهار | مينهون چاريندڙ مرد دلبر، پريتم، جانب: [8]، (472) |
| 19 | مَدُ | | 2624 | پيئڻ لاءِ نشيدار عرق، روحاني شراب | ڄاڻايل معنائون درست پر اسم آهن. |
| 20 | مِهارُ | | 2739 | مينهون چاريندڙ ميهار، ميهر | مينهون چاريندڙ مرد |

سائل ڪوش ۾ لفظ "ماهِي" جي "ميهار" کان سواءِ ٻي معنيٰ يعني "پريتم، دلبر، جانب" پڻ ڄاڻايل آهي، جيڪا جسل ۾ ڄاڻايل نہ آهي.

لفظ ”مَدُ“ سائل ڪوش ۾ ڏنل نہ آهي. پر ان جي ”نشيدار مشروب“ ڪانسواءِ ٻي اهم معنيٰ ”سرنامو سرخي، يا عنوان“ بہ آهي، جيڪا جسل ۾ نہ ڇاٽايل آهي. ان جو مثالي جملو ڏيندو:

*نون اسڪولن جي تعمير جي مَدَ ۾ پوئين سال سنڌ حڪومت 25 ارب پاڪستاني روپيا سيڙايا.*

## صفت ۽ ظرف ۾ عدم تفريق

وياڪرڻ جي لحاظ کان ڪيل غير درست درجيبنديءَ جو ٻيون سبب صفت ۽ ظرف ۾ تفريق نہ ڪري سگھڻ آهي. ياد رهي تہ ڏيءَ اڪثر صفتن جي نہ رڳو جنس ڦيندي آهي ، بلڪ انهن جو تعداد بہ ڦيندوآهي. مثال طور ”ڏڏو“ [صفت] جو مونث ”ڏڏي“، ۽ جمع ”ڏڏا“ ۽ ”ڏڏيون“ ٿين. ساڳيءَ ريت ”ڪارو“ [صفت] مان ”ڪارا“، ”ڪاري“، ۽ ”ڪاريون“ نهن ٿا. جدول 5 ساڳي ڳالهہ تن مثالن سان پيش ڪري ٿي. انهن مثالن ۾ ”اڇو“، ”سادو“، ۽ ”مِٺو“ جا صفت لفظ پويان ايندڙ اسم جي جنس ۽ تعداد جي مناسبت سان پنهنجو گردان مٽائين ٿا.

**جدول 5: جنس ۽ تعداد پٽاندر صفتن جو گردان**

| شمار نمبر | لفظ | جنس | واحد | جمع |
|---|---|---|---|---|
| | | | تعداد | |
| 1 | اڇو | مذڪر | اڇو پنو آٽي ڏي. | اڇا لٽا پاءِ. |
| | | مونث | اڇي سلوار سبراءِ. | اڇيون چادرون وڇاءِ. |
| 2 | سادو | مذڪر | امتياز سادو ماڻهو آهي. | ٻئي ڀائر سادا آهن. |
| | | مونث | هُو سادي صورت جو مالڪ آهي. | سندس ڳالهيون ساديون آهن. |
| 3 | مِٺو | مذڪر | انبُ مِٺو آهي. | ڪيلا مِٺا آهن. |
| | | مونث | جليبي مِٺي آهي. | جليبيون مِٺيون آهن. |

صفت جي ابتڙ، ظرف جي جنس ٿئي نہ تعداد. تنهنڪري *آئون سياڻي ايندس، اسان سياڻي ايندا سين، هوءَ سياڻي ايندي ۽ هُو سياڻي ايندي‌ون* جهڙن جملن ۾ توڻي جو فعل ڦري ٿو پر ”سياڻي“ [ظرف] ساڳيو رهي ٿو. جدول 6 ساڳي ڳالهہ چئن ظرف لفظن ”تُرت“، ”هينئر“، ”پوءِ“، ۽ ”تقريباً“ جا مثال پيش ڪري ٿي. ڏسي سگهجي ٿو تہ جيتوڻيڪ فاعل جي جنس ۽تعداد جي مناسبت سان فعل تہ گردان وٺي ٿو پر ظرف پنهنجوگردان مٽائڻ کان جو آهي.

**جدول 6: مختلف جنسن ۽ تعداد سان ظرف جو استعمال**

| شمار نمبر | لفظ | | تعداد | |
|---|---|---|---|---|
| | | جنس | واحد | جمع |
| 1 | ترت | مذڪر | اهو ڪمُ ترت ٿي ويو. | هن سڀ ڪمَ ترت اُڪلايا. |
| | | مونث | هوءَ ڳالهہ ڪي ترت سمجهي وئي. | مٺايون ترت تيار ٿي ويون. |
| 2 | هينئر | مذڪر | زاهد هينئر پهتو آهي. | اسان هينئر پهتا آهيون. |
| | | مونث | گاڏي هينئر پهتي آهي. | گاڏيون هينئر پهتيون آهن. |
| 3 | پوءِ | مذڪر | هُو پوءِ سُتو. | هُو پوءِ پهتا. |
| | | مونث | هُوءَ پوءِ جاڳي. | گاڏيون پوءِ پهتيون. |
| 4 | تقريباً | مذڪر | جميل تقريباً 10هين بجي آيو. | هُو تقريباً 10هين بجي آيا. |
| | | مونث | جميل تقريباً 10 بجي آئي. | هُو تقريباً 10هين بجي آيون. |

ساڳيءَ ريت "آخرڪار"، "اٽڪل"، "اڳوپوءِ"، "اندازاً"، "ايئن"، "تيئن"، "جهڙو تهڙو"، "جاڻي ٻُجهِي"، "جاڻي واڻي"، "فوراً"، "سارُو"، "مختصراً"، "نيٺ"، "هاڻي"، "هڪدم"، "هونءَ"، ۽ "يڪدم" بہ ظرف جا مثال آهن.جيڪي ڪڏهن بہ جنس يا تعداد سان گردان ڪونہ قبول ڪندا آهن. پر مونجهارو تڏهن ٿيندو آهي، جڏهن ڪو لفظ هڪ ئي وقت صفت بہ هجي تہ ظرف بہ هجي. ان صورت ۾ ساڳي لفظ جي صفت طور استعمال ۾ تہ اهو لفظ جنس ۽ تعداد جي لحاظ کان گردان قبول ڪندو آهي، پر ظرف طور استعمال جي صورت ۾ اهو جنس ۽ تعداد جي لحاظ کان گردان نہ قبول ڪندو آهي.

مثال طور لفظ "اوچتو"، "ٿورو"، "گهڻو"، ۽ "تڪڙو" صفت بہ آهن تہ ظرف بہ.جدول 7 انهن لفظن جي صفت طور استعمال جا مثال پيش ڪري ٿي. انهن مثالن ۾ "ٿورو"، "گهڻو"، ۽ "تڪڙو" پويان ايندڙ اسم جي جنس ۽ تعداد جي مناسبت سان پنهنجو گردان مٽائين ٿا.

**جدول 7: ٽورو، گهٽو ۽ تڪڙو جي صفت طور استعمال جا مثال**

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 1 | ٽورو | مذڪر | مون کي ٽورو پيار گهرجي. | مون کي ٽورا چانور گهرجن. |
| | | مونث | مون کي ٽوري ڳالهه ڪرڻي آهي. | مون کي ٽوريون شيون گهرجن. |
| 2 | گهٽو | مذڪر | مون کي گهٽو قرب مليو. | گهٽا سال اڳ پاڻ ملياسين. |
| | | مونث | مون کي گهٽي محبت ملي. | ڪيس گهٽيون ڏيئرون آهن؟ |
| 3 | تڪڙو | مذڪر | سليم تڪڙو ڪاريگر آهي. | هن تڪڙا قدم کنيا. |
| | | مونث | تڪڙي ڪتي انڌا گُلر ڄڻي. | هن تڪڙيون وکُون کنيون. |

جدول 8 ساڳين ٽي لفظن، يعني ”ٽورو“، ”گهٽو“ ۽ ”تڪڙو“ جي ظرف طور استعمال جا مثالن سان پيش ڪري ٿي. ڏسي سگهجي ٿو تہ جيتوڻيڪ فاعل جي جنس ۽ تعداد جي مناسبت سان فعل تہ گردان وٺن ٿا پر ظرف پنهنجو گردان متائڻ کان آجا آهن.

**جدول 8: ٽورو، گهٽو ۽ تڪڙو جي ظرف طور استعمال جا مثال**

| شمار نمبر | لفظ | | تعداد | |
|---|---|---|---|---|
| | | جنس | واحد | جمع |
| 1 | ٽورو | مذڪر | احمد ٽورو منجهي پيو. احمد ٽورو هلي تڪجي پيو. | شاگرد ٽورو منجهي پيا. توهان ٽورو هلي تڪجي پيا. |
| | | مونث | هُوءَ ٽورو منجهي پئي. هُوءَ ٽورو هلي تڪجي پئي. | شاگردياڻيون ٽورو منجهي پيون. هُو ٽورو هلي تڪجي پيون. |
| 2 | گهٽو | مذڪر | اسلم گهٽو جذباتي ٿي ويو. | ڪارڪُنَ گهٽو جذباتي ٿي ويا. |
| | | مونث | هُوءَ گهٽو جذباتي ٿي وئي. | ناريون گهٽو جذباتي ٿي ويون. |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 3 | تڪڙو | مذڪر | طوطو تڪڙو اڏري ويو. | پکي تڪڙو اڏري ويا. |
| | | مونث | گاڏي تڪڙو نڪري وئي. | ڇوڪريون تڪڙو پڳيون. |

عام ماڻهو اڪثر صفت ۽ ظرف ۾ امتياز ڪري نہ سگهڻ سبب اهڙن لفظن کي ظرف طور استعمال ڪندي بہ گردان ڏيندا آهن. هيٺ سوشل ميڊيا تان ڪنيل مثال پيش ڪجي ٿو جنهن ۾ لفظ "گهڻو" کي ظرف طور استعمال ڪندي بہ انجو جمع "گهڻا" استعمال ڪيل آهي.

*مون کي اهي ماڻهو گهڻا پسند آهن، جيڪي پنهنجي ئي موج ۾ رهن ٿا.*

جڏهن تہ درست جملو هن ريت ٿيندو:

*مون کي اهي ماڻهو گهڻو پسند آهن ، جيڪي پنهنجي ئي موج ۾ رهن ٿا.*

جيتوڻيڪ عام ماڻهوءَ مان غلطيءَ جي توقع ڪري سگهجي ٿي، پر ڪنهن لغت ۾ اهڙي غلطيءَ جي گنجائش موجود نہ هجڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ ڪيترا ئي ٻولي سکندڙ ۽ لکندڙ لغت کي حوالي ۽ رهنما طور استعمال ڪندي غلطيون ڪري ويهندا. ياد رهي تہ لفظ "ٿورو"، صفت ۽ ظرف ڪانسواءِ اسم بہ آهي. وياڪرڻ جي لحاظ کان جسل ان لفظ جي ڪابہ درجيبندي ڪرڻ ڪانسواءِ ئي جُلد 2، صفحي 123 تي ان جون اسم،صفت توڙي ظرف واريون معنائون هيٺينءَ ريت گڏوچڙ پيش ڪري ڇڏيون آهن.

ٿورو ج ٿورا: ذ. گهٽ اڻ پورو. ڪجهہ. ذرو. (ث. ٿوري ج ٿوريون) احسان-مهرباني- مروت- ڀلائي- ٿورائتو.

نوٽ ڪرڻ گهرجي تہ "ٿورو" جي معنيٰ "ٿورائتو" هرگز بہ نہ آهي. ان کان سواءِ جيتوڻيڪ لفظ جو جمع ۽ مونث ڄاڻايل آهن، پر لفظ جو وياڪرڻ يا وياڪرڻ جي مناسبت سان معنائون ڌار ڌار ڪري ڄاڻايل نہ آهن. جُلد 5 صفحي 2440 تي لفظ "گهڻو" جون جيتوڻيڪ صفت ۽ ظرف معنائون ڌار ڌار ڄاڻايل آهن، پر ظاهري طور واحد ۽ جمع صفت توڙي ظرف ٻنهي لاءِ ڄاڻايل آهن. ان کان سواءِ ظرف جي مد ۾ جيڪي معنائون ڄاڻايل آهن، تن ۾ "زور"، "نپٽ"، "انان (چريو)" جهڙا صفت لفظ بہ شامل آهن.

جسل جي جلد 2، صفحي 85 تي لفظ "تڪڙو" جون صفت توڙي ظرف واريون معنائون هيٺينءَ ريت برابر ڄاڻايل آهن.

تڪڙو ج تڪڙا: ذ. صفت تڪڙ ڪندڙ-تڪڙ وارو. اُبهرو-اُتاولو.
ظرف تهتا- جلد – سگهو. تکو. (ث) تڪڙي ج تڪڙيون.

ڏسي سگهجي ٿو تہ ظرف جي معنائن جي پٺيان "تڪڙو" جو مونث "تڪڙي" ۽ ان جو جمع "تڪڙيون" لکيل آهي، جيڪو يقيناً غير درست آهي. لغت اندر صفت ۽ ظرف کي چٽيءَ ريت ڌار ڄاڻائڻ گهرجي ۽ اهڙو تاثر نہ ڏيڻ گهرجي تہ ظرف بہ جنس ۽ تعداد جي لحاظ کان گردان اختيارڪري ٿو. اهڙو ٻيو مثال جلد 3، صفحي 1176 تي درج ٿيل لفظ "داڙ" آهي، جيڪو صفت توڙي ظرف ڄاڻايل آهي. ان کان سواءِ لغت ۾ ڪيترا ئي ظرف لفظ بطور صفت ڄاڻايل آهن، جنهن مان احساس ٿئي ٿو تہ لغت نويس لاءِ ظرف ۽ صفت ۾ تفريق ڪرڻ ڏکيو بڻيل آهي. جسل ۾ اهڙي ئي هڪڙي ٻي غلطي "هرگز" لفظ (جلد 5، صفحو 3035) ۾ نظر اچي ٿي، جنهن کي رڳو ظرف ڄاڻائيندي ان جي جمع واري صورت بہ ڏنل آهي.

## معنوي وسعت

اڳپورين معنائن جا هڪڙا مثال مٿي پيش ٿي چڪا آهن، جن ۾ "اچ"، "ڪالھ"، ۽ "سياٽي" جا لفظ اچي وڃن ٿا. ان جو ٻيون مثال اهي لفظ آهن، جن جون سائنسي معنائون بہ آهن پر جسل ۾ انهن جو ذڪر نہ ٿو ملي. انهن مان لفظ "گاٺ"، ۽ "بلور" جو ذڪرمثال طور مٿي ڪيل آهي. اڳپورين معنائن جو ٽيون مثال اهي عام مروج سنڌي لفظ آهن، جيڪي تمام گهڻي ڪثرت سان، مختلف معنائن ۾ استعمال ٿين ٿا، پر جسل ۾ انهن جون تمام محدود معنائون ڏنل آهن. ان جو هڪڙو مثال "ماهِي" اڳ ۾ ذڪر هيٺ اچي چڪو آهي. ان جو سڀ کان وڏو مثال لفظ "جو" آهي، جنهن جي معنيٰ لغت ۾ انتهائي مختصراً هينئين ريت ڏنل آهي. [ضمير] جيڪو. [حرف] تہ – چو تہ "حرف" جي وضاحت لغت ۾ ڪٿي بہ ڪيل نہ آهي، پرڄاڻايل معنائن "تہ" ۽ "چو تہ" مان سمجهي سگهجي ٿو تہ اتي"حرف" جو مطلب يقيناً "حرف جملو" آهي، جنهن کي انگريزيءَ ۾ Conjunction چوندا آهن. اهي معنائون سمجهائڻ لاءِ جسل کي بہ مثالي ڪلما phrases يا جملا پيش نہ ٿو ڪري. هيٺ "جو" [حرف جملو] جا ٽن مختلف معنائن لاءِ ٽي مثالي جملا پيش ڪجن ٿا.

تہ : 1) *ٿيو ايئن جو مون کي ٿوري دير ٿي وَئي.* *2)* چوجو هُو سچو ماڻهو آهي.

چو تہ: تون مون کي پيارو آهين، جو منهنجو سپني کان سنو دوست آهين.

*تنهنڪري: منهنجو ڀاڱ سنو هو جو آئون امتحان ۾ پاس ٿي ويس، نہ تہ تياري سني ڪانہ هوم.*

مگر "جو" حرف جر، صفت، ۽ ظرف بہ آهي، جن جو لغت ۾ ذڪر ئي ٿيل نہ آهي. "جو" جو گهڻي ۾ گهڻو استعمال "حرف جر" طور ٿيندو آهي. ان کان سواءِ جسل ۾ اهو بہ ڄاڻايل نہ آهي تہ جنس ۽ تعداد جي مناسبت سان ان لفظ جاگردان بہ ٿين ٿا. جڏهن تہ سائل ڪوش [8] لفظ "جو" کي حرف جر پڻ ڄاڻايو آهي ۽ ان جون بہ معنائون "سندو"، "وارو" ڏنيون آهن. مطلب تہ سائل ڪوش ۾ بہ لفظ "جو" جون مڪمل تشريحي معنائون جهڙوڪ "سان وابستہ "، "سان لاڳاپيل" يا "سان تعلق رکندڙ" وغيره ڏنل نہ آهن، جنهن جي اميد ڪنهن رواجي پر ڪارآمد يڪ لساني لغت مان ڪجي ٿي. ان جي ڀيٽ ۾ آلڊ ۾ انگريزي لفظ of جون انيڪ معنائون ۽ مثالي ڪلما ڏنل آهن، جيڪي لفظ of جا مختلف مقصد ۽ ڪارج functions سمجهائين ٿا.

سنڌي حرف جر "جو" جون ٻيون بہ ڪيتريون ئي معنائون آهن. جدول 9 ۾ حرف جر "جو" جون مختلف معنائون ۽ ان جي گردان "جا"، "جي"، "جِي"، ۽ "جُون" جا ڪيترائي جملا يا ڪلما phrases پيش ڪجن ٿا.

ان کان سواءِ ان جدول جا چوٿون ۽ پنجون ڪالم آلڊ [7] جي صفحي 855 تان انگريزي لفظ of جون اهي معنائون ۽ مثالي ڪلما پيش ڪن ٿا، جيڪي سنڌي لفظ "جو" جي معنائن سان ٺهڪي اچن ٿا.

ياد رهي تہ سنڌي لفظ "جو" [حرف جر] جون سموريون معنائون انگريزي لفظ of جي معنائن سان نہ ٿيون ٺهڪن ، نہ ئي انگريزي لفظ of جون سموريون معنائون سنڌي لفظ "جو" [حرف جر] سان ٺهڪن ٿيون. اهي معنائون ۽ مثالي ڪلما پيش ڪرڻ جو مقصد لغت ۾ گهربل لسانياتي گهرائيءَ جي ضرورت ڏيکارڻ آهي، جيڪا جسل ۾ نہ ٿي لڀي.

سنڌي زبان ۾ اظهاري قوت جي درست آشڪاريءَ presentation خاطر ۽ لکندڙن توڙي سکندڙن جي درست رهنمائيءَ لاءِ اها لسانياتي گهرائي پيش ڪرڻ فيصلاڪُن اهميت رکي ٿو.

## جدول 9: ”جو“ جون حرف جر معنائون ۽ مثالي ڪلما

<table>
<tr><th>شمار نمبر</th><th>معنيٰ</th><th>ڪلمو/جملو</th><th>آلڊ ۾ [7] ڏنل ڪلمو</th><th>آلڊ [7] ۾ ڏنل معنيٰ</th></tr>
<tr><td rowspan="4">1</td><td rowspan="4">(هوند ظاهر ڪرڻ لاءِ)<br>وارو، سان رشتي ۾،<br>سان واسطو رکندڙ،<br>سان وابستہ يا لاڳاپيل<br><br>(سڀ ۽ ڀاڱي درميان واسطو)<br><br>(شي ۽ ان جي خاصيت يا انداز ۾ تعلق)</td><td rowspan="4">اسان جو دوست،<br>دٻلي جو ڍڪ،<br>ڪمري جو دروازو،<br>ڪوپ جو ڳن،<br>والدين جا حق،<br>ٻارن جي مرضي،<br>استاد جو ڪردار،<br>اسلم جون ڌيئرون،<br>ڪمپنيءَ جا ملازم،<br>سنڌ جا ماڻهو<br>نارين جا حق،<br>شهرين جون ذميواريون،<br>ڪٿي جا آهيو؟<br>پارليمان جو رڪن،<br>گهر جو ڀاتي،<br>سال جا ڇهہ مهينا،<br>ملڪيت جو اڌ،<br>مانيءَ جو ٽُڪر،<br>پاڻيءَ جو ڍُڪ،<br>اٽي جي لپ،<br>هفتي جا ٽي ڏينهن،<br>انب جي ڦار،<br>سون جو اگهہ،<br>روشنيءَ جي رفتار،<br>رت جو داٻ،<br>پاڻيءَ جو مقدار،<br>ڌرتيءَ جو گهيرو،<br>گهر جي ايراضي،<br>سنڌ جي آبادي،<br>شاگردن جو تعداد،<br>خدا جو خوف،<br>پوليس جي نظر،<br>موڪلاڻيءَ جو وقت،<br>بحث جو موضوع</td><td></td><td>Belonging to</td></tr>
<tr><td>The handle of the umbrella,<br>lid of the box,<br>the role of the teacher,<br>the rights of man,<br>the privileges of the élite,<br>the responsibilities of a nurse</td><td>1b. Followed by a noun referring to an inanimate object<br>1c. after a noun referring to sb's rights or duties</td></tr>
<tr><td>Members of the foot ball team,<br>six months of the year</td><td>7b. Showing the relationship between part and the whole</td></tr>
<tr><td>-</td><td>-</td></tr>
</table>

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 2. Originating from or living in | The miners **of** Wales | سنڌ جو رهاڪو، شهر جي ڇوڪري، ڪراچيءَ جا رستا، ميهڙ جي ميندي، حيدرآباد جون هوائون، مصر جا اهرام، ٻاهر جي شي، پاڻيءَ جو جانور | ۾ واقع، ۾ ملندڙ، کان ايندڙ | 2 |
| 3. Created by | The works **of** Shakespear | شاهه لطيف جي شاعري، مرزا قليچ بيگ جو ناول، آئين اسٽائين جو نظريو | جو تخليق يا پيش ٿيل، جو ڏنل | 3 |
| 4a. Concerning or depicting | Stories **of** crime and adventure | الف ليليٰ جو داستان، تاريخ جي ڄاڻ، پيار جو نغمو، هوابازيءَ جي مهارت، انگريزيءَ جي مهارت، ڪيميا جو ڪتاب، رياضيءَ جو ماهر، تنهنجي ڪم جو پڇيومانس. ان جي ڳڻتي تون نه ڪر. منهنجي بيماريءَ جو ٻڌي تون ته پڇڻ به ڪونه آئين! | متعلق / بابت / تي | 4 |
| 4b. About | He told us **of** his friends, I heard **of**... | | | |
| 5. Indicating the material used to make | Adress of silk o shirts made of cotton, a house (built) of stone. Cf FROM 8. | پلاسٽڪ جو گلاس، ٽڪر جا ٿانوَ، چانديءَ جا ڳهه، شيشي جي بوتل، چانورن جي ڪيرٽي، گجرن جو آچار، ڪوپري جي مٺائي، ڪاٺ جون دريون، ململ جي شالَ، ڪاٽن جو وڳو، لوهه جو دروازو، ٻاجهريءَ جو اٽو | مان ٺهيل | 5 |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 6a. Introducing the object of the action by the preceding noun | Lover **of** classical music, fear **of** the dark, the forging **of** a banknote | موسيقيءَ جو عشق / عاشق،<br>لگڙ بازيءَ جو شوق /شوقين،<br>ڪبوترن جو خفت،<br>علم جو دشمن،<br>سون جو واپار،<br>بيمارين جو ماهر،<br>بلب جي ايجاد،<br>جائداد جي نيلامي،<br>ٻوڙ رڌڻ جو طريقو،<br>مسئلي جو حل،<br>غريبن جو احساس،<br>مسڪينن جو هڏڏوکي،<br>ضرورتمندن جو خيال،<br>اسان جو محسن،<br>ڪچهريءَ جو ڪوڏيو،<br>گهر جون ذميواريون،<br>پاڙي جا فرض،<br>سرجيڪل يونٽ جون لوازمات،<br>مجلس جا آداب،<br>وطن جي حب،<br>اولاد جي محبت ۾،<br>ساٿيهہ جي سِڪَ،<br>ڪاليج جو رستو،<br>ڪٽڻ جو موقعو | لاءِ /سان/طرف/ڏانهن | 6 |
| 6b. Introducing the subject of the action by the preceding noun | Support **of** voters, Love **of** mother for her child | دوستن جون توقعات،<br>عوام جي حمايت،<br>ماءُ جو پيار، دشمن جي نفرت، احمد جي شادي،<br>واڍي جو ڪم،<br>پوليس جي جانچ،<br>چورن جي ڪارروائي،<br>ڪوئل جي ڪُوڪُو،<br>صحافيءَ جي جرئت،<br>پوليس جو گهيرو،<br>ٻارن جي شرارت | (طرفان ڪيل)<br>فاعل ۽ عمل درميان واسطو | 7 |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 8 | مقدار، ماپ، تعداد جو اظهار | لسيءَ جو گلاس،<br>ڪڻڪ جي ڳوڻ،<br>اٽي جي لَپ،<br>سون جو تولو<br>زردي جي ديگ،<br>حيرت جي انتها | Loaf **of** bread, a pint **of** milk | 7a. Indicating what is measured, counted or contained |
| 9 | فاصلو، عرصو، رفتار وغيره جي حد ڏيکارڻ | شاديءَ جي سال اندر،<br>پولنگ اسٽيشن جي 100 ميٽرن جي حدن ۾،<br>حيدرآباد جي اتر_اولهه ۾ | Within a year **of** their divorce, within 100 yards **of** the station | 8a. Showing distance in space or time |
| 10 | بحيثيت، بطور | ڪراچيءَ جو شهر ڏارين سان ڀريو پيو آهي،<br>ديبي جو مقام،<br>ڀنڀور جو بندر،<br>ميٺديءَ جو ڪاچ،<br>چانهه جو مشروب،<br>گلاب جو گل،<br>انسان جو نسل،<br>باغبانيءَ جو هنر پراڻو آهي،<br>بيروزگاريءَ جو مسئلو ڳنڀير آهي. | The city **of** Dublin | 11. Introducing a phrase in apposition |
| 11 | جي لحاظ کان | هُو رنگ جو ڪارو آهي.<br>هُوءَ دِل جِي سُٺِي آهي.<br>سونهن جو سلطان،<br>ڪم جو ٽوٽي،<br>ڪاوڙ جو تيز،<br>دل جو سخت، پيسي جو ٻُڪيو، عقل جو انڌو،<br>اخلاق جو ڏٽي | - | - |
| 12 | کان / طرفان | صدين جو وڇڙيل،<br>غربت جو ماريل،<br>عشق جو ڦٽيل،<br>لوڊشيڊنگ جو ستايل،<br>ماءُ جو پٽيل | - | - |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 13 | جي نمائندگي ڪندڙ | سنڌ جو نقشو،<br>سنڌ جو قومي شاعر،<br>سنڌ جي حڪومت،<br>سنڌ جو وڏو وزير،<br>راجا ڏاهر جي تصوير | - | - |
| 14 | تي ٻڌل/مشتمل/محيط<br>/رڪندڙ، ماهيت رکندڙ | ڪبوترن جي جوڙي،<br>پوليس جو ٽولو،<br>ماڻهن جو هجوم،<br>گاڏين جي قطار،<br>ٻن سَو صفحن جو ڪتاب،<br>ڏهن سالن جو عرصو،<br>سَو ايڪڙن جي زمين،<br>ٻارن جي ٻاري،<br>سورهن ورهين جي عمر،<br>100 فوٽن جي بلنديءَ تان،<br>ٻن ڪلوميٽرن جو فاصلو،<br>10 ميٽر في سيڪنڊ جي رفتار سان،<br>ستن ورهين جي سزا،<br>ٽن ڪروڙ روپيين جو بنگلو | - | - |
| 15 | ء | اکين جو حياءُ،<br>دل جو سڪون،<br>گوڏي جو سُور،<br>رت جو سرطان،<br>دل جو سڪون،<br>اندر جو نار | - | - |
| 16 | مان حاصل ڪيل/مان<br>(ڪان) ملندڙ (ايندڙ) | مينهن جو ڪير،<br>ڪُولر جو پاڻي،<br>مَٽ جي ڪلفي،<br>حلال/حرام جي ڪمائي،<br>گهر/هوٽل جي ماني،<br>اکين جو نُور،<br>ڪيميرا جي اک،<br>زبان جي مار،<br>اندر جو آواز،<br>دوا جا فائدا | - | - |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 17 | ۾/تي/سان سر انجام ڏنل/ڪيل يا ٿيل | گهر جو ڪم، ٽُڪَ جو ڪم، مشين جو ڪم، هٿ جو ڪم، پيار جو پرڙو پيسي جي راند | - | - |
| | (وقت ۾ هنڌ ظاهر ڪرڻ لاءِ) ۾/تي واقع ٿيل، ۾/تي پيش آيل | ڊسمبر جو واقعو آهي، پوئين سال جي ڳالهہ آهي، ننڊپڻ جي عادت هئي، اهو ڳوٺ جو قصو آهي. | | |
| 18 | ڏيندڙ ڪري يا ٿاهي ڏيندڙ | انب جو وڻ، سارين جو فصل، پاڻيءَ جي مشين، ڪپڙا ڌوئڻ جي مشين، مٺي پاڻيءَ جو کوهہ، جوس جي مشين، رُڪ جو ڪارخانو | - | - |
| 19 | ٻئي حرف جر لفظن اڳيان استعمال | آئون سليم جي پرسان ويٺو هوس. اسلم گهر جي اندر آهي. ميز جي مٿان ڪتاب رکيل آهي. پلنگ جي هيٺان جُتِي پئي آهي. | - | - |

لفظ ”جو“ صفت پڻ آهي، جنهن جي معنيٰ جهڙو جيترو يا جيڏو آهي. مثال طور، ”عاشيءَ جي بيماريءَ ۾ تر جو فرق بہ ڪونہ آيو“.

ان کان سواءِ ”جو“ ظرف پڻ آهي، جنهن جون ٽي معنائون مثالي جملن سان هيٺ پيش ڪجن ٿيون.

واري وقت، واري مهل: *آئون رات جو ٽو وٽ ايندس.*

جڏهن کان: *تي ڏينهن ٿيا آهن جو آئون بيمار پيو آهيان.*

جيئن: *مينهن جو شروع ٿيو آهي تہ بند ٿيڻ جو نالو ئي نہ ٿو وٺي.*

اهڙو ئي هڪڙو ٻيو مثال لفظ ”هِڪُ“ آهي، جنهن جي رڳو هڪڙي صفت واري معنيٰ لکيل آهي. جيتوڻيڪ ان کان پوءِ ”هڪ“ سان لاڳاپيل اصطلاحن ۽ محاورن سان لغت جا پورا سارا بہ صفحا ڀريا پيا آهن، پر لفظ جون پنهنجون

معنائون ڪٽل آهن. لغت جي جلد 5، صفحي 3044 تي ”هڪ“ جي معنيٰ هيٺينءَ ريت ڏنل آهي:

هِڪُ: صفت.

هڪ جو انگ–هڪڙو– ڳاڻيٽي جو عدد–ايڪو–اڪيلو– چڙهو.

انگريزي لغتون انگن کي صفت بجاءِ determiner ڄاڻائينديون آهن، جيڪو انگريزي وياڪرڻ ۾ گفتگو جو نائون لفظ تصور ٿيندو آهي. جيئن ته سنڌي گرامر جي اهڙيءَ ريت وضاحت ٿيل نه آهي، تنهنڪري پاڻ determiner کي صفت سمجهي سگهون ٿا، پر سنڌي لفظ ”هڪ“ رڳو صفت نه آهي. اهو اسم، ضمير، ۽ ظرف به آهي، جن جون معنائون جسل بلڪل به نه ڄاڻايون آهن. تنهن کانسواءِ صفت جي حيثيت ۾ ”هِڪُ“ جو مونث ”هِڪَ“ به لغت ۾ ڄاڻايل نه آهي. جدول 10 سنڌي لفظ ”هِڪُ“ جون معنائون پيش ڪري ٿي، جيڪي لغت ۾ ڄاڻايل هوڻ گهرجن، ۽ انهن جي سامهون انگريزي لفظن جون مساوي معنائون ڏيکاري ٿي، جيڪي آلڊ [7] ۾ ڄاڻايل آهن.

**جدول 10: ”هِڪُ“ جون معنائون اسم، صفت، ضمير، ظرف معنائون ۽ مثالي ڪلما**

| شمار نمبر | وياڪرڻ درجي بندي | معنيٰ | مثالي جملو/ڪلمو | آلڊ ۾ [7] ڏنل ڪلمو | آلڊ [7] ۾ ڏنل معنيٰ |
|---|---|---|---|---|---|
| 1 | اسم (مذڪر)<br>واحد: هِڪُ<br>جمع: هِڪَ | عدد 1، قدرتي عددن جي سيٽ ۾ پهريون عدد | پهرين به (2) دٻايو. پوءِ هِڪُ (1) دٻايو.<br>هتي هِڪُ لِکو.<br>بورڊ تي هِڪَن جي قطار.<br>تنهنجي فون نمبر ۾ ڪيترا هِڪَ آهن؟<br>سَو يارهن ۾ ٽي هِڪَ آهن. | Birthday card with a big **one** on it, a row of **ones** on black board (p.461) | **One** *n*– number 1 (p.863) |
| 2 | صفت (مذڪر، مونث) | تعداد ۾ هِڪُ، واحد، اڪيلو/ اڪيلي | هِڪُ وهاٽو گهرجي.<br>ڪيس هِڪَ ڀيڻ آهي. | I have two brothers and **one** sister. | **One** *det*– one less than two, a single (p.862) |
| 3 | | ساڳيو | اهي هِڪَ سِڪي جا به پاسا اٿئي. | They all went off in **one** direction. | **One** *det*– the same (p.862) |

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| **One** *det*– a particular but unspecified (p. 862) | **One** day you'll be glad she left you. | هِڪ ڀيري جي ڳالهہ آهي. هِڪ ڏينهن ڪيس سيڪت ملندي. | ڪو ڪو نہ ڪو ڪنهن، ڪنهن نہ ڪنهن | | 4 |
| **One** pron– used with other or another to show contrast (p 862) | The two girls are so alike that strangers can not tell **one** from the other. | هِڪُ اڏ ۾ بيو پنڌ ۾! هِڪ آئي، ٻي وئي هِڪ کي روڪ تہ ٻيو شروع ٿيو وڃي. هِڪ کي ٻئي کان ڌار ڪري نہ ٿو سگهجي. | ڪو فرد، ڪو ماڻهو هڪڙو معاملو ڪا شي، هڪڙو فرد، هڪڙي شخصيت | ضمير مبهم (مذڪر، مونث) | 5 |
| **One** (of) *indef pron*– a member of a class or group (p 863) | Mr. Smith is **one** of my customers. | انهن مان هِڪ جو تعلق سنڌ سان آهي. اميتاب دنيا جي مقبول ترين فنڪارن مان هِڪ آهي. | (ميڙ مان) هڪڙو، ڪو هڪڙو 'مان' جي پٺيان استعمال ٿيندي | | 6 |
| **One** another (compound) – each of two or more reciprocally, each other (p 863) | We help **one another**. | هِڪٻئي جي مدد ڪريو. هِڪٻئي کي سنڀاليو. | ٻن يا گهڻن فرد مان هر هڪ ادلي بدلي ۾ | هڪ ٻئي باهمي ضمير | 7 |
| **First**(ly) *adv* –to begin with (p 459) | This method has two advantages: **first(ly)** it is cheaper, secondly it is quicker. | هِڪُ اڃين دير سان ٿي، ٻيو ڪم بہ پورو ڪا نہ ڪرين. | پهرين ڳالهہ تہ، سڀ کان اڳ ۾، اول تہ | ظرف | 8 |

ياد رهي تہ سنڌي لفظ "هِڪُ" جون سموريون معنائون انگريزي لفظ one سان نہ ٿيون ٺهڪن، نہ ئي ان جو الٽ vice versa صحيح آهي.

استاد بخاريءَ ”هِڪُ“ کي ظرف طور تمام سهڻي نموني استعمال ڪندي چيو آهي، ”هِڪُ تہ تون اڳي ئي آن حسين، ٻيو نفيس ويس ٿو ڍڪين، ٽيون وري ٽلين ٿو ناز سان.“ ان جملي ۾ ”هِڪُ“، ”ٻيو“، ”ٽيون“ ظرف آهن، جن کي انگريزيءَ ۾ ترتيبوار firstly، secondly ۽ thirdly چوندا آهن. ان جي ابتڙ ابراهيم منشي صفت ۽ ظرف ۾ فرق نہ ڪري سگهڻ سبب پنهنجي شعر ۾ ”هڪ“ کي ظرف طور استعمال ڪندي بہ انجو مونث ڪري ويٺو– ”هِڪَ مُندَ ڇَرِي آهي، ٻِي جا رات ٺري آهي“. ان جملي ۾ ”هِڪَ“ جي بدران ”هِڪُ“ ۽ ”ٻِي“ جي بدران ”ٻيو“ استعمال ٿيڻ کپندو هو ڇاڪاڻ تہ اهي صفت نہ پر ظرف آهن. تنهن کان سواءِ جسل ۾ ”هِڪُ هِڪُ“ ۽ ”هڪ هڪ ڪري“ جون معنائون بہ ڄاڻايل نہ آهن. انهن مان پهرين جي معنيٰ ”هر هِڪُ“ [صفت]آهي، جڏهن تہ ٻئي جي معنيٰ ”واري واري سان“ يا ”هڪ پٺيان ٻيو“ [ظرف] آهي.

بدقسمتيءَ سان جسل ۾ ڪٿي بہ ”هڪٻئي“ جي معنيٰ نہ ٿي ملي. ساڳيءَ ريت جسل لفظ ”پاڻ“ کي رڳو ضمير مشترڪ ڄاڻايو آهي، ۽ ان جون معنائون ”خود – پنڊ“ ڄاڻايون آهن (جلد 2، صفحو 187).

حقيقت ۾ ”پاڻ“ لفظ ضمير آهي تہ ظرف بہ آهي، ۽ هر درجي بنديءَ ۾ ان جون بہ معنائون آهن. جيڪي جدول 11 ۾ مثالي جملن سان ڄاڻايل آهن. جملي نمبر 3 ۾ ضمير ”هُو“ آهي، جڏهن تہ ”پاڻ“ جي معنيٰ ”پاڻ مرادو“، ”پنهنجي مرضيءَ سان“، ”خود“ يا ”بذات خود“ [ظرف] ٿيندي.

**جدول 11: ”پاڻ“ جون معنائون ۽ جملن ۾ استعمال**

| شمار نمبر | وياڪرڻ درجيبندي | معنيٰ | جملو |
|---|---|---|---|
| 1 | ضمير | آئون ۽ تون | **پاڻ** ٻئي دعوت ۾ هلنداسين. |
| 2 | | توهان ۽ اسان | **پاڻ** مان ڪو بہ اهڙو خراب ڪم نہ ٿو ڪري سگهي. |
| 3 | ظرف | خود، پاڻهي، پاڻمرادو، پنهنجي مرضيءَ سان | هُو **پاڻَ** مون وٽ هَلِي آيو. |
| 4 | | ان جي ابتڙ، ان جي برعڪس | هن مون تي ڪو بہ احسان نہ ڪيو آهي، **پاڻَ** منهنجا متس ڪيترا ئي ٿورا آهن. |

ان جو ٻيو مثال ”ها“ آهي، جنهن جون ڪيترين ئي معنائون ڏنل آهن، جن ۾ ظرف، حرف ندا، حرف جملو ۽ فعل (جلد 5، صفحو 3003) شامل آهن، پر ڪا به معنيٰ سمجھائڻ لاءِ مثال طور جملا ڏنل نہ آهن. انهن ۾ ”ها“ جي اسم واري معنيٰ يعني ”هاڪار، رضامندي، قبوليت“ ڄاڻايل نہ آهي. مثال طور: *ان رشتي لاءِ منهنجي **ها** آهي*، يا ***ها** ۾ **ها** ملائڻ*. هيٺ آلڊ ۾ لفظ yes جي ڄاڻايل اسم معنيٰ پيش ڪجي ٿي.

**yes***n*: Answer that affirms, agrees, accepts, etc: *can't you give me a straight yes or no?*

ان مطابق سنڌيءَ ۾ ”ها“ جي معنيٰ ٿيندي، ”هاڪار، قبوليت يا رضامندي ظاهر ڪندڙ جواب“.

جيتوڻيڪ سائل ڪوش [8] پڻ ”ها“ ڪي ظرف ٻڌايو آهي، پر ڪنهن بہ لغت ان جا ڪي مثالي جملا پيش نہ ڪيا آهن، جن مان سمجهي سگهجي تہ اهو ڪهڙيءَ ريت ظرف طور استعمال ٿي سگهي ٿو. سائل ڪوش تہ ”ها“ ڪي ظرف ڄاڻائيندي معنائون وري حرف ندا واريون پيش ڪيون آهن. جڏهن تہ حرف ندا ۾ ئي فعل واري معنيٰ بہ پيش ڪئي آهيس. جڏهن تہ yes لفظ کي آلڊ اسم ۽ حرف ندا تہ ڄاڻايو آهي، پرظرف نہ ڄاڻايو آهي. ساڳيءَ ريت لفظ ”نہ“ بہ رڳو ظرف ڄاڻايل آهي، جيڪو اصل ۾ اسم پڻ آهي، جنهن جي معنيٰ ”ناڪار يا انڪار“ آهي.

مثال طور ”*هن مون کي نہ ڪري ڇڏي*“ يا ”*هن جي راءِ نہ ۾ آهي*“ يا ”*ان سوال جو جواب ها آهي يا نہ؟*“. جڏهن تہ ظرف واري معنيٰ ۾ مثالي جملو ”*مون کي ڇانهہ نہ ٿي وڻي*“ آهي. ساڳيءَ ريت جسل ۾ لفظ ”سنڌي“ (جلد 4، صفحو 1665) جي اسم واري معنيٰ يعني ”سنڌملڪ جو رهاڪو“ ڄاڻايل آهي، پر ساڳي لفظ جي صفت معنيٰ ”سنڌ ملڪ جو سنڌ ملڪ جِي، سنڌ ملڪ سان واسطو رکندڙ“ ڄاڻايل نہ آهي. اڻپورين معنائن جو هڪڙو ٻيو مثال ”ڏينهن“ آهي. جيتوڻيڪ جسل (جلد 3، صفحو 1358) ان لفظ جون ڪيترين ئي معنائون ڄاڻايون آهن، جن ۾ اصطلاحي معنائون پڻ شامل آهن، پر ان لفظ جي هڪ عام ۽ اهم معنيٰ ڏنل نہ آهي، جيڪا آلڊ ۾ هينئينءَ ريت ڏنل آهي (صفحو 303):

**day***n*– a period of 24 hours.

مطلب تہ سنڌيءَ ۾ ان جي تشريحي معنيٰ ”چوويهن ڪلاڪن تي محيط عرصو“ ٿيندي.

## تشريحي گهرائي

آلبر بنيادي طور تجويزي Prescriptive لغتَ آهي، جيڪا لفظن جِي تشريحي معنيٰ کان سواءِ لفظ جو درست استعمال تجويز ڪرڻ لاءِ سياق و سباق ساڻ مثالي جملا جوڙي پيش ڪري ٿي. هيءَ لغتَ لفظ جي هر نحوي صورتَ اندر هر معنيٰ ۾ استعمال جا مثال پيش ڪري ٿي، جيڪي لغت نويسن جا پنهنجا جوڙيل آهن. ان جو مقصد لفظن جي درست استعمال جِي سفارش ڪرڻُ آهي. ان جي ڀيٽَ ۾ جسل تشريحي يعني Descriptive لغتَ آهي، جنهن ۾ لغت نويس لفظ جو درست استعمال تجويز ڪرڻ لاءِ ڪڏهن بہ پنهنجا جملا جوڙي پيش نہ ٿو ڪري، پر جسل اڳ ۾ شايع ٿيل ادبَ مان لفظ جي استعمال جا جيڪي مثال پيش ڪري ٿي سي بہ نثر مان ورتل نہ آهن.

ان ۾ ڏنل سمورا مثال شعر يا پهاڪا آهن، جيڪي زبان سکندڙ لاءِ يا ڪنهن ليکڪ لاءِ معاوِن ثابت نہ ٿا ٿين. جيتوڻيڪ جسل کي ٿلهي ليکي تشريحي لغت چئي سگهجي ٿو سکيا يا تدريسي مقصدن جي لحاظ کان ڪيترين جاين تي لغت ۾ ڏنل تشريح بہ ناڪافي آهي. ان جا بہ سبب آهن:

1) تمام ٿورن لفظن جي لاءِ شايع ٿيل ادب مان استعمال جا مثال پيش ڪيل آهن ۽ 2) ڪيترين جايُن تي لفظن جي تشريحي معنيٰ بجاءِ رڳو هم معنيٰ لفظ ڏنل آهن، يا انتهائي اڻپوري تشريح ڏنل آهي. هيٺ نا ڪافي تشريح جا مثال پيش ڪجن ٿا.

i. بَدَڪَ – پاڻيءَ جي پکيءَ جو هڪ قسم (جلد 1، صفحو 307)

دراصل ”بَدَڪَ“ پکين جو ڪو هڪڙو مخصوص قسم نہ پر ڪيترن ئي قسم جي پکين جو خاندان آهي. بَدَڪَ جا ڪيترائي قسم ٿين ٿا. تنهنڪري آلبر [7] منجهہ صفحي 374 تي duck جي معنيٰ هيٺينءَ ريت ڏنل آهي.

**duck***n*–Any of various types of common water-bird.

ii. بلور–ٿلهو چمڪندڙ ۽ شفاف شيشو. Crystal شيشي جي گولي–چِڏو (جلد 1، صفحو 335)

مٿي ڄاڻايل معنيٰ ”ڪرسٽل شيشي جي گولي“ تمام اڻ چٽي يا غير مڪمل آهي. ان کي انگريزيءَ ۾ marble چئبو آهي، جنهن جي معنيٰ آلبر هيٺينءَ ريت ڏني آهي.

**marble***n*– small ball of glass, clay, etc. used by children in games.

ان ريت سنڌي – سنڌي لغت ۾ ان معنيٰ کي هيٺينءَ ريت لکڻ گهربو هو.
شيشي جي گولي، جنهن سان ٻار راند کندا آهن– کنچو ڇڏو

iii. تنبُورو– ساز جو هڪ قسم، دنبورو (جلد 2، صفحو 93)

مگر سازن جا ڪيترا ئي قسم ٿين ٿا. "هڪ قسم" واري تشريح مان پڙهندڙ کي ڪا به چٽي وضاحت يا اندازو نه ٿيندو ته اها ڪهڙي شَي آهي. ان جي ڀيٽ آلڊ منجهه ڏنل guitar جي معنيٰ سان ڪري سگهجي ٿي، جيڪا هيٺينءَ ريت آهي.

**guitar***n*–(Usually) 6-stringed musical instrument, plucked with fingers or a plectrum

ساڳيءَ ريت سنڌي – سنڌي لغت ۾ "تنبورو" جي معنيٰ هيٺينءَ ريت ڏئي سگهجي ٿي.

**تنبُورو**–(اڪثر) پنجن تارُن تي ٻڌل موسيقيءَ جو گٽار نما اوزار، جنهن جي تارُن کي آڱرين يا مضرابَ سان ڇيڙي وڄائبو آهي.

ياد رهي ته سائل ڪوش [8] جي صفحي 114 تي "تنبورو" جي معنيٰ "تار وارو وڄائڻ جو ساز" ڄاڻايل آهي.

iv. ڄاڙهه ـ هڪ قسم جو شڪاري پکي (جلد 3، صفحو 1053)

ظاهر آهي ته ان مان بلڪل به اندازو نه ٿو ٿئي ته اهو ڪهڙو پکي ٿي سگهي ٿو. صفحي 1318 تي آلڊ لفظ teal جي معنيٰ هيٺينءَ ريت ڄاڻائي آهي.

**teal***n*– small wild duck living near rivers or lakes

منهنجي راءِ ۾ سنڌي لغت اندر "ڄاڙهه" جي تشريحي معنيٰ هيٺينءَ ريت ڏئي سگهجي ٿي.

**ڄاڙهه**–بدڪ جي خاندان سان واسطو رکندڙ خاڪي-ناسي رنگ جو پکي، جيڪو ٿڌن مهينن ۾ يورپ، اتر آفريڪا، ۽ وچ ايشيا کان لڏي سنڌ ۾ ايندو آهي. اهو آبي جيوت جو شڪار به ڪندو آهي ته اَنُ به کائيندو آهي. سائنسي نالو: *Marmaronettaangustirostris*

v. لاکي ڄاڃي-سامونڊي پکيءَ جو هڪ قسم (سمنڊ جي ڪناري تي رهندڙ چون ٿا ته هيءُ لاکي ڦيرجي شاديءَ تي ڄاڃي ٿي ويا هئا، ان ڪري کين اهو نالو مليو آهي) ـ ڪونج پکي (جلد 5، صفحو 2462)

متي جاڻايل معنيٰ ۾ ايتري تشريح ڪانهي جو پکيءَ کي سڃاڻي سگهجي، يا ذهن ۾ ان جو ڪو خاڪو جُڙي سگهي، ڇاڪاڻ تہ سامونڊي پکين جا انيڪ قسم آهن. جڏهن تہ آلڊ جي صفحي 464 تي flamingo جي معنيٰ هيٺينءَ ريت ڏنل آهي.

**flamingo***n*– long legged wading-bird with a long neck and pink feathers

متي ڏنل انگريزي سمجهاڻيءَ کي سنڌي لغت ۾ هيٺينءَ ريت لکي سگهجي ٿو.

**لاکي ڄاڄي**– ڊگهين ٽنگن سان پاڻيءَ اندر جهاڳندڙ پکي، جنهن کي ڊگهي ڳچي ۽ گلابي کنڀ ٿين.

vi. مڇي ڪنڊڙو (جلد 5، صفحو 2615)– ٽوپيءَ جو هڪ قسم. (مهيري).

اڄ نہ اهو لفظ ڪوڳالهائي ٿو نہ ئي لغت ۾ وجهڻ سان اهو لفظ محفوظ ٿي سگهيو آهي. ڇاڪاڻ تہ ان جي فقط "ٽوپيءَ جو هڪ قسم" واري اڻپوري تشريح مان ڪو بہ اندازو نہ ٿو ٿئي تہ اهاڪهڙي قسم جي ٽوپي هوندي آهي يا هئي، ڇا مان ٺهيل ٿيندي آهي، ڪهڙي ماپ، ڊول يا رنگ جي ٿيندي آهي، يا ڪيئن، ڪڏهن ۽ ڪير پائيندو آهي. اها معنيٰ پڙهندڙ کي ڪا بہ ڪارائتي ڄاڻ فراهم نہ ٿي ڪري.آئون ان کي آلڊ [7] جي لفظ boater سان ڀيٽيندس، جنهن جي معنيٰ لغت جي صفحي 121 تي هيٺينءَ ريت ڏنل آهي.

**Boater***n*– hard straw hat with a flat top and straight brim (originally worn for boating)

## اچار/تلفظ

انگريزيءَ سميت سمورين جديد ٻولين جي تحقيقاتي لغتن اندر لفظن جا اچار ڄاڻايل هوندا آهن، جنهن لاءِ بين الاقوامي وايوڪي لپي يعني International Phonetic Alphabet استعمال ٿيندي آهي. جڏهن تہ سکيا تي لغتون لفظن جو اچار سمجهائڻ لاءِ متبادل سليل هِجي ٽُون ڪتب آڻينديون آهن ۽ هم قافيہ يعني Rhyming لفظن جو سهارو پڻ وٺنديون آهن. جڏهن تہ جسل ۾ سنڌي لفظن جو اچار ڄاڻايل نہ آهي، جنهن سبب سکندڙن کي ڪن لفظن جو اچار سمجهڻ ۾ مشڪل پيش اچي ٿي. حالانڪ سنڌي زبان ۾ اچار جا ايترا مونجهارا نہ آهن جيترا انگريزي زبان ۾ آهن، پوءِ بہ لغت نويسيءَ جي جديد اصولن

ڪي نظر ۾ رکندي ان ڏس ۾ ڪم ڪرڻ جي ضرورتَ آهي. سليل هجي وارو طريقو سمجهائڻ لاءِ جدول 12 ۾ ڪي مثال پيش ڪجن ٿا.

**جدول 12: ڏکي هِجي وارا لفظ ۽ اچار سمجهائڻ خاطر انهن جي آسان هِجي**

| شمار نمبر | لفظ | اچار سمجهائڻ لاءِ متبادل هِجي | شمار نمبر | لفظ | اچار سمجهائڻ لاءِ متبادل هِجي |
|---|---|---|---|---|---|
| 1 | اعلان | اَيلانُ | 16 | طعنو | تانو |
| 2 | اعليٰ | آلا | 17 | علي الاعلان | اَلَل اَيلانُ |
| 3 | انبُ | امبُ | 18 | عورت | اَورَتَ |
| 4 | تعدي | تادِي | 19 | عيب | اَيبُ |
| 5 | تعليٰ | تالا | 20 | لعنت | لانَتَ |
| 6 | خواب | خابُ | 21 | موقعو | موقيو |
| 7 | خوش | خُش | 22 | معنيٰ | مانا |
| 8 | دارالعلوم | دارُل اُلُوم | 23 | معرڪو | مارڪو |
| 9 | ذوالحج | ذُل هَجُ | 24 | منع | مَنا |
| 10 | رعايت | رِ آ يَتَ | 25 | ميت | مَئِي يَتَ |
| 11 | رعبُ | روبُ | 26 | نعت | نات |
| 12 | سعيو | سايو | 27 | نعرو | نارو |
| 13 | سوڙ | سَ وَڙَ | 28 | نيت | نِي يَتَ |
| 14 | سينوَر | سي وَرِ | 29 | واقعو | واقيو |
| 15 | شمس العلماء | شَمسُل اُلما | 30 | وسعت | وُسَتَ |

## پڇاڙي ۽ سفارشات

لغت نويسيءَ ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جون محنتون قابل تحسين آهن. ۽ جامع سنڌي لغات (جسل اڄ بہ سنڌي سکندڙن لاءِ اهم ترين ذريعو بڻيل آهي. تاهم ان جي طريقيڪار يعني Methodology ۾ بنيادي غلطين سبب اها لغت نہ تہ پوريءَ ريت تحقيقاتي ادبي لغت آهي، نہ ئي اها اثرائتي سکيا تي لغت آهي. ان ڪان سواءِ ان ۾ وياڪرڻ جي لحاظ کان لفظن جي اڻپوري ۽ ڪٿي غير درست درجي بندي ٿيل آهي. مگر جسل اندر وياڪرڻ جون اهڙيون چُڪون ملن ٿيون، جن مان اندازو ٿئي ٿو تہ اهي چُڪون محض بي ڌيانيءَ جو نتيجو نہ

پرسرشتيوار Systemic غلطيون آهن. جيڪي لغت نويس ۾ لسانياتي مهارتن جي کوٽ ڏانهن اشارو ڪن ٿيون.

ان ۾ ڪيترا ئي لفظ غير موجود آهن. ۽ ٻين ڪيترن ئي لفظن جون معنائون اڻپوريون ڏنل آهن. جسل جي آخري يعني پنجين جلد جي اشاعت کي به 40 ورهيه پورا ٿيڻ تي آهن. پر اجا سوڌو ڪنهن به اداري ان کان بهتر لغت شايع نه ڪرائي آهي. نه ئي جسل ۾ ڪي نوان واڌارا ڪرايا آهن. پوين چاليهن ورهين دوران سنڌ اندر استادن جا تربيتي ادارا گهٽ ۾ گهٽ غير فعال رهندا اچن ۽ اجا غير فعال ٿيندا وڃن. پر جي سنڌي ٻوليءَ جي استادن لاءِ تربيتي ڪلاس هلائڻ واري روايت کي مضبوط ڪندي گرامر جي غلطين سان ڀرپور موجوده لغتن کي استعمال ۾ آڻبو ته فائدي بدران نقصان ڏيندو.

ضروري آهي ته نشاندهي ٿيل غلطين کي سڌاريندي سنڌيءَ ۾ ادبي تحقيقاتي مقصدن لاءِ ڌار ۽ سکياتي مقصدن لاءِ ڌار لغتون تيار ڪجن. ان ڪم لاءِ جديد طرز عمل، ٽيم ورڪ اختيار ڪرڻ ۽ جديد ٻولين جي لغتن جي طريقيڪار مان سکڻ جي ضرورت آهي. جيتوڻيڪ هن دور ۾ لغتون گهڻي ڀاڱي برقياتي صورت ۾ استعمال ٿين ٿيون، تنهن هوندي به ڪاغذي صورت ۾ لغتون پنهنجي اهميت قائم رکنديون اچن. سنڌ جي موجوده حالتن ۾ جتي سنڌ جا ماڻهو پوريءَ ريت باهمرجار Internet جي موثر سهوليت کان اجا پري رهندا اچن، ڪاغذي صورت ۾ اعليٰ سطح جي لغت جي موجودگي تمام گهڻي اهميت رکي ٿي، جنهن کي امدادي برقياتي لغت سان سلهاڙيو سگهجي ٿو.

## حوالا


1. بلوچ نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ”جامع سنڌي لغات“، سنڌي ادبي بورڊ، جلد پهريون 1960ع، جلد ٻيون 1981ع، جلد ٽيون، 1984ع، جلد چوٿون 1985ع، ۽ جلد پنجون 1988ع.
2. A Dictionary of the English Language by Samuel Johnson, 2 volumes, London, Printed for J. Knapton; C. Hitch and L Hawes; A Miller; R and J Dodsley; M and T Longsman1755.
3. سامی شمس الدین، قاموس ترکی، ”درسعادت“ باب عالی جادہ سندہ دائرہ مخصوصہ سندہ، 29 رجب، 1317ھ.
4. دہلوی، مولوی سید احمد، فرہنگ آصفیہ، مطبوعہ رفاہ عام اسٹیم پریس، لاہور، بھارت، جنوری 1901ع.

5. Fuertes_Olivera, Pedro A. “E_lexicography: The continuing challenge of applying new technology to dictionary making.” *Bloomsbury Companion to Lexicography* (2013): 323_340.
6. Piotrowski, Tadeusz. “A Theory of Lexicography–Is there one.” *The Bloomsbury Handbook of Lexicography* (2013): 303_321.

.7 Oxford advanced learner's dictionary of current English, AP Cowie, Published by Oxford University Press, 1991, ISBN 10: 0194311678 / ISBN 13: 9780194311670

.8 ”سائل“، سترام داس، پروفيسر، ”سائل ڪوش“، ڪويتا پبليڪيشن، 2008ع، صفحو 300، ”ساتِي“، ”ساپُرسُ“، ”ساٿاري“.

9. Parmanand Mewaram. A Sindhi_English dictionary. Hyderabad, Sind: The Sind Juvenile Co_operative Society, 1910.
10. Akasu, Kaoru. “Methods in dictionary criticism.” *The Bloomsbury Companion to Lexicography* (2013): 48_61.

.11 ڪشناڻي، پنهون مل، سنتداس، ”سنڌي پهاڪا ۽ محاورا“، ”سنتل“، پِي وِي ڪشناڻي ٽرسٽ، پٽي، مهاراشٽر، ڀارت، 1993ع.

ڊاڪٽر رياضت ٻرڙو

# سنڌي ٻوليءَ ۾ ’ٽرانسليٽر/ڪَنوَرٽر ايپس‘ جو ابتدائي جائزو
# An Initial Review of “Translator/Converter Apps” in the Sindhi Language


## Abstract:

Cyber World or Cyber Space is a vast virtual world, where the Sindhi language is also present. Just like the real world, this non-material world—cyber world—also faces many challenges for the Sindhi language. To overcome these challenges, Sindhi people need to take appropriate measures. One important issue among these challenges is the extensive and correct use of the Sindhi language, particularly in terms of Sindhi writing, vocabulary, and the grammatical structure of sentences, in accordance with the natural rules and principles of the Sindhi language.

In this regard, several websites and mobile applications for learning the Sindhi language and Sindhi dictionaries have been developed by different institutions and individuals. In addition to these, bilingual English–Sindhi translation converter apps, as well as multilingual applications have also been developed. These apps often have similar names with slight variations.

In this paper, I have presented an initial review of the availability of these different translator/translation/converter apps and the quality of translation they provide. In particular, the study attempts to examine the extent to which these apps correctly use Sindhi vocabulary and grammatical structure.


**Key words:** Cyber world, Sindhi language, Sindhi translator apps, Sindhi converter apps, Online Sindhi Dictionaries.

’سائبر ورلڊ‘ (Cyber World) ’سائبر يا ڊجيٽل اسپيس‘ (Cyber or Digital Space) گھڻي ڪشادي غير مادِي (non_material)، غير حقيقي (virtual) دنيا آهي. ’سائبر ورلڊ‘ جا متبادل اصطلاح’ڊِجيٽل ورلڊ‘ ۽ ’سائبر اسپيس‘ توڙي ’ڊجيٽل اسپيس‘ پڻ آهن. اها هڪ اهڙِي حيران ڪندڙ دنيا آهي، جيڪا انٽرنيٽ ذريعي جڳهہ بہ والاري ٿي، تہ صورتون بہ رکي ٿي، ٿاهي، سنواري، سڌاري ۽ ڊاهي بہ سگهجي ٿي، تہ هِڪ رنگيءَ کان گهڻَ رنگي بہ بڻائي سگهجي ٿي ۽ جنهن جي سُوڌ سنوار لاءِ مستقل وقت، ڏوڪڙ ۽ افرادي سگهہ بہ گهربل آهي. جيڪا اَنگِ اکرِي بہ آهي، تہ تصويري ۽ چُرندڙ ڦرندڙ بہ، ۽ جنهن جون حدون

ملڪن، ٻولين ۽ ثقافتن جي جاگرافيائي حدن جي قيد ۾ هئڻ جي ابتڙ، ڪنهن به قسم جي حدبنديءَ جون حامي ناهن.

گوگل جي اي آءِ جيمناءِ موجب:

> Cyber world or cyber space refers to the digital, online environment where users interact, communicate, and conduct activities, extending beyond the internet to include private, networked systems. The term is widely used to describe the interconnected digital universe, often highlighting the risks associated with it, such as hacking and data theft.(1)

يعني: سائبر ورلڊ يا سائبر اسپيس اُن ڊجيٽل، آنلائن ماحول کي چئجي ٿو جتي واهپيدار هڪٻئي سان رابطي ۾ اچن ٿا، ڳالهه ٻول ڪن ٿا، ۽ مختلف سرگرميون ڪن ٿا، جيڪو صرف انٽرنيٽ کان اڳتي وڌي، خانگي نيٽ ورڪ سرشتن کي پڻ شامل ڪري ٿو. اهو اصطلاح وڏي پئماني تي هڪٻئي سان اندروني طور ڳنڍيل ڊجيٽل ڪائنات جي وضاحت لاءِ استعمال ٿيندو آهي، ۽ اڪثر ان سان لاڳاپيل خطرن کي پڻ اجاگر ڪندو آهي، جهڙوڪ: هيڪنگ ۽ ڊيٽا چوري.

سائبر ورلڊ جو هڪ ننڍو حصو سنڌي ماڻهو ۽ سنڌي ٻولي پڻ آهن. سنڌي ماڻهو ان دنيا ۾ جن ٻولين وسيلي عام طور گذارن ٿا، تن ۾ انگريزيءَ، اردوءَ/هنديءَ، عربيءَ ۽ فارسيءَ سان گڏ سنڌن تهذيبي ۽ ثقافتي ٻولي ــ سنڌي پڻ شامل آهي.

جيتوڻيڪ ٻن، ٽن يا گهڻين ٻولين جو واهپو ڪو عيب نه آهي، ان سان پنهنجو ’آواز‘ گهڻن ماڻهن تائين پهچي ٿو پر گهڻين ٻولين جي واهپي سبب، ’سائبر ورلڊ‘ ۾ سنڌي ٻوليءَ کي جڳهه به ان تناسب سان ملي ٿي، جڏهن ته هڪ ٻيو الميو اهو پڻ آهي ته ٻوليءَ کي علمي، ادبي، سماجي ۽ عوامي طور پهچائيندڙ رويو پڻ ڪو اتساهه ڏيندڙ ڪو نه آهي. ان جا ڪيئي سبب آهن، جن جي موجوده موضوع سان ڳانڍاپي نه هئڻ سبب ان کي بحث هيٺ نه ٿو آڻجي.

## سنڌي ٻوليءَ جو سائبر ورلڊ ۾ بنيادي مسئلو:

حقيقي دنيا وانگر سائبر ورلڊ ۾ به سنڌي ٻوليءَ کي انيڪ مسئلا آڏو آهن، جن مان نڪرڻ لاءِ سنڌي ماڻهن کي اپاءَ وٺڻا پوَن ٿا. انهن مسئلن مان هڪ اهم

مسئلو سنڌي ٻوليءَ جو گھٽو ۽ درست واهپو پڻ آهي، جيڪو خاص طور سنڌي لڪت، لغت، اصطلاحن ۽ جملن جي وياڪرڻي سٿاءَ طور سنڌي ٻوليءَ جي فطري قاعدن ۽ قانونن تحت هجي ۽ انهن قاعدن هيٺ سهنجائيءَ سان سنڌي ٻولي سيکاري سگهجي ۽ ان کي سائبر ورلڊ جِي ٻين پُر اثر ٻولين جي سَٿ سان سلهاڙي برقرار رکي سگهجي. ان سلسلي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي سکيا ۽ سنڌي لغت جون ڪيئي ويبسائيٽون ۽ موبائيل ايپُون/ايپس (Apps) سنڌ سميت دنيا جي مختلف ملڪن ۾ ڪم ڪندڙ مختلف ادارن ۽ رهندڙ فردن ٺاهيون آهن.

ان کان سواءِ ڪن ادارن ۽ فردن پاران انگريزيءَ ۽ سنڌيءَ جي ٻہ-طرفِي ’ٽرانسليٽر/ٽرانسليشن/ٽرانسلٽيريشن/ڪنورٽر ايپس‘ سميت گھڻ-ٻوليائي ايپُون پڻ ٺاهيون ويون آهن، جن جا نالا، ٿورڙي فرق سان، هڪجهڙا آهن، جهڙوڪ: جِي. ڪي. ايپس (GK Apps) پاران موبائيل ايپ ”Sindhi English Translator“، ڊِيوي پنچل (DivyPanchal) پاران موبائيل ايپ ”Sindhi To English Converter“، هيرش انفوٽيڪ (HerishInfotech) پاران موبائيل ايپ ”Sindhi To English Translator“، سنديپ ايچ وَوادِيا پاران ”English To Sindhi Translation“، وغيره. اهڙا ٻيا نالا هيٺ مطالع ڪري سگھبا.

## ’سائبر ورلڊ‘ ۾ سنڌي ٻوليءَ جون ’ٽرانسليٽر/ڪنورٽر ايپس‘:

هِن مقالي ۾، گوگل جي ’پلي اسٽور‘ ۽ ايپل جي ’ايپ اسٽور‘ تي سنڌي ٻوليءَ سان لاڳاپيل مختلف ’ٽرانسليٽر/ڪنورٽر ايپس‘ جو ابتدائي جائزو ورتو آهي،جڏهن تہ سنڌي ٻوليءَ جي سکيا واريون موبائيل ايپس (Learning Apps) شامل نہ ڪيون ويون آهن.

ايپس جي تعارف ڏيڻ سان گڏ اهو کوجڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، تہ منجهن سنڌي ٻوليءَ جي لغت ۽ وياڪرڻ جو ڪيتري قدر واهپو موجود آهي ۽ اهي سنڌي ٻوليءَ جي سکيا ۾ ڪيترو ڪردار ۽ ڪارج ادا ڪري سگھن ٿيون، ۽ ’سائبر ترجمن‘ ۾ سنڌي ٻولي ڪٿي بيٺي آهي. گڏوگڏ صحيح سنڌي متبادل موجود آهي. يا ناهي ۽ ترجمي وارو جملو سنڌي وياڪرڻ، ورجيسن، ٻهاڪن ۽ چوڻين پٽاندر ڪيتري قدر ڪيل آهي. انهن ايپس جي ترتيب، سندن جاري ٿيڻ جي تاريخ موجب رکي وئي آهي. انهن ايپس مان ڪي ٻہ-ٻوليائي (Bi_lingual) آهن، تہ ڪي گھڻ-ٻوليائي (Multi_lingual) آهن.

جيئن تہ ’ترانسليٽر/ڪنورٽر ايپس‘ ۾ لفظن جي معنائن سان گڏ جملا ڏنل هوندا آهن، ان ڪري انهن جو جائزو سنڌي ٻوليءَ جي درست واهپي ۾ مددگار ثابت ٿي سگهي ٿو. واضح هجي، تہ هِن جائزي ۾سنڌي ٻوليءَ جي سکيا واريون موبائيل ايپس (Learning Apps) شامل نہ آهن.

## ترانسليٽر/ڪنورٽر ايپس:

(1) دَ ويب ويليو (ڊڪشنري اينڊ ترانسليشن ايپس) پاران موبائيل ايپ “Sindhi English Translator” (انگلش سنڌي ترانسليٽر)، ورزن 5. 4، ايپ سائيز 25 ايم. بِي. ان ايپ جي استعمال لاءِ گهٽ ۾ گهٽ اينڊرائيڊ سسٽم 11 هئڻ گهرجي. ان جي ريٽنگ 3+ ڄاڻايل آهي ۽ 10 هزارن کان مٿي ڊائونلوڊ ڪيل آهي. هيءَ ايپ پلي اسٽور تي 15 سيپٽمبر 2015ع تي جاري ۽ 27آگسٽ 2023ع تي اپڊيٽ ڪيل ۽ فعال آهي. هِن ترانسليٽر ايپ ۾ ٻہ طرفي انگريزيءَ کان سنڌيءَ ۽ سنڌيءَ کان انگريزيءَ ۾ ڊڪشنريءَ سان گڏ جملن جي ترجمن جي سهولت ڏنل آهي.[2]




(2) جِي. ڪي. ايپس (GK Apps) پاران موبائيل ايپ “Sindhi English Translator” (سنڌي انگلش ترانسليٽر)، ورزن 24. 9، ايپ سائيز 2. 49 ايم. بِي. ان ايپ جي استعمال لاءِ گهٽ ۾ گهٽ 5. 0 اينڊرائيڊ سسٽم هئڻ گهرجي. ان جي ريٽنگ 3+ ڄاڻايل آهي ۽ هڪ لک کان مٿي پيرا ڊائونلوڊ ڪيل آهي. هيءَ مفت ميسر ايپ، پلي اسٽور تي 31 مارچ



2016ع تي جاري ۽ 11 سيپٽمبر 2024ع تي اپڊيٽ ڪيل. ۽ فعال ايپ آهي.
هِن ايپ ۾ لفظن سان گڏ جملن جي ترجمن جي بہ سهولت ڏنل آهي، جيڪا انگريزي کان سنڌيءَ ۽ سنڌيءَ کان انگريزيءَ ۾ ميسر آهي. البت ڊڪشنري ڏنل نہ آهي. ايپ ۾ وائيس اِنپُٽ جي سهولت ڏنل آهي، يعني ’اسپيچ ٽُ ٽيڪسٽ‘ جو آپشن موجود آهي. منجهس شيئر ڪرڻ جو آپشن پڻ آهي.[3]

(3) لينگئيجز ٽرانسليٽر پاران موبائيل ايپ ”Sindhi_English Translator“(سنڌي_انگلش ٽرانسليٽر)، ورزن 13. 0، ايپ سائيز 2. 43 ايم. بِي. ان ايپ جي استعمال لاءِ گهٽ ۾ گهٽ 4. 4 اينڊرائيڊ سسٽم هئڻ گهرجي. ان جي ريٽنگ 3+ ڄاڻايل آهي ۽ 50 هزارن کان وڌيڪ ڀيرا ڊائونلوڊ ڪيل آهي. هيءَ مفت ميسر ايپ، پلي اسٽور تي 2 مئي 2016ع تي جاري ۽ پهرين مئي 2023ع تي اپڊيٽ ڪيل آهي. هِن ايپ ۾ لفظن سان گڏ جملن جي ترجمن جي سهولت ڏنل آهي، جيڪا انگريزي کان سنڌيءَ ۽ سنڌيءَ کان انگريزيءَ ۾ ميسر آهي. ايپ ۾ وائيس اِنپُٽ جي سهولت ڏنل آهي. شيئر ڪرڻ جو آپشن پڻ اٿس. منجهس ڊڪشنري ڏنل نہ آهي.[4]




(4) ايڪس ڊبليو اِنفوٽيڪ (xwinfotec) پاران موبائيل ايپ ”English Sindhi Translate“ورزن 46. 0، ايپ سائيز 5. 41 ايم. بِي. ان ايپ جي استعمال لاءِ گهٽ ۾ گهٽ اينڊرائيڊ سسٽم 7. 0 هئڻ گهرجي. ان جي ريٽنگ 3+ ڄاڻايل آهي ۽ هڪ هزار کان وڌيڪ ڀيرا ڊائونلوڊ ڪيل آهي. هيءَ ايپ پلي اسٽور تي 24 نومبر 2016ع تي جاري ۽ 10مارچ 2025ع تي



اپڊيٽ ڪيل ۽ فعال آهي. هن ٽرانسليٽر ايپ ۾ لفظن سان گڏ جملن جي ترجمن جي به سهولت ڏنل آهي، جيڪا انگريزي کان سنڌيءَ ۽ سنڌيءَ کان انگريزيءَ ۾ ميسر آهي. ان ۾ وائيس انپٽ ۽ ڪئميرا ٽرانسليٽر، ٽيڪسٽ ٽُ اسپيچ جي سهولت به آهي. جڏهن ته منجهس ڳولا ڪي شيئر ڪرڻ سان گڏ اڳ ڪيل ڳولا جي يادداشت (هسٽري) ۽ پسنديدگين (Favorites) جي سهولت به ڏنل آهي.(5)

(5) ٽِي ٽِي ايم اي (TTMA) ايپس پاران موبائيل ايپ ”Sindhi English Translator“ (سنڌي انگلش ٽرانسليٽر)، ورزن 2. 0. 62، ايپ سائيز 17. 86 ايم. بِي. ان ايپ جي استعمال لاءِ گهٽ ۾ گهٽ اينڊرائيڊ سسٽم 4. 4 هئڻ گهرجي. ان جي ريٽنگ 3+ جاٽايل آهي ۽ 10 هزارن کان وڌيڪ پيرا ڊائونلوڊ ڪيل آهي. هيءَ ايپ پلي اسٽور تي 28 مارچ 2017ع تي جاري ۽ 4 ڊسمبر 2022ع تي اپڊيٽ ڪيل آهي. هن ٽرانسليٽر ايپ ۾ لفظن سان گڏ جملن جي ترجمن جي به سهولت ڏنل آهي، جيڪا انگريزي کان سنڌيءَ ۽ سنڌيءَ کان انگريزيءَ ۾ ميسر آهي. ان ۾ وائيس انپٽ ۽ ڪئميرا ٽرانسليٽر جي سهولت به آهي. جڏهن ته منجهس ڳولا ڪي شيئر ڪرڻ سان گڏ اڳ ڪيل ڳولا جي يادداشت (هسٽري) ۽ پسنديدگين جي سهولت به ڏنل آهي.(6)




(6) ٽِي ٽِي ايم اي (TTMA) ايپس پاران موبائيل ايپ ”Sindhi Arabic Translator“ (سنڌي عربڪ ٽرانسليٽر)، ورزن 2. 0. 62، ايپ سائيز 18 ايم. بِي. ان ايپ جي استعمال لاءِ گهٽ ۾ گهٽ اينڊرائيڊ سسٽم 4. 4 هئڻ گهرجي. ان جي ريٽنگ 3+ جاٽايل آهي ۽ 10 هزارن کان وڌيڪ پيرا ڊائونلوڊ ڪيل آهي. هيءَ ايپ پلي اسٽور تي 30 آگسٽ



2017ع تي جاري ۽ 1 ڊسمبر 2022ع تي اپڊيٽ ڪيل آهي. هِن ٽرانسليٽر ايپ ۾ لفظن سان گڏ جملن جي ترجمن جي بہ سهولت ڏنل آهي، جيڪا سنڌيءَ کان عربيءَ ۽ عربيءَ کان سنڌيءَ ۾ ميسر آهي. ان ۾ وائيس انپٽ ۽ ڪئميرا ٽرانسليٽر جي سهولت بہ آهي. جڏهن تہ منجهس ڳولا کي شيئر ڪرڻ سان گڏ اڳ ڪيل ڳولا جي يادداشت (هسٽري) ۽ پسنديدگين جي سهولت بہ ڏنل آهي.[7]

(7) ڊِيوي پنچل (DivyPanchal) پاران موبائيل ايپ "Sindhi To English Converter" (سنڌي ٽُ انگلش ڪنورٽر)، پر لوگو ۾ نالو "English Sindhi Translator" (انگلش سنڌي ٽرانسليٽر) لکيل، ورزن 8. 1، ايپ سائيز 4. 70 ايم. بِي. ان ايپ جي استعمال لاءِ گهٽ ۾ گهٽ 5. 0 اينڊرائيڊ سسٽم هئڻ گهرجي. ان جي ريٽنگ 3+ چاٽايل آهي ۽ 50 هزارن کان وڌيڪ ڀيرا ڊائونلوڊ ڪيل آهي. هيءَ مفت ميسر ايپ، پلي اسٽور تي 30 نومبر 2017ع تي جاري ۽ 15 ڊسمبر 2024ع تي اپڊيٽ ڪيل آهي. هن ايپ ۾ لفظن سان گڏ جملن جي ترجمن جي بہ سهولت ڏنل آهي، جيڪا انگريزي کان سنڌيءَ ۽ سنڌيءَ کان انگريزيءَ ۾ ميسر آهي. ايپ ۾ وائيس اِنپُٽ جي سهولت ڏنل آهي.[8]




(8) هيرش انفوٽيڪ (HerishInfotech) پاران موبائيل ايپ "Sindhi To English Translator" (سنڌي ٽُ انگلش ٽرانسليٽر)، ورزن 2، ايپ سائيز 4. 66 ايم. بِي. هيءَ ايپ پلي اسٽور تي 14 جولاءِ 2018ع تي جاري ۽ 5 نومبر 2023ع تي اپڊيٽ ڪيل آهي. هن ايپ ۾ لفظن سان گڏ جملن جي ترجمن جي بہ سهولت ڏنل آهي، جيڪا انگريزي کان سنڌيءَ ۽ سنڌيءَ کان انگريزيءَ ۾ ميسر آهي. منجهس آفلائن ڊڪشنري پڻ آهي. امڪاني طور هيءَ ايپ "English To Sindhi Translator" (انگلش ٽُ سنڌي ٽرانسليٽر) ۾ تبديل ڪيل آهي. هيءَ ايپ 22 مئي 2025ع تي، گوگل پلي تي نظر نہ آئي.

(9) هيرش انفوٽيڪ (HerishInfotech) پاران موبائيل ايپ "English To Sindhi Translator" (انگلش ٽُ سنڌي ٽرانسليٽر)، ورزن 6، ايپ سائيز 4. 44 ايم. بِي. ان ايپ جي استعمال لاءِ گهٽ ۾ گهٽ اينڊرائيڊ سسٽم 10هئڻ گهرجي. ان جي ريٽنگ 3+ ڄاڻايل آهي ۽ 50 هزارن کان وڌيڪ ڀيرا ڊائونلوڊ ڪيل آهي. هيءَ ايپ پلي اسٽور تي 14 جولاءِ 2018ع تي جاري ۽ 10 مئي 2025ع تي اپڊيٽ ڪيل ۽ فعال آهي. هِن آنلائن ۽ آفلائن ٽرانسليٽر ۽ ڊڪشنري ايپ ۾ لفظن سان گڏ جملن جي ترجمن جي بہ سهولت ڏنل آهي، جيڪا انگريزي کان سنڌيءَ ۽ سنڌيءَ کان انگريزيءَ ۾ ميسر آهي. منجهس 39 هزارن انگريزي لفظن جي اچارن سان ڊڪشنري پڻ ڏنل آهي.[9]




(10) ڀاٽيا ٽرانس ٽيڪنالاجيءَ پاران موبائيل ايپ "English To Sindhi Translator" (انگلش ٽُ سنڌي ٽرانسليٽر)، ورزن 1. 42، ايپ سائيز 3. 7 ايم. بِي. ان ايپ جي استعمال لاءِ گهٽ ۾ گهٽ اينڊرائيڊ سسٽم 5. 0 هئڻ گهرجي. ان جي ريٽنگ 3+ ڄاڻايل آهي ۽ هڪ هزار کان مٿي ڊائونلوڊ ڪيل آهي. هيءَ ايپ پلي اسٽور تي 16 سيپٽمبر 2020ع تي جاري ۽ پهرين آڪٽوبر 2024ع تي اپڊيٽ ڪيل ۽ فعال آهي. هِن ٽرانسليٽر ايپ ۾ لفظن سان گڏ جملن جي ترجمن جي بہ سهولت ڏنل آهي، جيڪا انگريزي کان سنڌيءَ ۽ سنڌيءَ کان انگريزيءَ ۾ ميسر آهي. ان ۾ وائيس انپٽ سان گڏ او سِي آر ذريعي ڪئميرا ۽ اميج ٽرانسليٽر ۽ ٽيڪسٽ ٽُ اسپيچ ۽ اسپيچ ٽُ ٽيڪسٽ (وائيس ٽائيپنگ) تبادلي



جي سهولت بہ آهي. جڏهن تہ منجهس ڳولا کي شيئر ڪرڻ سان گڏ اڳ ڪيل ڳولا جي يادداشت (هسٽري) ۽ پسنديدگين (Favorites) جي سهولت بہ ڏنل آهي.[10]

(11) پي. ايچ. سالیوشن (PH Solution) پاران موبائيل ايپ "Sindhi _ English Translator" (سنڌي_انگلش ٽرانسليٽر)، ورزن 1. 4، ايپ سائيز 4. 1 ايم. بي.




جنهن جي استعمال لاءِ گهٽ ۾ گهٽ 4. 1 اينڊرائيڊ سسٽم هئڻ گهرجي. ان جي ريٽنگ 3. 9 ڄاڻايل آهي ۽ 10 هزارن کان مٿي ڊائونلوڊ ڪيل آهي. هيءَ ايپ پلي اسٽور تي 9 نومبر 2020ع تي جاري ۽ 30جولاءِ 2024ع تي اپڊيٽ ڪيل ۽ فعال ايپ آهي. هن ٽرانسليٽر ايپ ۾ لفظن سان گڏ جملن جي ترجمن جي بہ سهولت ڏنل آهي، جيڪا انگريزي کان سنڌيءَ ۽ سنڌيءَ کان انگريزيءَ ۾ ميسر آهي. ان ۾ وائيس انپٽ جي سهولت سان گڏمنجهس ڳولا کي شيئر ڪرڻ جي سهولت ڏنل آهي.[11]

(12) ايپس ڊائري (Apps Diary) پاران موبائيل ايپ "Sindhi To English Translator" (سنڌي ٽُ انگلش ٽرانسليٽر)، ورزن 1. 0. 2، ايپ سائيز 8. 7 ايم.




بي، جنهن جي استعمال لاءِ گهٽ ۾ گهٽ 5. 0 اينڊرائيڊ سسٽم هئڻ گهرجي. ان جي ريٽنگ 3. 9 ڄاڻايل آهي ۽ هڪ لک کان مٿي پيرا ڊائونلوڊ ڪيل آهي. هيءَ ايپ پلي اسٽور تي 9 مارچ 2022ع تي جاري ۽ 26 آگسٽ 2024ع تي اپڊيٽ ڪيل ۽ فعال ايپ آهي. هن ايپ ۾ لفظن سان گڏ جملن جي ترجمن جي بہ سهولت ڏنل آهي، جيڪا انگريزي کان سنڌيءَ ۽ سنڌيءَ کان انگريزيءَ ۾ ميسر آهي. ان ايپ

۾ ’اسپيچ ٽُ ٽيڪسٽ‘ جي سهولت پڻ ڏنل آهي. منجهس ٻه-طرفي آفلائن ڊڪشنري پڻ آهي.[12]

(13)  ايپس ڊائري پاران موبائيل ايپ ”Urdu To Sindhi Translator“ (اردو ٽُ سنڌي ٽرانسليٽر)، ورزن 1. 0. 2، ايپ سائيز 8. 7 ايم. بِي. ان جي استعمال لاءِ گهٽ ۾ گهٽ 5. 0 اينڊرائيڊ سسٽم هئڻ گهرجي. ان جي ريٽنگ +3 ڄاڻايل آهي ۽ 50 هزارن کان وڌيڪ ڊائونلوڊ ڪيل آهي.




هيءَ مفت ميسر ايپ پلي اسٽور تي 5 مئي 2022ع تي جاري ۽ 28 آگسٽ 2024ع تي اپڊيٽ ڪيل آهي، يعني فعال آهي. هن ايپ ۾ لفظن سان گڏ جملن جي ترجمن جي به سهولت ڏنل آهي، جيڪا اردوءَ کان سنڌيءَ ۽ سنڌيءَ کان اردوءَ ۾ ميسر آهي. ان کان سواءِ ٻنهي ٻولين ۾ آواز کان متن ۾ تبادلو به ڪري سگهجي ٿو. ان تبادلي کي سوشل ميڊيا تي شيئر به ڪري سگهجي ٿو. منجهس اڳ ڪيل ڳولا جي يادداشت (هسٽري) ۽ پسنديدگين جي سهولت به ڏنل آهي.[13]

(14)  ٽرانسليٽر ٽيڪسٽ اينڊ وائيس ٽرانسليٽر پاران ”Sindhi To English Translator“ (سنڌي ٽُ انگلش ٽرانسليٽر)،




ورزن 1. 40، ايپ سائيز 3. 34 ايم. بِي. ان جي استعمال لاءِ گهٽ ۾ گهٽ 6. 0 اينڊرائيڊ سسٽم هئڻ گهرجي. ان جي ريٽنگ +3 ڄاڻايل آهي ۽ 500 کان وڌيڪ ڊائونلوڊ ڪيل آهي. هيءَ مفت ميسر ايپ پلي اسٽور تي 26 مئي 2022ع تي جاري ۽ 20 مارچ 2025ع تي اپڊيٽ ڪيل ۽ فعال آهي. هيءَ ايپ لفظن سان گڏ جملن جي ترجمن تي مشتمل آهي، جيڪا انگريزيءَ کان

سنڌيءَ ۽ سنڌيءَ کان انگريزيءَ ۾ ميسر آهي. ان ترجمي کي سوشل ميڊيا تي شيئر بہ ڪري سگھجي ٿو. منجھس اڳ ڪيل ڳولا جي يادداشت (هسٽري) ۽ پسنديدگين جي سهولت بہ ڏنل آهي.[14]

(15) ٽرانسليشن اينڊ وائيس ٽائپنگ ايپس پاران موبائيل ايپ "English To Sindhi Translation" (انگلش ٽُ سنڌي ٽرانسليشن)، ورزن 20250206، ايپ سائيز 5. 82 ايم. بِي. ان جي استعمال لاءِ گھٽ ۾ گھٽ 6. 0 اينڊرائيڊ سسٽم هئڻ گھرجي. ان جي ريٽنگ +3 ڇاٽايل آهي ۽ 10 هزارن کان وڌيڪ ڊائونلوڊ ڪيل آهي. اها مُلهہ طور 79 رپين کان 499 رپين تائين ميسر آهي. هيءَ ايپ پلي اسٽور تي 27 جولاءِ 2022ع تي جاري ۽ 5 فيبروري 2025ع تي اپڊيٽ ڪيل آهي يعني فعال آهي. هِن ايپ ۾ ٻنهي ٻولين ۾ هڪبئي مان ڊڪشنريءَ سان گڏ جملن جي ترجمن جي سهولت ڏنل آهي. ان کان سواءِ ٻنهي ٻولين ۾ آواز کان متن ۾ تبادلو بہ ڪري سگھجي ٿو. ان تبادلي کي سوشل ميڊيا تي شيئر بہ ڪري سگھجي ٿو. منجھس اڳ ڪيل ڳولا جي يادداشت (هسٽري) جي سهولت بہ ڏنل آهي.[15]




(16) ڀاٽيا ٽرانس ٽيڪنالاجي پاران موبائيل ايپ "Sindhi To Urdu Translator" (سنڌي ٽُ اردو ٽرانسليٽر)، ورزن 1. 42، ايپ سائيز 3. 71 ايم. بِي. ان ايپ جي استعمال لاءِ گھٽ ۾ گھٽ اينڊرائيڊ سسٽم 5. 0 هئڻ گھرجي. ان جي ريٽنگ 3+ ڇاٽايل آهي ۽ 5 هزارن کان مٿي ڊائونلوڊ ڪيل آهي. هيءَ ايپ پلي اسٽور تي 21 سيپٽمبر 2022ع تي جاري ۽ 9 نومبر 2024ع تي اپڊيٽ ڪيل ۽ فعال آهي. هن ٽرانسليٽر ايپ ۾ لفظن سان گڏ جملن جي ترجمن جي بہ سهولت ڏنل آهي، جيڪا



انگريزي کان سنڌيءَ ۽ سنڌيءَ کان انگريزيءَ ۾ ميسر آهي. ان ۾ وائيس انپٽ سان گڏ او سِي آر ذريعي ڪئميرا ۽ اميج ٽرانسليٽر ۽ ٽيڪسٽ ٽُ اسپيچ ۽ اسپيچ ٽُ ٽيڪسٽ (وائيس ٽائيپنگ) تبادلي جي سهولت بہ آهي. جڏهن تہ منجهس ٻولا کي شيئر ڪرڻ جي سهولت بہ ڏنل آهي.(16)

(17) ڀاٽيا ٽرانس ٽيڪنالاجي پاران موبائيل ايپ "Hindi To Sindhi Translator" (هندي ٽُ سنڌي ٽرانسليٽر)، ورزن 1. 48، ايپ سائيز 3. 74 ايم. بِي. ان ايپ جي استعمال لاءِ گهٽ ۾ گهٽ اينڊرائيڊ سسٽم 5. 0 هئڻ گهرجي. ان جي ريٽنگ +3 جاٽايل آهي ۽ 500 کان مٿي ڊائونلوڊ ڪيل آهي. هيءَ ايپ پلي اسٽور تي 16جنوري 2023ع تي جاري ۽ 20 ڊسمبر 2024ع تي اپڊيٽ ڪيل ۽ فعال آهي. هِن ٽرانسليٽر ايپ ۾ لفظن سان گڏ جملن جي ترجمن جي بہ سهولت ڏنل آهي، جيڪا انگريزي کان سنڌيءَ ۽ سنڌيءَ کان انگريزيءَ ۾ ميسر آهي. ان ۾ وائيس انپٽ سان گڏ او سِي آر ذريعي ڪئميرا ۽ اميج ٽرانسليٽر ۽ ٽيڪسٽ ٽُ اسپيچ ۽ اسپيچ ٽُ ٽيڪسٽ (وائيس ٽائيپنگ) تبادلي جي سهولت بہ آهي. جڏهن تہ منجهس ٻولا کي شيئر ڪرڻ جي سهولت بہ ڏنل آهي.(17)




(18) ورلڊ لينگئيج ٽرانسليٽر پاران سنڌي کان مختلف ٻولين ۾ موبائيل ايپ "Sindhi Translator" (سنڌي ٽرانسليٽر)، ورزن 1. 1. 0، ايپ سائيز 11. 20 ايم. بِي. جنهن جي استعمال لاءِ گهٽ ۾ گهٽ 5. 0 اينڊرائيڊ سسٽم هئڻ گهرجي. ان جي ريٽنگ +3 جاٽايل آهي ۽ هڪُ هزار کان وڌيڪ ڊائونلوڊ ڪيل آهي. هيءَ مفت ايپ، پلي اسٽور تي 28 مارچ 2023ع تي جاري



۾ 2 آڪٽوبر 2024ع تي اپڊيٽ ڪيل آهي. هِن ايپ ۾ لفظن سان گڏ جملن جي ترجمن جي بہ سهولت ڏنل آهي، جيڪا انگريزي کان سنڌيءَ ۾ سنڌيءَ کان انگريزيءَ ۾ ميسر آهي.(18)

(19) ڀاٽيا ٽرانس ٽيڪنالاجي پاران موبائيل ايپ "Arabic To Sindhi Translator" (عربڪ ٽُ سنڌي ٽرانسليٽر)، ورزن 1. 48، ايپ سائيز 3. 78 ايم. بِي. ان ايپ جي استعمال لاءِ گهٽ ۾ گهٽ اينڊرائيڊ سسٽم 5. 0 هئڻ گهرجي. ان جي ريٽنگ 3+ ڄاڻايل آهي ۽ هڪ هزار کان مٿي ڊائونلوڊ ڪيل آهي. هيءَ ايپ پلي اسٽور تي 3سيپٽمبر 2023ع تي جاري ۽ 19جنوري 2025ع تي اپڊيٽ ڪيل ۽ فعال آهي. هن ٽرانسليٽر ايپ ۾ لفظن سان گڏ جملن جي ترجمن جي بہ سهولت ڏنل آهي، جيڪا انگريزي کان سنڌيءَ ۾ سنڌيءَ کان انگريزيءَ ۾ ميسر آهي. ان ۾ وائيس انپٽ سان گڏ او سِي آر ذريعي ڪئميرا ۽ اميج ٽرانسليٽر ۽ ٽيڪسٽ ٽُ اسپيچ ۽ اسپيچ ٽُ ٽيڪسٽ (وائيس ٽائيپنگ) تبادلي جي سهولت بہ آهي. جڏهن تہ منجهس ڳولا کي شيئر ڪرڻ جي سهولت بہ ڏنل آهي. ايپ جو معيار گهٽ آهي.(19)




(20) سوشيوٽيڪ ميڊيا (SocioTech Media) پاران موبائيل ايپ "English To Sindhi Translator" (انگلش ٽُ سنڌي ٽرانسليٽر)، ورزن 1. 2، ايپ سائيز 8. 80 ايم. بِي جنهن جي استعمال لاءِ گهٽ ۾ گهٽ 4. 4 اينڊرائيڊ سسٽم هئڻ گهرجي. ان جي ريٽنگ +3 ڄاڻايل آهي ۽ 50 هزارن کان وڌيڪ ڊائونلوڊ ڪيل آهي. هيءَ مفت ايپ، پلي اسٽور تي 13جنوري 2024ع تي جاري ۽ 28 فيبروري 2025ع تي اپڊيٽ ڪيل آهي. ايپ ۾ ٻنهي ٻولين ۾



هڪبئي مان لفظن سان گڏ جملن جي ترجمن جي سهولت ڏنل آهي، جڏهن تہ ان ۾ بہ-طرفي انگلش-سنڌي گلر ڊڪشنري پڻ آهي. ان ۾ پڙهڻ جي سهولت واسطي ’ڊارڪ موڊ‘ پڻ ڏنو ويو آهي. جيڪو ايپ جي واهپي ۾ سهولت ڪري ڏئي ٿو. منجهس اڳ ڪيل ڳولا جي يادداشت (هسٽري) جي سهولت بہ ڏنل آهي.[20]

### ”English To Sindhi Translator“ (انگلش ٽُ سنڌي ٽرانسليٽر) ايپ جو جائزو:

هن ايپ جو تعارف مٿي 20 نمبر سلسلي هيٺ ڏنو ويو آهي. ان جو ’هوم پيج‘ سنوڌيڪارجي ٿو. ان تي ٽئي پاڱا چٽا ڏيکاريل آهن، جن تي ٽِڙڪ (ڪِلِڪ) ڪري ان پاڱي ۾ گهربل ڪم ڪري سگهجي ٿو. هِن ايپ ۾ انگريزيءَ کان سنڌيءَ ۾ ۽ سنڌيءَ کان انگريزيءَ ۾ جملن جو ترجمو ڏنل آهي. ڊڪشنريءَ ۾ صرف انگلش-سنڌي ڊڪشنري شامل ڪيل آهي. ايپ جي تري ۾ مسلسل اشتهار هلندا رهن ٿا، جيڪي گهڻو تنگ ڪن ٿا. اُهي اشتهار تري ۾ ڏنل ايپ جي آپشنز جهڙوڪ: Copy، Clear، Undo Clear ۽ Clear History کي لِڪائي بہ ڇڏن ٿا، جنهن سان انهن عملن کي ادا ڪرڻ ۾ گهڻي ڏکيائي آڏو اچي ٿي.




ان ايپ ۾ انگريزي ٻوليءَ ۾ هڪ خبر کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري ڏيڻ لاءِ ڇيو ويو. اها خبر ۽ ان جو ايپ ۾ آيل/ٽيل ترجمو هن ريت آهي:

Trump threatens 50% tariffs on EU and 25% on iPhones
US President Donald Trump has said he is recommending a 50% tariff on all goods from the European Union being imported to the United Staes.



"ٽرمپ 50٪ اي يو ايس تي ايڪو ۾ 25 سيڪڙو تي مورز ڪي
خطرو آهي. آمريڪا صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي تہ يورپي يونين
ڪي يورپي يونين جي درآمد ڪيو ويو آهي."

پڌرو آهي تہ سنڌي ترجمي ۾، سنڌي ٻوليءَ سان چڱي چوکي جُٽ ڪئي وئي آهي. اهو ترجمو پيو نہ، تہ بہ هِن ريت هئڻ گهرجي ها:

"ٽرمپ يورپي يونين تي 50٪ ۽ آءِ فون تي 25٪ ٽيڪس لڳائڻ
جي ڌمڪي ڏني آهي.
آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي تہ هُو سفارش ڪري رهيو
آهي تہ يورپي يونين مان آمريڪا درآمد ٿيندڙ سموري سامان
تي 50٪ ٽيڪس لاڳو ڪيو وڃي."

اهڙيءَ طرح، هن ايپ کي سنڌيءَ ۾ لکيل ڪجهہ جملا انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري ڏيڻ لاءِ ڏنا ويا. اهي ايپ پاران ٿيل ترجمي سميت لکجن ٿا:




"اسان اوهان ڏي اڳاري تي گهمڻ ايندا سين."

We will get to you on you.

"حقيقت ۾ اوهان جو گهر گهڻو پري آهي."

Your house is too far away.

"توهان اسان جي پاڙي ۾ گهر چو نہ ٿا وٺو؟"

Why don't you take home in our neighborhood?

"مون کي شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جا بيت وڻندا آهن."

I don't be fruit borrowen.

"سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ وڏو تحقيقي ڪم ٿي رهيو آهي."

The biggest reason of the University is done.

تسلسل سان ٿيندڙ ٽين عالمي سنڌي ٻولي ڪانفرنس، سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ اهم وک ثابت ٿي آهي.“

Brolland with the Devider by the Deveree.




ڏسِي سگهجي ٿو ته ترجمي جو معيار تمام هيٺين سطح جو آهي، جيڪو نه صرف گهٽي پاڳي غلط آهي، پر سمجھ ۾ نه ايندڙ به آهي. اهڙيءَ طرح ايپ ۾ ترجمي لاءِ شيخ اياز جو هيٺيون مشهور بيت لکيو ويو ته ان جو ترجمو پڻ غيرمعياري ۽ غلط لکجي آيو. ڏسو:

پنھنجي ٻولي ۾ ميان!
جي تون چوندين ماءُ،
توکي اهڙو ساءُ،
ڏيندي ٻِي ٻولي ڪٿي.

MAN in your language! If you say mother,
To you, other language other language.




ايپ ۾ انگريزيءَ کان سنڌي لغت جا ڪجھ مثال پڻ ڏجن ٿا:

South east

ان جي ترجمي ۾ لکجي آيو:

Found No Results for “South east”

| | |
|---|---|
| South west | ڏکڻ اولھ |
| North west | اتر اولھ، اولھ |
| North east | جي اتر اويرسان |
| Well As Ultra | ڳڏوڳڏ الترا |

اهڙيءَ طرح، جڏهن ”انگلش-سنڌي ڊڪشنري“ ۾ لکيو ويو تہ هن ريت اسڪرين آڏو آئي، جنهن ۾ پڻ لغت جو معيار مناسب نہ آهي.




## ڪجهہ اهم نتيجا:

1. گهڻي ڀاڱي انگريزيءَ کان سنڌيءَ ۽ سنڌيءَ کان انگريزيءَ جون ٻہ-طرفيون ٽرانسليٽر/ٽرانسليشن/ڪنورٽر موبائيل ايپس ٺهيل آهن. ٻين ٻولين سان ايڪڙ ٻيڪڙ ايپس موجود آهن.
2. سنڌي ٻوليءَ جي ايپس جي ٺهڻ جو سلسلو 2015-16ع کان شروع ٿيل نظر اچي ٿو. 10 ورهيہ گذرڻ باوجود انهن ايپس جو ڳاڻيٽو ٿورو آهي.
3. اهي ايپس گهڻي ڀاڱي انفرادي ڪم جو نتيجو آهن، جن ۾ نقل ۽ روايتي انداز محسوس ٿئي ٿو جنهنڪري منجهن معيار جي تمام گهڻي کوٽ آهي. انهن ۾ جملن جي غلط بيهڪ سان گڏ انتهائي غيرمعياري ۽ اڻپورو ترجمو ٿِئي ٿو جيڪو سنڌي ٻوليءَ جي درست واهپي کي تمام گهڻو نقصان ڏيندڙ آهي. البت رواجي سادن جلمن جو ترجمو وري بہ ٺيڪ آهي، پر ٻولي رڳو سادا جملا تہ نہ آهي.

4. جن ايپس ۾ لفظن جون معنائون يا لغت ڏنل آهي، انهن ۾ لفظن جي وياڪرڻي حيثيت، اچار وغيره ڏنل نہ آهن. نہ ئي لفظ جو جملي ۾ واهپو وغيره سمجهايل آهي.
5. سنڌ جي ڪنهن بہ اداري پاران ڪا معياري مترجم ايپ ڳولا ۾ هٿ نہ آئي.

## آئنده لاءِ تجويزون:

1. سنڌي ٻوليءَ جي معياري ٽرانسليٽر/ٽرانسليشن/ڪنورٽر ايپس جي تمام گهڻي گهرج ۽ گنجائش آهي. ان ڪري لائق فردن ۽ مختلف ادارن کي ان سلسلي ۾ لازمي طور ڪم ڪرڻ گهرجي. خاص ڪري اهڙي ايپ تيار ڪرڻ گهرجي، جنهن ۾ وڌ ۾ وڌ ٻولين جي شموليت تہ هجي ئي هجي، پر خاص ڪري دنيا جي اهم ٻولين، جهڙوڪ: انگريزي، عربي، چيني، جرمن (جرمني)، فرينچ (فرانسِي)، روسي، فارسي، هندي، بنگالي سان گڏ پاڪستاني ٻولين ۾ ترجمو ٿي سگهي. ان ۾ ٽرانسلٽيريشن بہ شامل هجي، تہ جيئن عربي-سنڌي رسم الخط پڙهي نہ سگهندڙ ماڻهو بہ ترجمو ۽ لفظ پڙهي سگهن. اهي ايپس مفت ميسر هجڻ سان گڏ واهپي ۾ سوليون يعني يُوزر فرينڊلي هجن ۽ تسلسل سان اپڊيٽ ٿينديون رهن.
2. سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري ۽ عبدالماجد ڀرڳڙي انسٽيٽيوٽ آف لئنگئيج انجنيئرنگ کي معياري ۽ جامع ٽرانسليٽر/ٽرانسليشن/ ڪنورٽر ايپ ٺهرائڻ ۽ عام ڪرڻ گهرجن. انهن ادارن پاران گوگل پلي ۽ ايپ اسٽور تي موجود سنڌي ٽرانسليٽر/ٽرانسليشن/ڪنورٽر ايپ ٺاهيندڙن (ڊِولپرس) سان رابطا ڪري، انهن ۾ سڌارا ۽ واڌارا ڪرائجن، تہ جيئن غلط سنڌي ٻوليءَ جو واهپو گهٽجندي، نيٺ نہ هئڻ برابر بچي ۽ درست واهپو مستقل طور وڌندو رهي.

## حوالا:


1. ايپ جو 22 مئي 2025ع تي نئين سر جائزو ورتو ويو.
2. ايپ جو20 مئي 2025ع تي نئين سر جائزو ورتو ويو.
3. ايپ جو20 مئي 2025ع تي نئين سر جائزو ورتو ويو.
4. ايپ جو22 مئي 2025ع تي نئين سر جائزو ورتو ويو.
5. ايپ جو22 مئي 2025ع تي نئين سر جائزو ورتو ويو.

6. ايپ جو22 مئي 2025ع تي نئين سر جائزو ورتو ويو.
7. ايپ جو21 مئي 2025ع تي نئين سر جائزو ورتو ويو.
8. ايپ جو21 مئي 2025ع تي نئين سر جائزو ورتو ويو.
9. ايپ جو22 مئي 2025ع تي نئين سر جائزو ورتو ويو.
10. ايپ جو22 مئي 2025ع تي نئين سر جائزو ورتو ويو.
11. ايپ جو18 مئي 2025ع تي نئين سر جائزو ورتو ويو.
12. ايپ جو19 مئي 2025ع تي نئين سر جائزو ورتو ويو.
13. ايپ جو21 مئي 2025ع تي نئين سر جائزو ورتو ويو.
14. ايپ جو19 مئي 2025ع تي نئين سر جائزو ورتو ويو.
15. ايپ جو22 مئي 2025ع تي نئين سر جائزو ورتو ويو.
16. ايپ جو22 مئي 2025ع تي نئين سر جائزو ورتو ويو.
17. ايپ جو22 مئي 2025ع تي نئين سر جائزو ورتو ويو.
18. ايپ جو22 مئي 2025ع تي نئين سر جائزو ورتو ويو.
19. ايپ جو16 مئي 2025ع تي نئين سر جائزو ورتو ويو.

ڊاڪٽر شير مهراڻي

# ڊاڪٽر رسول ميمڻ جي ڪهاڻي، "هڪ دال ٻہ چپاتيون" جو تنقيدي جائزو

# The Critical Analysis of Dr. Rasool Memon's written short story, "*Hik Daal Ba Chapatiyoon*


## Abstract:

Dr. Rasool Memon (1956-2021) was a prominent Sindhi writer. He authored more than thirty books, including Poetry, Novels, Short stories, Philosophical books and psychological stories. He was a virtuoso writer of Sindhi language. His first poem was published in 1976. In his writings he has presented the historical as well as psychological facts. He presents the life in different angles.

In his short story *"Hik Daal Ba Chapatiyoon"* he portrays the life of a common man, who with the time pace comes into the greed, and enjoys the luxury life, but at the end he again comes to too much simple food. I have tried to explore and have excavated the philosophy of life; which Dr. Memon depicts in this short story.


ڪهاڻي زندگيءَ جو "سچو نقل" آهي. هڪ اهڙو سچو نقل، جنهن ۾ نقل کان گهڻو اصل يعني سچ آهي. ڊاڪٽر رسول ميمڻ جو چوڻ آهي تہ.

"اي سچ! تون دنيا جو وڏي ۾ وڏو ڪوڙ آهين." (1) پر ڪهاڻي سچ آهي، هڪ اهڙو سچ جيڪو تاريخ کان وڌيڪ چٽو ۽ فلسفي کان وڌيڪ گهرو آهي.

In history nothing is true but the names and dates. In fiction everything is true but the names and dates. The difference between reality and fiction? Fiction has to make sense. (2)

يعني تاريخ ۾ نالا ۽ سال سچا ۽ ڳالهيون ڪوڙيون هونديون آهن. جڏهن تہ ڪهاڻي ۾ نالن ۽ سالن کانسواءِ سڀ سچ هوندو آهي.

ڪهاڻي زندگيءَ کي علامت ۾ بہ پيش ڪري ٿي، تہ سنئون سڌو پڻ بيان ڪري ٿي. فرد ڪهاڻين ۽ علامتن جي هجوم ۾ رهن ٿا. ان هجوم ۾ رهندي شين

ڪي ڏسندي ۾ محسوس ڪندي، هر ماڻهوءَ جو تجربو ڌار ٿئي ٿو. ڪهاڻيڪار انهن احساسن کي بيان ڪري ٿو جيڪي هو پاڻ محسوس ڪري ٿو. ٻئي جي احساس کي بيان ڪرڻ ڏکيو آهي، ڇاڪاڻ ته هر ماڻهوءَ جا پنهنجا تجربا هوندا آهن. وڏي فهم ۾ وڏي تجربي رکڻ واري ڪهاڻيڪار وٽ وڏيون ڪهاڻيون هونديون. سنئين ۾ وڏين ڪهاڻين ۾ فرق آهي. سنيون ڪهاڻيون جلد مشهور ٿي وينديون آهن، وڏيون ڪهاڻيون دير سان مقبول ٿينديون آهن.

وڏي ماڻهوءَ وٽ هزارين تجربا هوندا آهن، هن جي اکين اڳيان ۾ ويجهي تجربي ۾ هزارين ڪردار رهيل هوندا آهن. ڪيترائي واقعا، حادثا، ڏک، سک، خوشيون، وصل ۾ وڇوڙا پنهنجين اکين سان ڏٺا هوندا آهن. ڊاڪٽر جانسن چيو هو ته جڏهن ڪو پيرسن شخص گذاري وڃي ٿو ڇڻ ته ڪا لائبريري باهه ۾ سڙي وڃي ٿي.

"When an old person dies, it is as a library has burned down."(3)

ڊاڪٽر رسول ميمڻ گذاري ويو آهي، پر هن جي شخصي تخليقي لائبريري سندس لکڻين جي صورت ۾ اسان وٽ موجود آهي. جيڪڏهن هو اجا ڪجهه ڏينهن جيئرو هجي ها ته اجا وڌيڪ لکي ها. هن وٽ لکڻ جو هنر هيو پر وقت نه هيو. هن کي اها شڪايت به رهي ۾ هن لکيو آهي ته.

"اي وقت مون کي وقت ڏي جيئن ڪجهه وقت واندو ويهي ان کي ياد ڪري سگهان. اي روزگار تون مون کي روز ضايع نه ڪر."(4)

سماج ۾ هر هڪ لکندڙ کي روزگار روز ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ ضايع ڪري رهيو آهي. انسان کي روزگار جي ڪري ڪيئي اهڙا ڪم ڪرڻا پون ٿا، جيڪي سندس مزاج موجب ناهن. اسان مجبور آهيون. وقت گذري رهيو آهي، انسان بيٺل آهي. انسان وقت کي نٿو گذاري؛ وقت انسان کي گذاري ٿو. ڊاڪٽر رسول ميمڻ لکيو هو "وقت اوسيئڙي ۾ اٽڪي اڳتي نٿو وڌي؛ ايئن ڪائنات وقت بنا ٿي اهميت وڃائي ويهي ٿي." (5)

ڊاڪٽر رسول ميمڻ پنهنجي مشهور ناول 'ڪتا' ۾ لکيو هو ته. "انسان وٽ حياتي جي تجوڙي آهي؛ جنهن ۾ وقت ڪرنسي نوٽن جيان پيل آهي. اسين وقت

وڪڻي، يادون خريد ڪندا آهيون. پوءِ وقت ختم ٿي وڃي ٿو. حياتي جي تجوڙي يادن سان ڀرجي وڃي ٿي.“ (6)

ڪهاڻيءَ ۾ ڪنهن به نظريي جي تبليغ درست ناهي؛ پر ڪهاڻيءَ ۾ زندگيءَ ڪي سمجهڻ بابت پنهنجو فلسفو ڏيڻ جائز آهي.

ڊاڪٽر رسول ميمڻ جي ناولن توڙي ڪهاڻين ۾ زندگيءَ جو فلسفو آهي، توڙي جو هو پنهنجين ڪهاڻين ۾ زندگيءَ جي ان فلسفي کي گهڻو چٽو ڪري ناهي لکندو. زندگيءَ بابت سندس نظريو ڪهاڻيءَ جي اندر اهڙيءَ ريت موجود هوندو آهي، جيئن ڊاڪٽر صاحب پنهنجي لکيل ڪهاڻي ”فونو“ جي ابتدا ۾ لکيو آهي،

”ايئن
يادون من ۾ سمايل آهن
جيئن
پاڇا ڇانو ۾ لڪل آهن.“ (7)

ڊاڪٽر رسول ميمڻ تمام گهڻو لکيو. سندس ڇپيل ڪتابن ۾ ”امن جي نالي“، ”ڪافر ديوتا“، ”اوشا جي آشا“، ”ڇڇريل زندگيءَ جا قافلا“، ”لاش“، ”صفورا چورنگي“، ”قالو بليٰ“، ”سونو ڏند“، ”ڳوٺ“، ”مورتي“، ”پريو مڙس“، ”قلم جو قيدي“، ”انسانيت دونهون“، ”اک چنبي“، ”سينڊروم“، ”جنن واري ڪوٺي“، ”بک“، ”اسٽيل جا پنج گلاس“، ”اجايل“، ”انڌي ٻُلهڻ“، ”وطن پرين ۽ موت“، ”اوجاڳي جا خواب“، ”ڪربلا جا ڪبوتر“، ”فونو“، ”ڪرفيو ۾ اڌامندڙ ڪاغذ“، ”بارش کان پوءِ“، ”اٺوبهه عورتون“، ”ڪتا“، ”نوسيبو“، ”الف کان اڳ ۾“، ”پليسيبو“، ”ابابيل جي آخري اُڏام“، ”سائنسي فلسفو“ (چار گڏيل ڪتاب) شامل آهن.

هن مقالي ۾ اسان ڊاڪٽر رسول ميمڻ جي ڪهاڻي، ”هڪ دال ٻه چپاتيون“ جو تنقيدي جائزو پيش ڪريون ٿا. ڪهاڻيءَجي ابتدا ۾ هن لکيو آهي،

”ڏند آهن.
پڳڙا ناهن.
پڳڙا آهن.

ڏند ناهن.“ (8)

ڊاڪٽر رسول ميمڻ جي ڪهاڻين جي اها هڪ انفراديت آهي ته هو گهڻين ڪهاڻين جي شروعات ۾ ڪو نه ڪو اهڙو جملو شعر نما نثر يا فقرو لکي ٿو. جنهن جو بظاهر ته ڪهاڻيءَ سان تعلق نظر نٿو اچي، پر غور سان ڏسبو ته سندس ڪهاڻي ان ئي فقري تي آڌاريل هوندي. گهڻين ڪهاڻين ۾ لکيل سندس اهي فقرا ڏاڍا دلچسپ ۽ معنا خيز آهن.

ڪهاڻي ’پرشوتم‘ جي مُهڙ ۾ ڊاڪٽر رسول ميمڻ لکيو آهي، ”ڪي ڪٿان اچن ٿا، ڪي ڪٿان اچن ٿا، دائري جا سڀ رستا، مرڪز ڏي وڃن ٿا.“

ڪهاڻي، ’بک‘ جي شروعات ۾ هن لکيو آهي، ”هن پڇيو ڪيئن ٿي لڳان، مون چيو هيڊو جسم، سايون رڳان.“

ڪهاڻي، ’انڌي ٻلهڻ‘ جي ابتدا ۾ هن لکيو ”ڏيئي جي لاٽ، مٿان روشني، هيٺان ٻاٽ“، ۽ ڪهاڻي، ”سونو ڏند“ ۾ هن لکيو هو ”حياتي پڳ جيان آهي، ماڻهوءَ جي مٿي تي ويڙهيل، ڪنهن جي ننڍي، ڪنهن جي وڏي، ڪنهن جي اجري، ڪنهن جي ميري، ۽ ان جي پاند سان، هر ڪو اگهي ٿو زندگيءَ جا ڳوڙها.“ (9)

ڪهاڻي ”هڪ دال ٻه چپاتيون“ حاڪم علي نالي هڪ اهڙي شخص جي ڪهاڻي آهي، جيڪو بوهري ڪمال الدين مورڪس جي پڳڙن جي دڪان تي مزدوري ڪري ٿو. هو پڳڙا وڪڻندي وڪڻندي ساٺو ٿي پوي ٿو. ڪيس بک به ستائي ٿي، پر منجهند کان اڳ ڪيس ماني نٿي ملي. ماني ملي به ٿي ته ڪاري پناڻ جي هوٽل تان آيل ”هڪ دال ٻه چپاتيون“. ٽڏيون چپاتيون جن کي ڀيڇڻ لاءِ دال سان گڏ ڪيس پاڻيءَ جو ڍڪ به پيئڻو ٿو پوي. ڪهاڻيءَ ۾ لکيل آهي، ”حاڪم عليءَ اٽيي مانيءَ سان دال جو گرهه وات ۾ وجهي چٻاڙيو ته اهو چڻ هن جي نڙيءَ ۾ وڃي چڪ هڻي بيهي رهيو.“ (10)

هو روز هڪ دال ٻه چپاتيون کائي نيٺ بيزار ٿي پوي ٿو ۽ سوچي ٿو ته، ”هيءَ ڪهڙي زندگي آهي؟ ڇا اها ئي زندگي آهي ته ماڻهو دال ۽ ٻه اٽيون مانيون کائي دنيا مان هليو وڃي؟ ڇا ماڻهوءَ جو مقدر اهو ئي آهي ته هو محنت ڪري ۽ بدلي ۾ روز ساڳيو اٽيو ٽڪر حاصل ڪري؟“ هن جي دل ۾ خواهش ٿي ته، ’هو ٻه

بوهري سيٺ مورڪس جيان پئسي وارو هجي ها. هن جو بہ ڪچي گهٽيءَ ۾ دوڪان هجي ها. سندس پرسان پيل ڪاٺ جي پيٽي نوٽن سان پريل هجي ها ۽ پوءِ هو روز دال ۽ ٻن چپاتين بدران گيهہ ۾ پچل گوشت ۽ روغني نان کائي ها. هن جي پرسان برياڻيءَ سان پريل پليٽ رکيل هجي ها ۽ تہ رنگو زردو چمچي سان وات ۾ وجهي مزي سان چٻاڙي ها. هن کي جڏهن اڃ لڳي ها تہ هو صندل جي شربت جون چسڪيون وٺي آرام سان پيئي ها. هن جي زندگي ڪيڏي نہ پر مسرت ۽ ذائقي دار هجي ها.“(11)

۽ هو غربت مان نڪرڻ جو پڪو پهہ ڪري ٿو ۽ هو سوچي ٿو تہ ايمانداري واري زندگيءَ ۾ هو ڪڏهن بہ خوشحال نہ ٿي سگهندو. هو بي ايماني ڪرڻ جو سوچي ٿو. دڪان تي رش ڏسي گراهڪن کان مليل پئسن مان ٿورا ٿورا پئسا پنهنجي کيسي ۾ وجهڻ شروع ڪري ٿو. هو پئسا گڏ ڪندو رهي ٿو، پر بوهري مالڪ جي اڳيان ساڳيو غربت ۽ قرض جو راڳ ڳائيندو رهي ٿو. ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ هو ايترا پئسا ميڙي وٺي ٿو جو بوهريءَ کي نوڪريءَ تان جواب ڏئي ساڳي بازار ۾ پهڙي تي هڪ هٽ وٺي ان ۾ وڪري لاءِ گرم مصالحا رکي ٿو. مارڪيٽ ۾ ڏيٺ ويٺ سبب سندس دڪان سنو هلي ٿو. هن وٽ پئسن جي آمدني وڌي ٿي. هو اڃا وڌيڪ بي ايماني ڪري ٿو ۽ نئي مان ڳاڙهيون سرون گهرائي، مرچن سان ملائي پيهي ٿو ۽ حاجي ڪئمپ مان ڪاٺ جو ٻورو آٽي ڏاٽن ۾ ملائي ٿو پپيتي جا ٻج آٽي ڪارڻ مرچن سان گڏائي ٿو. ويندي گهوڙن ۽ گڏهن جي لِڏِ بہ مصالحن ۾ ملائي وڪڻي ٿو. هو ڪجهہ وقت ۾ ئي تمام گهڻو پئسو ڪمائي وٺي ٿو ۽ سيٺ حاڪم علي سڏجي ٿو.

ساڳيو بوهري مورڪس سيٺ جيڪو هن جي مصالحي واري دڪان کولڻ تي پريشان ٿي سوچيندو هو اهو هاڻي کيس مرڪي سلام ڪري ٿو. هو هڪ جاءِ خريد ڪري ان ۾ سپاريءَ جي پيڪنگ جو ڪارخانو لڳائي ٿو ۽ هندستاني ڳٽڪي جي مقابلي ۾ اهڙو ڳٽڪو تيار ڪرائي ٿو جيڪو شهر ۾ تيزيءَ سان مقبول ٿي وڃي ٿو. ڏسندي ئي ڏسندي هو شهر جو وڏو سيٺ ٿي وڃي ٿو. پئسي جي پويان ڊوڙندي هو زندگيءَ جوسڪون وڃائي ويهي ٿو. پهريان کيس

شگر ٿئي ٿي ۽ مناڻ بند ٿي وڃيس ٿو. ڪجهه ڏينهن ۾ ڪيس دل جو دورو پوي ٿو ۽ ڊاڪٽر سٽيپ ۽ لوڻ مصالحن جي ڪِري ٿا ڏسِنس. آخر هو هڪ پيرو وري ساڳئي ڪاري پناڻ جي هوٽل تان "هڪ دال بہ چپاتيون" گهرائي ساڳيءَ ريت کائي ٿو. جيئن هو سيٽ ٿيڻ کان اڳ کائيندو هو. اسان جي چوڌاري اهڙيون ڪيئي ڪهاڻيون آهن، حقيقت بہ اهائي آهي تہ.

"The best short stories are works of art that live on becoming part of our Cultural and historical legacy."(12)

يعني بهترين ڪهاڻيون تاريخي ۽ ثقافتي معراج جون شاهد هونديون آهن.

حاڪم علي جهڙن ڪردارن کي اسان مان گهڻا شايد سڃاڻندا بہ هجن، پر اسان زندگيءَ جي اصل جوهر کي سمجهڻ کان شايد قاصر آهيون. ڪهاڻيءَ جو حاصل مقصد اهو بيهي ٿو تہ جيڪو ماڻهو پئسي جي پويان ڊوڙندو اهو آخر زندگيءَ جي سڪون لاءِ سڪندو.

ڪهاڻي ءَ جا ڪيترائي جملا هنيانوَ ۾ هٿ وجهندي محسوس ٿين ٿا. مثال طور، "پئسي جي ڊوڙ ۾ حاڪم عليءَ ڪڏهن سڪون جو ساهہ نہ کنيو."

"اج ڪانپوءِ مناڻ بند... مناڻ تنهنجي صحت لاءِ زهر جو ڪم ڪري رهيو آهي."

"حاڪم علي جيڪو پهريون ڪچي ڳليءَ جي هريڙ جيان سڪل ۽ نوٽ هوندو هيو. ان جو جسم برنس روڊ جي ڪلو ڪاسائيءَ جي ٻاهہ چوڌاري سوئن ۾ ٽنبيل ڇيلي جي رانن جهڙو سڄيل ۽ ڪارو ٿي ويو." (13)

"حاڪم علي ان ڏينهن کان پڪو پهہ ڪيو تہ هو زندگيءَ ۾ لوڻ ڪڏهن نہ کائيندو ۽ سٺيي شيءِ ڪڏهن وات تي نہ آڻيندو. هن جيئرو رهڻ چاهيو پئي. هن کي موت کان نفرت هئي."

"وقت کان پهريان مرڻ کان بهتر آهي تہ احتياط ڪجي."

"هو پنهنجي گرم مصالحي جي دوڪان تي ڪرسيءَ کي ٽيڪ ڏئي اداس ويٺل هيو. سندس سامهون پيل ڪاٺ جي پيٽي نوٽن سان پريل هئي. نوٽن سان پريل پيٽي ڏسي حاڪم عليءَ جون اکيون ڳوڙهن سان پرجي آيون. هن ڪاٺ جي پيٽيءَ مان ويهن روپين جو نوٽ هٿ ۾ کنيو ۽ ان کي اٿلائي پٿلائي ائين ڏسڻ لڳو

جيئن اهو موركس پنهنجي اڳيان پيل ڪاٺ جي پيٽيءَ مان ڪڍي هن کي ڏنو هجي. هو نوٽ کي ڏسندو ويو ۽ پوءِ اکين تي هٿ رکي روئي پيو. ٿوري دير گذري ڪارو پناڻ بازار مان مانيءَ جو آرڊر ونندو هن جي دوڪان اڳيان لنگهيو. هن ان کي سڏ ڪري، ويهن روپين جو نوٽ ڏنو ۽ پوءِ چيو "هڪ دال ۽ چپاتيون."

ڊاڪٽر رسول ميمڻ بهترين ڪهاڻيون لکيون آهن. "هڪ دال ۽ چپاتيون" ۾ سندس وڏي ڪهاڻي آهي، چاڪاڻ ته ان ۾ زندگيءَ جو فلسفو آهي. سنڌ جي ڪلاسيڪل فلسفي ۾ آهي ته،

جو مڙنيان موچارو سو آ ڪجاڙو،

هڪڙي صحت سرير جي ٻيو پرين جو پاڙو!

هن ڪهاڻيءَ جو مک ڪردار سرير جي صحت وڃائي ويهي ٿو. سندس پرڪارن جي ڪري ڪيس پرين جو پاڙو ته ميسر ئي ڪونهي. باقي پاڇي ۾ ڇا بچيو؟ ڪجهه به نه!

## نتيجو:

ڊاڪٽر رسول ميمڻ جي ڪهاڻي "هڪ دال ۽ چپاتيون" جو تنقيدي جائزو وٺڻ کان پوءِ اسان ان نتيجي تي پهتا آهيون ته هن ڪهاڻيءَ ۾ ڊاڪٽر رسول ميمڻ زندگيءَ جو فلسفو بيان ڪيو آهي ۽ واضح ڪيو آهي ته انسان کي زندگي گذارڻ لاءِ انتهائي سادي خوراڪ يعني "هڪ دال ۽ چپاتيون" درڪار آهن. انسان ڀلي ڪيتري به لالچ ڪري، ڪيتري به دولت گڏ ڪري پر آخر ۾ کيس ان سادي خوراڪ تي ئي گذران ڪرڻو پوي ٿو. هن ڪهاڻيءَ جو اصل سبق اهو آهي ته لالچ فرد کي اهڙي ڄار ۾ ڦاسائي ڇڏي ٿي، جتي حرص ۽ حوس جهڙيون برايون کيس وڪوڙي وڃن ٿيون ۽ هو اجا گهڻو ڪجهه گڏ ڪرڻ چاهي ٿو پر سندس جسم سادي خوراڪ کان مٿي ڪجهه به نٿو برداشت ڪري سگهي.

## حوالا:


1. ميمڻ رسول، ڊاڪٽر، فونو سوجهرو پبليڪيشن، ڪراچي، 2009،ص، 10
2. https://quotefancy.com/quote/1048783/Tom_Clancy_There_is_an_old_saying_In_history_nothing_is_true_but_the_names_and_dates_In
3. Writing short stories, WilliamH Phillip, 2002, page, 3

4. ميمڻ رسول، ڊاڪٽر، فونو سوجهرو پبليڪيشن، ڪراچي، 2009،ص، 10
5. ميمڻ رسول ڊاڪٽر، ڪتا، ناول، سڦلتا پبليڪيشن حيدرآباد، ٻيو ڇاپو 2022ع، ص، 108
6. ساڳيو حوالو ص، 107
7. ميمڻ رسول، ڊاڪٽر، فونو سوجهرو پبليڪيشن، ڪراچي، 2009،ص، 47
8. ميمڻ رسول، ڊاڪٽر، ڪهاڻي، هڪ دال ۽ چپاتيون، ماهوار سوجهرو، 2009ع، ص، 13
9. ميمڻ رسول، ڊاڪٽر، سونو ڏند، پوپٽ پبلشنگ هائوس، خيرپور، 2012،ص، 26
10. ميمڻ رسول، ڊاڪٽر، ڪهاڻي، هڪ دال ۽ چپاتيون، ماهوار سوجهرو، 2009ع، ص، 14
11. ساڳيو حوالو ص، 14
12. The Art of Short Story, Wendy Marten, Daniel Hinnrichs, Houghton Mifflin, 2005, page, 21
13. ميمڻ رسول، ڊاڪٽر، ڪهاڻي، هڪ دال ۽ چپاتيون، ماهوار سوجهرو، 2009ع، ص، 3

ڊاڪٽر احسان دانش

# آڪاش انصاري: عشقَ ۽ انقلابَ جو شاعر
# Aakash Ansari: A Poet of Love and Revolution


## Abstract:

Aakash Ansari is a distinguished figure in modern Sindhi poetry, often described as a star in the poetic sky whose radiance never diminishes. His work is marked by a unique blend of romanticism and aesthetics. Ansari is not merely a chronicler of social suffering; his poetry also embodies the power to awaken the indifferent and the unaware.

He emerges as a poet of both love and resistance. His love is so intense and profound that it cannot exist without resistance, while his resistance is so graceful and refined that it finds no weapon other than love. Alongside a strong sense of patriotism, his poetry expresses deep devotion to culture, civilization, and language, while firmly rejecting cruelty, tyranny, and betrayal.

Although Ansari has written in various poetic forms, his preferred genre is "Nazam" the poem, particularly free verse. His free verse is characterized by remarkable fluency, imagination, and intellectual depth. These poems carry the smooth flow of rivers and the flush of waterfalls. Across his body of work, one encounters contrasting tones: at times tender and soft, at other times rebellious and resistant. His poetic vision conveys a clear commitment to both patriotism and humanism.


**Keywords:** Modern Sindhi poetry, romanticism, resistance, free verse, patriotism, humanism, aesthetics.

شاعري هڪ اهڙو جادوئي جهرڻو آهي، جنهن جي ڦڙي ڦڙي ۾ پنهنجي جوت ۽ جواني هوندي آهي. شاعريءَ جي ڌرتي بہ پنهنجي آهي تہ آڪاش بہ پنهنجو. شاعريءَ جي ڪائنات انوکي آهي، ان کي مڪمل طور ڪو بہ تسخير نہ ڪري سگهي. هر شاعر وٽ فڪر ۽ احساس جا پنهنجا رنگ هوندا آهن. ڪي شاعرَ پنهنجي ڌرتيءَ جي رنگن سان سلهاڙيل ۽ سنجوڳي هوندا آهن تہ ڪي وري من جي دنيا ۾ مستان جوڙين رنگن ۾ رتل سونهن ساريکا کيپ اکين تي چاڙهي

جهومندا رهندا آهن. هو رڳو پاڻ ئي نہ جهومندا آهن پر سندن لفظن ۾ بہ اهڙي طاقت هوندي آهي، جن کي پڙهندي ۽ ٻڌندي ڪنهن بہ ماڻهوءَ تي مي رقصم جي ڪيفيت طاري ٿي وڃي. ڪي لفظ مانيٽا ۽ مرجهايل هوندا آهن، تہ ڪن ۾ للڪار هوندي آهي، ڪي لفظ محبت جي اظهار لاءِ مخصوص هوندا آهن تہ ڪي مزاحمت لاءِ محدود. لفظن جي ڪهڪشائن کي ڪير ڳڻي. . . . . لفظن جي اثر، اهميت ۽ انهن مان اپرندڙ احساسن بابت ٽيري ايگلٽن (*Terry Eagleton*) لکيو آهي تہ:

"Our actions are expressive of feelings in the same way that words are expressive of meanings. There can be all sorts of ambiguities about what someone is feeling, just as there can be about what they are meaning. We speak of the meaning 'behind' someone's words." (1)

ڪڏهن ڪي لفظ چنڊ، تارن، مريخ، عطارد ۽ مشتري جيان خيالن جي اسپيس ۾ ترندا رهندا آهن تہ ڪڏهن وري ڪي لفظ احساس جي چشمن ۽ چٽانن مان اُپري ريُجن ۾ مورَ جي رِڙ وانگر پاسندا آهن. ڪڏهن لفظن جي جهنگ مان فڪر جا گلاب ٽڙي پوندا آهن تہ ڪڏهن تخيل جي زمين مان لفظ سبز سَلن جيان اُپري پوندا آهن. اهي لفظ ئي تہ آهن جيڪي بي روح جذبن کي معنيٰ ڏين ٿا، اهي لفظ ئي تہ آهن جيڪي من ۾ دبل دانُهن کي مُڪتي ڏين ٿا، اهي لفظ ئي تہ آهن جيڪي سنسار جي سموري دک جي ڪهاڻي بيان ڪن ٿا. لفظ لڙڪ تہ ناهن، پر لڙڪ لفظن کان ڏار بہ ناهن، لفظ ۽ لڙڪ گڏجي احساسن جي مالها جوڙيندا آهن. لفظ جڏهن وکري ويندا آهن تہ نثر بڻجي ويندا آهن ۽ جڏهن سميٽجي ويندا آهن تہ شاعري بڻجي ويندا آهن. . . . تہ شاعري لفظن جي وکريل پاري کي سميٽڻ جو آرٽ آهي. ان پاري کي وڏي احتياط جي آڱرين سان ڇهڻو پوندو آهي. جديد سنڌي شاعري ۾ اهڙن شاعرن جي ڪمي ناهي جن ان پاري کي پيار سان ڇهيو آهي. بيشڪ آڪاش انصاريءَ جو نالو اهڙن ئي شاعرن ۾ شمار ٿئي ٿو.

اياز چيو هو تہ "شاعري جا روح گرمائي نہ ٿي، منزلِ مقصود کي پائي نہ ٿي." تہ آڪاش انصاري جي شاعريءَ ۾ اها روح کي گرمائڻ واري شدت ۽ شڪتي موجود آهي. هن جي شاعريءَ ۾ رڳو مني مني محبت جي لوري ناهي پر

مزاحمت ۽ انقلاب جا شعلا بہ آهن. هو اگر چچريل جسمن، بي روح لاشن ۽ مرجهايل گلن جي ڳالهہ ڪري ٿو، تہ سرسبز ڪيتن، ڪومل گلڙن ۽ نازڪ اندام نينگرين جا گيت بہ رچي ٿو. هو اگر سنگينين سان سانگين جي چٽيل سينن جو سور محسوس ڪري ٿو تہ ڪنهن جي آغوش جي سانوري شام ۾ پناهہ وٺي قرار بہ ماڻي ٿو. هو اگر رات جي رهزنن جي ارهہ زوراين تي قلم کڻي ٿو تہ ڪنهن جي ساهن جي جهيڻن سُرن سان بہ سمهي ٿو پوي، هو اگر ڪُڪِ ڪُڪِ ۾ پنهنجن جي کُتل خنجرن جي ڳالهہ ڪري ٿو تہ ڪنهن جي ڪجلين اکين جي ڪنارن مٿي پنهنجي چپڙن جي ٻيڙي بہ لڳائي ٿو. هو اگر تياسن تنگيل ۽ ڪڙاهين ڪڙهيل مظلوم ماڻهن جي ڳالهہ ڪري ٿو تہ ڪنهن جي وارن جي ڪارين گهٽائن منجهان، واس بہ وٺندو رهي ٿو! هن جي شاعريءَ ۾ قاتلَ ۽ قربُ ونڊيندڙ گڏ گڏ بيٺا آهن. عشق ۽ انقلاب، محبت ۽ مزاحمت هن وٽ هر وقت هم دوش آهن. جامي چانڊيي صحيح لکيو آهي تہ ”آڪاش محبت ۽ مزاحمت جو شاعر آهي. هن جي محبت ايڏي تہ شديد ۽ سگهاري آهي، جو اها مزاحمت کان سواءِ رهي نہ ٿي سگهي ۽ هن جي مزاحمت ايڏي حُسناڪ ۽ لطيف آهي، جو اها محبت کان سواءِ ڀيو ڪوبہ هٿيار نہ ٿي رکي. هن وٽ مزاحمت آهي، هر ان شيءِ لاءِ جيڪا محبت، حسن ۽ ماڻهپي لاءِ خطرو هجي.“ (2)

آڪاش انصاري جي شاعريءَ ۾ رومانيت ۽ جماليات پنهنجي الڳ ڏانءَ سان نظر اچي ٿي. هن جي شاعريءَ ۾ وِرهہ ۽ ويراڳ جون وايون بہ آهن تہ وصل جي راحت پڻ، پر هن لاءِ پرينءَ جو وصال ايڏو اهم آهي جو ان کان سواءِ پاڻ کي گداگر محسوس ڪري ٿو. هن ڀٽائي جي سٽ ”تون پارس آئون لوهہ، جي سڃين تہ سون ٿيان“ واري تسلسل ۾ پنهنجي خيال کي نئون ڪيو آهي.

پل ساري ڪائنات جو محورُ هجان ها مان،
توسان نہ ملان ها، تہ گداگر هجان ها مان،

ڪنهن پيار جي پارس ڇُهي، ڪنچن ڪري ڇڏيو،
ورنہ ڪنهن رجي راه جو پٿر هجان ها مان.

فارسي زبان جي شاعر عماد نسيمي جي هڪ شعر جي مصرع آهي:

**آن ڪہ مَستِ چشمِ خُوبان نيست اي دِلِ مُجرِم است**

(٭ اي دل...... جيڪو ماڻهو حسينن جي اکين جو مست ناهي، سو مجرم آهي.)

آڪاش انصاري بہ محبوبہ جي مخمور اکين جو گهايل آهي. هو پرينءَ جي اکين کي فطرت جي هر لقاءَ سان اهڙي تہ سليقي سان جوڙي ڇڏي ٿو جو پڙهندي من مرڪي پوي ٿو ۽ نيڻن تي عجب خمار جا ڪيپ چڙهي وڃن ٿا. چوڦير بادل ڇائنجي وڃن ٿا، چنڊ جي نيري روشني من جي ڪنارن کي ڇُهي وڃي ٿي، ڪٿي ڪا ڪويل جي ڪوڪ ٻُري ٿي تہ ڪٿي ماڪ ڀنل مکڙيون مهڪڻ لاءِ تيار لڳن ٿيون. ڪٿي ٻاجهر ۽ ڄانيي جي کيتن جا منظر اکين اڳيان تري اچن ٿا تہ ڪٿي ٿر تي مور ٿهوڪا ڪندي پيا پاسن. پر جڏهن اُهي سڀ منظر هڪ وڇوڙي جي درد سان سلهاڙجي وڃن ٿا تہ من تي رقعت جو عجيب ماحول ڇائنجي وڃي ٿو.

**جڏهين ڪنهن بہ بادل، ولهاريون وساريون،**
**الئہ ڇو اوهان جون اکيون ياد آيون،**
**جڏهين چنڊ چوڏس ڪيون چلولايون،**
**الئہ ڇو اوهان جون اکيون ياد آيون.**

**جڏهين ڪنهن بہ ڪوئل اسر ويل ڳايو**
**تڏهين وِلهہ ويتر وڇوڙو وڌايو**
**جڏهين ماڪ مُکڙيون پنيءَ جون پچايون،**
**الئہ ڇو اوهان جون اکيون ياد آيون.**

**جڏهين کيٽ ۾ ٻاجهرين سنگ واريا،**
**جڏهين ڇيٽ ۾ قول ڄانيي ڦُلايا،**
**جڏهين ٿر تي مورن کي ٻوليون ٻُرايون،**
**الئہ ڇو اوهان جون اکيون ياد آيون.**

**جڏهين تو سان نيڻن جو ناتو ڇنو هو**
**تڏهين دور آڪاش ڪيڏو رُنو هو**
**جڏهين جيءَ جهورڻ هي آيون جدايون،**
**الئہ ڇو اوهان جون اکيون ياد آيون.**

اردو جو هڪ شعر ياد ٿو اچي تہ **"ڪبهي ڪسي ڪو مڪمل جهان نهين ملتا، ڪهين زمين تو ڪهين آسمان نهين ملتا"** اهو سچ آهي تہ هڪ حياتي ۾ ڪجھ بہ مڪمل نہ ٿو ٿي سگهي. استاد بخاري چواڻي "هجن ڪيئي حياتيون تہ ڪو لطفڙو ٿي. . ." سو ان اڻ پورائي جو احساس سدائين رهي ٿو ۽ روز بروز 'وقت جي چيچ مان زندگيءَ جو ڇلو گهرگهلو ٿيندو رهي ٿو. ' ملڻ جون ڪيتريون ئي حسرتون نا تمام رهجي وڃن ٿيون ۽ بس هر وقت هڪ گونج ستائي ٿي:

**اسين بس رهيا سين اڌورا اڌورا**
**نڪي عشق آتش فشان ٿي اپاميو**
**نہ هي ديپ دل مان اوهان جو اجهاميو**
**نہ سورن جي شدت ڪان شعلو ٻٽياسين**
**نہ سگريٽ جو ڪو قلو ٿي ڇٽياسين**
**دکياسين جلياسين اڌورا اڌورا. . . . . . .**

ان اڻ پورائپ ۾ اڌوري هجڻ واري احساس ڪي آڪاش رڳو عشق سان نہ ٿو جوڙي پر سماج سان بہ جوڙي ٿو. آڪاش انصاري جي شاعري اظهار جو اهڙو دورياھ آهي، جنهن ۾ عشق ۽ سماجي انياءَ جون ڌارائون گڏ گڏ هلن ٿيون، پر هو رڳو سماج جي ڏُکن جو مصور ناهي پر هن جي شاعري ۾ سُتلن کي ڏونڌاڙي اٿارڻ جي سگھ بہ موجود آهي.

آڪاش وٽ جتي عشق جي آتش فشان ٿي اپامڻ جِي آس آهي اُتي هن جي ڇپن تي انقلاب جا نعرا بہ گونجن ٿا. جڏهن هن جو نظم **"جنهن وقت هي جوڳي جاڳيا، هن پونءِ سڄيءَ جا پاڳيا"** پڙهيو يا ڳايو ويندو آهي تہ هر ڪنهن جي اندر جو آتش فشان ڦاٽي لاوا ٻڄي ويندو آهي. آڪاش انصاري سماجي تبديلي ۽ انقلاب ڪي پنهنجي تخليق سان جوڙي ٿو ۽ هو پنهنجي گيتن ڪي

تيسيتائين اڏورو ۽ اڻپورو ٿو محسوس ڪري، جيسيتائين ڌرتيءَ تي ظلم ۽ انياءُ آهي.

جيسين منهنجي ڌرتيءَ تي ٿو رقص ڪري راڪاس،
جيسين انسانن جي اڱ تي ماسو ناهي ماس،
جيسين دهشت ۽ وحشت جو وستيءَ ۾ آ واس،
جيسين جڳ ۾ جاري آهي رت وهائڻ ريت،
تيسين اڏورا ۽ اڻپورا، رهندا منهنجا گيت.

مٿين نظم جي آخري بند ۾ آڪاش سچڻ ۽ ساٿيهه جو سڳو گڏ گڏ سوريو آهي. عوامُ جيڪو چٿيل، چيپاٿيل ۽ پيڙيل هجي، وطن واسي جيڪي ظلم ۽ جبر جو شڪار هجن، جتي وصل جي آس ۽ اُمنگ اڌوري هجي، جتي سَچُ سزا وانگر هجي ۽ ماڻ جي مشرڪي جو رواج هجي، اُتي واقعي هڪ شاعر جا گيت به اڏورا ۽ اڻپورا ئي رهجي وڃن ٿا.

جيسين سچ تي سئو سئو ڦٽڪا، پيار آ جيسين پاپ،
جيسين ڪنهن سجني جو ساجن سان نه ٿيو ميلاپ،
جيسين پنهنجي راڄ مٿان ٿي راڄ ڪري چُپ چاپ،
جيسين ماڻ ۾ رهندا، منهنجا مارو منهنجا ميت،
تيسين اڏورا ۽ اڻپورا، رهندا منهنجا گيت.

آڪاش انصاري شاعريءَ جي آڪاش جو اهڙو تارو آهي، جنهن جي جوت ڪڏهن به جهيڻي نه ٿي ٿئي. ”هن جو انداز عاشقانه ۽ جمالياتي حسن جي سمورين گهرجن کي پاڪر ۾ پري بيهندڙ آهي، جنهن ۾ مزاحمت ۽ رومانس جو حسين ميلاپ ملي ٿو. . . دنيا جي سموري انقلابي ۽ مزاحمتي شاعري پنهنجي هٿ ۾ رومانس جي رومال کي ميرو ٿيڻ نه ڏنو آهي.“ (3)

فيض احمد فيض جي شهرهءِ آفاق نظم ”مجھ سے پہلی سی محبت مری محبوب نہ مانگ“ جا آخري بند ڪمال جا آهن، جن ۾ چوي ٿو:

*ان گنت صدیوں کے تاریک بھیمانہ طلسم*
*ریشم و اطلس و کمخاب میں بُنوائے ہوئے*

جا بہ جا بکتے ہوئے کوچہ و بازار میں جسم
خاک میں لتھڑے ہوئے خون میں نہلائے ہوئے

جسم نکلے ہوئے امراض کے تنوروں سے
پیپ بہتی ہوئی گلتے ہوئے ناسوروں سے
لوٹ جاتی ہے ادھر کو بھی نظر کیا کیجے
اب بھی دل کش ہے ترا حسن مگر کیا کیجے

اور بھی دکھ ہیں زمانے میں محبت کے سوا
راحتیں اور بھی ہیں وصل کی راحت کے سوا
مجھ سے پہلی سی محبت مری محبوب نہ مانگ (4)

جيئن فيض "اور بھی دکھ ہیں زمانے میں محبت کے سوا" چئي پنهنجن احساسن کي ديس جي درد سان ڳنڍيو آهي، بلڪل ائين ئي آڪاش انصاري بہ پنهنجي نظم "مان هليو چو ويس؟" ۾ محبت تي انقلاب کي ترجيح ڏني آهي. انقلابين جون راهون پُر خطر هونديون آهن. انهن راهن ۾ سينن تي سنگينيون اپيون ڪيون وينديون آهن. قيدخانن جا ڪشٽ پوڳڻا پوندا آهن. دار جي لذت ماڻڻي پوندي آهي. اهو سڀ ڪجهه محبوبہ جي ڪاڪل جي قيد کان اڳتي جو قصو آهي.

**تنهنجي ڪاڪل جي قيدي،**
**تيڻ کان اڳي،**
**قيدخانن ۾ ڪائي ڪشش هئي پرين!**
**جيڪا ويئي چڪي.**

**دل تہ ماٽڻ گهُريون،**
**تنهنجون سڀ دلبريون،**
**ها مگر ڇا ڪريون،**

دار جي درد کي،
پنهنجي لذت هئي،
جيڪا ويئي ڇڪي،

تون پڇين ٿو پرين!
مان هليو ڇو ويس.

آڪاش انصاري جي شاعريءَ ۾ وطن دوستي ۽ پنهنجي تهذيب، ثقافت ۽ ٻوليءَ سان پيار جا اعليٰ جذبا تہ موجود آهن پر هو اهڙي ڪنهن بہ فرد ۽ طبقي کي قبول نہ ٿو ڪري ۽ ڌڪار جي نظر سان ڏسي ٿو جيڪو بي رحم، ظالم ۽ ديش دروهي آهي، جيڪو ڌرتيءَ جي لازوال ٻنڌڻ ۾ ٻڌجڻ بدران ڌرتيءَ ڏٽين جي ئي ڪُک ۾ ڪانُ هٽي ٿو.

جو نہ اجرڪ جي عظمت جو قائل هجي،
منهنجي ٻولي ڏي جيڪو نہ مائل هجي،
ذهن جنهن جو اجا پيي ورهايل هجي،
تنهن کي چئو! منهنجي نگريءَ مان نڪري وڃي.

جنهن سنگينن سان سانگين جا سينا چٿيا،
چڻ محبت جا مڪا مدينا چٿيا،
عشق عرفان جا آبگينا چٿيا،
تنهن کي چئو! منهنجي نگريءَ مان نڪري وڃي.

سچل سائين چيو هو تہ ”مَلڪن ٿي سجدا ڪيا، واهہ مٽي تنهنجو مُلهہ.“ ماڻهو مٽيءَ جو پنوڙو تہ آهي، پر مٽيءَ جي عظمت کان هر ڪو واقف ڪٿي! شيخ اياز چيو هو ”مٽي اول، مٽي آخر، مٽي زنده باد“ مٽيءَ سان ماڻهوءَ جو رشتو ئي انوکو آهي. ڪو اٽاسي ئي هوندو جيڪو ان رشتي کي پرکي نہ سگهندو، ان جي خوشبو کي پنهنجي ساهن ۾ محسوس نہ ڪري سگهندو. ڪو بي لَڄو ئي هوندو جيڪو پنهنجي ڌرتيءَ واسين ۽ مٽيءَ سان جُڙيل رشتن کان مُنهن موڙيندو. اهي ازلي سگ سياپا رڳو ڪو غيرتمند ئي نڀائي سگهندو آهي.

**جنهن نہ مٽيءَ جي خوشبوءِ کي ڄاتو هتي،**

**جنهن نہ سانگين جي سڳ کي سڃاتو هتي،**

**تنهن سان ڪهڙو ڀلا منهنجو ناتو هتي،**

**تنهن کي چئو! منهنجي نگريءَ مان نڪري وڃي!**

اها للڪار، اها گونج، اها هڪل، اهو جوش ۽ اها جرئت ٿورن شاعرن ۾ هوندي آهي. ڪو نقاد ڀل جان آڪاش جي ان لهجي کي نعريبازيءَ جي زمري ۾ آڻي پر مان ان کي پنهنجي وقت جو آواز سمجهان ٿو. هڪ اهڙو آواز جنهن ۾ سڄي قوم جو درد جاڳي ٿو جنهن ۾ هزارين آهُن، سڏڪن ۽ سسڪين جو پڙاڏو بہ آهي.

**جنهنجي اک ماروئڙن ڏانهن ميري هجي،**

**جيڪو وانگين جي ڀچڙن جو ويري هجي،**

**جيڪو جلاد، قاتل ۽ قهري هجي،**

**تنهنکي چئو! منهنجي نگريءَ مان نڪري وڃي.**

اها مزاحمت، جتان انقلابَ مُنهن ڪڍندا آهن. اها تلخي جيڪا سورِهَن ۽ سرويچن جي سنت آهي. اها نفرت ۽ ڪدورت جيڪا ڌرتيءَ جي دردن مان جنمي آهي، آڪاش انصاري جي شاعريءَ مان وري وري اڀري اچي ٿي.

**جيڪو لالٽل يارن سان نفرت ڪري،**

**منهنجي پورهيت پنهوارن سان نفرت ڪري،**

**دردوند ديس وارن سان نفرت ڪري،**

**تنهن کي چئو! منهنجي نگريءَ مان نڪري وڃي**

آڪاش انصاري شاعريءَ جي مختلف صنفن ۾ لکيو آهي پر هن جي محبوب صنف نظم آهي ۽ اهو بہ آزاد نظم. جيتوڻيڪ هن پابند نظم ۽ نثري نظم جا تجربا پڻ ڪيا آهن پر هن جي آزاد نظم ۾ ڪمال جي بيساختگي ۽ اُڇل آهي. هن جي آزاد نظمن ۾ درياهن واري رواني ۽ آبشارن جهڙي موسيقي آهي ۽ انهيءَ سبب ڪيس سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ منفرد حيثيت ملي آهي. هن جي سڄي شاعري پڙهي ڏسبي تہ ڪٿي هن جو لهجو انتهائي نرم ۽ گداز محسوس ٿيندو تہ ڪٿي وري سندس ٻولي ۽ لهجو ڇوهو ۽ ان تي مزاحمتي انداز حاوي ٿيندي پسبو. هن

وٺ وطن دوستي ۽ انسان دوستي جو تصور واضح آهي ۽ هن پنهنجي فڪر جي آڌاڻي تي عالمي امن ۽ انسان دوستي جهڙن موضوعن کي بہ اٽيو آهي. ”هن وٺ انسان دوستيءَ جو تصور محدود ۽ روايتي نہ آهي. انسان دوستي آڪاش جي شاعريءَ جو وڏي ۾ وڏو رومانس آهي، جيڪو سندس شاعريءَ جو سڀ کان اهم آدرش رهيو آهي. سندس شاعري جتي محبت ۽ مزاحمت جو سگھارو آواز آهي، اتي انسان دوستيءَ جي فڪر جي پرچار بہ ڪري ٿي. سندس شاعري مسڪين ۽ محروم ماڻهن جي مايوسين جي عڪاسي بہ ڪري ٿي، تہ انسانيت جي عظمت، آجپي، ۽ وطن پرست سوچ کي بہ اجاگر ڪري ٿي.“ (5)

آڪاش پنهنجي شاعريءَ ۾ انهن مظلوم ۽ محروم ماڻهن جي دکن کي بہ پيش ڪيو آهي، جيڪي صدين کان وٺي درد جي گهاڻي ۾ پيڙبا ئي رهن ٿا.

اڙي دل اڙي دل!
انهن ڏي بہ هل،
جن جي نيڻن ۾ ناهي ڪو سپنو سجيل،
جن لاءِ ميگها جي رُت کي منع آ ٿيل،
جن جا سڀ ڀاڳ،
ڪاهوءَ جيان اجڙيل،
جن جو هر ماڳ،
رڻ ڪڇ جي واري تتل،
ها انهن ڏي بہ هل،
اڙي دل اڙي دل!
انهن ڏي بہ هل.

ڪنهن بہ شاعرَ جي شاعريءَ جي سماجي ڪارج جو اندازو ان مان لڳائي سگهبو آهي تہ سندس شاعريءَ کي عوامي مڃتا ۽ مقبوليت ڪيتري قدر ملي آهي؟ ان حوالي سان ڏسجي تہ آڪاش انصاري جي شاعري پنهنجو ڪارج ڀرپور نموني ادا ڪيو آهي. هن جا گيتَ ۽ نظمَ جهر جهنگ مشهور ۽ مقبول آهن. اهي ڪڏهن ٿڪل ۽ سُتل عوام کي انقلاب لاءِ ڏونڌاڙي اٿارين ٿا تہ ڪڏهن ڀرين جي مرڪ جي معصوميت جي ڪا معنيٰ ٻڌائين ٿا. ان ڪري جيڪڏهن اسان چئون

ته آڪاش دل ۾ ڏرتيءَ جو شاعر آهي ته به غلط نه ٿيندو. هن جي شاعري ۾ جيڪو انقلاب جو رومانس آهي اهو ئي ڪيس لافاني بڻائي سگهي ٿو ڇوته انقلاب جو رومانس ڪڏهن به فنا ٿيڻو ناهي.

اسين جي مئاسين سفر ۾ او ساٿي!
ته ماڻيندا منزل پنهنجا ڏول ڏاٿي.
اسان جو جڏهين خون خوشبو ٿي ايندو،
ته ويڙها وطن جا به واسي ڇڏيندو،
جڏهين پارڙي ڪنهن، ڪئي پولي پاتي،
ته ماڻيندا منزل پنهنجا ڏول ڏاٿي.

## حوالا:


1. *Terry Eagleton, How to Read a Poem, Blackwell* Publishing *Australia, 2007, P:114.*
2. انصاري، آڪاش، ”ڪيئن رهان جلاوطن“ (ٻئي ڇاپي جو مهاڳ ”محبت، مزاحمت ۽ انقلاب جو شاعر“ - جامي چانڊيو) گلشن پبليڪيشن حيدرآباد، ڇوٿون ڇاپو 2008ع، ص 28.
3. انصاري، آڪاش، ”ڪيئن رهان جلاوطن“ (ڇوٿين ڇاپي جو مهاڳ ”آڪاش هڪ سپني جو سفر“ - سردار شاهه) گلشن پبليڪيشن حيدرآباد، ڇوٿون ڇاپو 2008ع، ص 15 ۽ 16.
4. فيض، احمد فيض، ”نسخہ ھاے وفا“ ايجوڪيشنل پبلشنگ هائوس، دهلي، 1992ع، ص 76.
5. ناز، مرتضيٰ، ”آڪاش انصاريءَ جي شاعريءَ ۾ انسان دوستي“ روزاني ”سنڌ ايڪسپريس“ 8 آڪٽوبر 2019ع ص 6.

عيسيٰ ميمڻ

# مارڪسزم جو جديد سنڌيءَ شاعري تي اثر
# The Influence of Marxism on Modern Sindhi Poetry


## Abstract:

Dance, music, poetry and story-telling, and other forms of art became an important method of recreation and knowledge as the human society was formed with the beginning of communal living of all the fine arts, literature has been the most crucial in the history of the human beings. There are two main kinds of literature, one is poetry and the other is prose. Poetry, which is older than prose. In ancient times poetry was mostly dedicated to glorify Gods, fairies, supernatural and imaginary creatures, and to pacify supernatural forces.

Poetry gradually changed its status as a simple means of leisure into a meaningful process of artistic creation, as it became closely interconnected with all levels of human society. Specifically in the twentieth centuries, different intellectual streams imprinted their marks on poetry.

This paper particularly refers to the Marxist influence. Social, economic, and political equality are some of the issues in Marxism which believes in the rights of the working community and the suppressed. It was revolutionary in its contribution to poetry because it gave space to express the thoughts, struggles, hopes and dreams of the proletariats. Marxism influenced poetry especially during the twentieth century.

The most recognizable feature of the Marxist poetry is the orientation on the human conditions and lived experience of the proletariat. Marxist poets tried to portray the poor living conditions of the working classes.

Sindhi poetry has been influenced profoundly by Marxism especially when the Progressive Writers Movement started to take shape around the year 1936. The Marxism ideologies heavily influenced the Sindhi poetry.

Marxism has not only come up with voice and platform supporting the working communities but has also contested social injustices, promoted gagged movements and altered the form and content of poetry. It has encouraged poets to respond to the social and political realities and it has allowed poets to take part in the vision of a more equal and fair society.

انساني تاريخ ۾ ڪارل مارڪس ۽ فريڊرڪ اينگلس اهي پهريان ٻه سياسي مفڪر هئا، جن سرمائيداري نظام ۽ ان جي پيداواري تاجي پيٽي جو ٺوس سائنسي تجزيو ڪيو. هُنن ٻڌايو ته انساني سماج ۾ عوام جي اڪثريت سان ظلم، ناانصافي ۽ ڦرلٽ ان ڪري ٿئي ٿي، جو سماج طبقن ۾ ورهايل آهي:

هڪ پاسي، پيڙينڌڙ طبقو آهي، ته ٻي پاسي، پيڙجندڙ طبقو آهي. شروع کان وٺي ٻنهي طبقن ۾ جهيڙو هلندو رهيو آهي ۽ اهو ئي سبب آهي، جو انسان ذات جي تاريخ، اوائلي راڄوڻي نظام کي ڇڏي، طبقاتي جدوجهد جي تاريخ رهي آهي. مارڪسزم جي حوالي سان عاصم آخوند لکي ٿو ته :

مارڪسزم بنيادي طور تي ٽن تحريڪن جي پيداوار آهي. هڪڙي اها، جنهن کي اسان فلسفياڻي تحريڪ چئون ٿا. ٻئي پاسي معاشيات جو علم ڪارفرما هو، جيڪو سرمائيداري دور ۾ اوسر ڪرڻ لڳو ۽ ٽين جيڪا تحريڪ هئي، اها پورهيت طبقي جي هئي، جنهن کي اسين هن دور ۾ سوشلسٽ يا ڪميونسٽ تحريڪ جي نالي سان سڃاڻون ٿا. (1)

مارڪسزم هڪ سماجي-سياسي ۽ معاشي نظريو آهي، جيڪو ڪارل مارڪس ۽ فريڊرڪ اينگلز پاران 19 صدي عيسويءَ ۾ متعارف ڪرايو ويو، جيڪو سماج اندر طبقاتي جدوجهد ۽ طاقت جي تحرڪ کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. مارڪسزم تجويز ڪري ٿو ته پيداوار جا وسيلا، جهڙوڪ ڪارخانا ۽ مشينري، بورجوازي يا سرمائيدار طبقي جي بجاءِ پورهيت طبقي جي ملڪيت ۽ ڪنٽرول ۾ هئڻ گهرجن. مارڪسزم مطابق، هي طبقاتي جدوجهد سماجي اڻ برابري، استحصال ۽ ويڳاڻپ کي جنم ڏئي ٿي. مارڪسزم جو آخري مقصد مزدور طبقي جي انقلاب ذريعي طبقاتي سماج کي قائم ڪرڻ آهي. هڪ سوشلسٽ يا ڪميونسٽ نظام ٺاهڻ جتي دولت ۽ طاقت گڏيل طور تي ورهائجي. مختيار ملاح لکي ٿو ته:

”مارڪسي فلسفو ماديت پسند فلسفي جي سائنسي شڪل آهي. هي فلسفو سادو ۽ پورهيتن جي حقن جو فلسفو آهي. مارڪس چوي ٿو ته اهو چوڻ غلط آهي ته ماده جي حيثيت اول ۽ روح يا شعور جي حيثيت ثانوي آهي. هن جي راءِ آهي ته مادو اصل آهي، شعور ۽ روح مادي جي پيدائش آهن. مارڪسي فلسفو

هڪ انقلابي نظريو آهي، جنهن مطابق هر ڪا شيءِ تبديل ٿيندڙ آهي ۽ اها تبديلي ترقيءَ ڏانهن وڃي ٿي" (2)

ان نظام ۾، نہ رڳو براندِ تيزي سان تبديل ٿيندا آهن، پر ڪمپنيون ۽ صنعتون پڻ تخليقي عمل جي نتيجي سان نهنديون ۽ ختم ٿينديون آهن. ان سان گڏوگڏ انساني رشتا پڻ ختم ٿي، نئين روپ ۾ ٻيهر جڙندا آهن. مارڪس کي يقين هو تہ هڪ عوامي انقلاب ضرور ايندو، جنهن ذريعي ڪميونسٽ سماج قائم ٿيندو، جيڪو وڌيڪ پيداوار ڏيندڙ ۽ وڌيڪ انسان دوست نظام هوندو. مارڪسزم وارو فلسفو سياسي معيشيت، جدلياتيماديت ۽ تاريخي ماديت جي نظرين تي مشتمل آهي. ان حوالي سان ڊاڪٽر سڪندر مغل لکي ٿو تہ: "هر انسان هڪ سماجي جيوَ آهي، ان ڪري هن جو " ڪائناتي تصور" بہ هڪ سماجي ڏيک يا مظهر آهي. جيئن تہ انسان جي چوڌاري موجود سماج طبقاتي سماج ٿيندو آهي، ان ڪري هر انسان جو "ڪائناتي تصور" بہ ان انسان جي طبقاتي مفادن جي عڪاسي ڪندو آهي. اها حقيقت آهي تہ فلسفي جي تخليق ئي ان ڏينهن کان ٿي آهي، جنهن ڏينهن کان انساني سماج، طبقن ۾ ورهائجي ويو. ڪو بہ فلسفو پاڻ ۾ سدائين وڙهندڙ سماجي طبقن ۾ ويڙهہ ۾ غير جانبدار يا ٽياڪڙ ڪو نہ ٿيندو آهي، اهو هيڏي يا هوڏي، هن طبقي يا هن طبقي ڏانهن ضرور جهڪيل هوندو آهي. ٻين لفظن ۾ اهڙو ڪو بہ فلسفو ڪونهي ۽ نہ ئي ٿي سگهي ٿو جيڪو سماج جي ڪنهن خاص طبقي جي مفادن جو بچاءُ نہ ڪندو هجي!" (3)

ڪارل ماڪس ۽ اينگلس وارن اهو نظريو ڏيڻ لاءِ وڏي محنت ڪئي، وڏو فڪري پورهيو ڪيو.

مارڪس پورهيت طبقي جي ڇوٽڪاري لاءِ 'سائنسي سوشلزم' جو جيڪو نظريو ڏنو اهو نظريو ٻين عوام دوست مفڪرن جي نظرين کان ان ڪري مختلف هو جو 'سائنسي سوشلزم' وارو نظريو بنيادي طور تي، سياسي معاشيات (Political Economy)، جدلياتي ماديت (Dialectical Materialism) ۽ تاريخي ماديت (Historical Materialism) جهڙن سائنسي علمن سان ڳنڍيل نظريو آهي. هنن علمن جو پاڻ ۾ جدلياتي ڳانڍاپو آهي. اهو جدلياتي ڳانڍاپو ئي مارڪسزم کي هڪ مڪمل سائنسي نظريي ۾ تبديل ڪري ٿو.

”شڪار واري عهد ۾ انسان قبيلي جي صورت ۾ رهندا هئا ۽ گڏجي شڪار ڪندا هئا. منجهن هر قسم جي برابري هوندي هئي ۽ هر ماڻهو ڪم يعني شڪار ڪندو هو. اهو معاشرو هرقسم جي استحصال کان پاڪ ۽ شروعاتي اشتراڪ (socialism) جو هڪ نمونو هو. جنهن ۾ محنت جا اوزار، عورت ۽ پيداوار يعني شڪار مشترڪ هو“. (4)

مارڪسزم سماجي بدلاءَ جي جيڪا ڳالهه ڪري ٿو يا طبقاتي نظام کي ختم ڪرڻ وارو جو پروگرام ڏئي ٿو سو پروگرام ڪنهن آسماني مخلوق لاءِ نه، پر ڌرتيءَ تي رهندڙ انسان ذات لاءِ ڏئي ٿو. اها انسان ذات عورت ۽ مرد جي فطري وحدت تي ٻڌل آهي. دراصل، هن ڪائنات ۾ جيئن فطرت اُبتڙن جي تڪرار ۽ اتحاد واري جدلياتي قانون تي ٻڌل آهي، تيئن اسان جي فطرت جو حصو بڻيل زندگي به اُبتڙن جي تڪرار ۽ اتحاد واري جدلياتي تعلق تي ٻڌل آهي. دراصل، تضاد، ڪائنات، فطرت ۽ انساني سماج ۾ ترقي توڙي بدلاءَ جو بنيادي محرڪ آهي.

تضاد آفاقي اهميت رکي ٿو. تضادن سبب بدلاءُ اچي ٿو. تضادن سببان حرڪت ٿئي ٿي. تضادن سببان چُرپر ٿئي ٿي. تضادن سبب تبديليون اچن ٿيون. تضادن سبب ترقي ٿئي ٿي. تضادن سبب اٿل پُٿل ٿئي ٿي. تضادن سبب ڦير گهير ٿئي ٿي ۽ تضادن سبب انقلاب اچن ٿا. ڳالهه جو مطلب اِهو آهي ته، تضاد هڪ اهڙي قوت آهي، جا ڪائنات، فطرت ۽ انساني سماج مٿان حڪومت ڪري ٿي.

## جديد سنڌي شاعريءَ تي مارڪسزم جو اثر:

خاص ڪري ويهين صديءَ ۾ مارڪسزم جو شاعريءَ تي خاص اثر پيو. اهو نظريو پورهيت طبقي ۽ مظلوم ماڻهن جي حق ۾ سماجي، معاشي ۽ سياسي برابري تي ڌيان ڏئي ٿو. ان جو شاعريءَ تي هڪ تبديليءَ وارو اثر پيو ڇاڪاڻ ته هن پورهيت طبقي جي جدوجهد، اميدن ۽ اميدن جي اظهار لاءِ هڪ پليٽ فارم مهيا ڪيو. مارڪسي شاعريءَ جو هڪ اهم پهلو اهو آهي ته ان جي ڌيان جو مرڪز انساني حالتن ۽ پرولتاريه جي زندگيءَ جي تجربن ۽ حالتن تي آهي.

مارڪسي شاعرن پورهيت طبقي جي ڏکين حالتن، انهن جي استحصال کي منهن ڏيڻ ۽ انهن جي اجتماعي جدوجهدن کي بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اهي اڪثر ڪري سماجي تبديلي، انقلاب ۽ سرمائيداراڻي نظام جي خاتمي جي ضرورت تي زور ڏيندا رهيا آهن. مارڪسي شاعريءَ ۾ طبقاتي شعور ۽ پورهيت طبقي جي اتحاد جي خيال کي پڻ اجاگر ڪيو ويندو آهي. ان جو مقصد هڪجهڙائيءَ جو احساس پيدا ڪرڻ ۽ انهن لاءِ آواز فراهم ڪرڻ رهيو آهي. پورهيت طبقي جي اجتماعي جدوجهد جي وڪالت ڪندي، مارڪسسٽ شاعرن جو مقصد تبديليءَ جي عمل کي سمجهڻ، قبول ڪرڻ ۽ اسٽيٽس ڪو ۾ بدلاءُ آڻڻ رهيو آهي. مارڪسزم سڄي دنيا جي شاعريءَ تي لازوال نقش ڇڏيا آهن. مجموعي طور، مارڪسزم پورهيت طبقي کي هڪ پليٽ فارم مهيا ڪرڻ، سماجي ناانصافين کي منهن ڏيڻ، اجتماعي جدوجهد جي حوصلا افزائي ڪرڻ، ۽ شاعريءَ جي شڪل ۽ مواد کي نئين سر ترتيب ڏئي، شاعريءَ کي تمام گهڻو متاثر ڪيو آهي. ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ لکي ٿو ته: ”سنڌي ادب ۾ ترقي پسند تحريڪ جو اثر اڳ ۾ ئي موجود هو. جيئن ڪشنچند بيوس جو نظم ”غريبن جي جهوپڙي“، امر ڏنو مل هنگوراڻي جي ڪهاڻي ”ادو عبدالرحمان“ ۽ شيخ اياز جو افسانو ”سفيد وحشي“ وغيره. پوءِ مخصوص حالتن ادب ۽ سياست کي مارڪسزم جي ويجهو آڻي ڇڏيو.“ (5)

مارڪسزم شاعرن ۽ اديبن کي سياسي ۽ سماجي حقيقتن سان ڳنڍڻ ۽ هڪ وڌيڪ انصاف پسند ۽ برابري واري سماج لاءِ جدوجهد ڪرڻ جي ترغيب ڏئي ٿو. سنڌي شاعريءَ ۾ مارڪسزم جو تمام گهڻو اثر رهيو آهي، خاص ڪري 1936ع کان پوءِ ترقي پسند تحريڪ جي اوسر کان پوءِ مارڪسي تحريڪن جو سنڌي ادب، خاص ڪري سنڌي شاعري تي گهرو اثر رهيو آهي. هتي ڪجهه اهم سنڌي شاعرن جو ذڪر ڪجي ٿو جن جي شاعريءَ تي مارڪسزم جو فڪري اثر رهيو آهي.

**بردو سنڌي:**

ادب جي مارڪسي پهلوءَ کي سمجهڻ لاءِ ڪجهه ڳالهين کي سمجهڻ ضروري آهي. جنهن ۾ سياسي حالتون، معاشي حالتون، سماجي حالتون ۽ مروج

ادبي نظريا ۽ تحريڪون شامل آهن. اهي سڀ ڳالهيون گڏجي مارڪسي ادب جي بيهڪ ٿاهين ٿيون. انهن مان جيڪڏهن ڪنهن به هڪ ڳالھ کي ڪڍي ڇڏجي ته ادب جي پرک ڪرڻ هوند مشڪل ٿي پوندي. اسان جي شعور تي انهن سڀني ڳالهين جو اثر ٿئي ٿو. اسان جو سماجي شعور، خود سياسي، معاشي، سماجي ۽ فطري حالتن جو عڪس هوندو آهي. اسان جڏهن بردي سنڌي جي شاعريءَ جو انهن حالتن مطابق احاطو ڪنداسين ته بردي سنڌي جي شاعريءَ جي فن ۽ فڪر کي سمجهڻ ۾ اسان کي سولائي ٿيندي. بردي سنڌي جي پيدا ٿيڻ کان وٺي ان جي فوت ٿيڻ تائين، سنڌ ۾ تمام گهڻي تبديلي جي هوا گهلي آهي. خلافت تحريڪ، هجرت تحريڪ، سنڌ جي بمبئي کان آزادي، هاري ڪاميٽي جو ٺهڻ، برصغير جو ورهاڱو، ون يونٽ جو ٺهڻ، ان خلاف تحريڪ، بنگال جو ورهاڱو غير جمهوري قوتن جو اقتدار ۾ اچڻ، جمهوريت جي بحالي جي تحريڪ تائين بردي سنڌي جي شاعري تي انهن تحريڪن جواثر رهيو آهي.

معاشي حوالي سان سنڌ جيڪا 1930ع تائين صرف 20 لک ايڪڙ زمين آباد ڪندي هئي ان سنڌ ۾ سکر بئراج ٺهڻ جي ڪري زرعي زمين ۾ تمام وڏو انقلاب آيو (ان پٺيان برطانيا جا جيڪي سامراجي مقصد هئا، انهن کي ڇڏي ڪري ڳالهائجي ته سنڌ معاشي طور تي ڪر موڙائي، سکر بئراج ٺهڻ جي ڪري 30 لک ايڪڙ زمين آباد ٿي هئي، جنهن ڪري سنڌي شاعريءَ ۾ هاري کان مزدور جو سوال به تحريري صورت ۾ اچڻ شروع ٿيو. بردي سنڌي جي شاعري تي هاري تحريڪن جو اثر ڏسڻ ۾اچي ٿو جنهن جو اظهار ڪندي لکي ٿو ته:

هاري پيارا جوان سگهارا
ديس مٺي جا جيءَ جيارا
تون جو ناهين، هڏ هٽين ٿو
وچي سگهارو سڀ ڪٽي ٿو
تو جا پوک تنهنجو حق آ،
توسان ٿورن جو ناحق آ،
جاڳ ته پاڳ لڳئه او يار،
سورن سامهون ٿي ديوار،

ڪير چوي ٿو تون هيٺو آهين؟
تون ڏاڍن ڪان ہيٺو آهين. (6)

هاري هن سماج جو ڏتڙيل طبقو آهي. جيڪو هن سماج کي جيئڻ لاءِ تمام گهڻو ڪجهه ڏئي ٿو. پر موٽ ۾ان کي اهو مناسب اجورو نہ ٿو ملي. هاري جيڪو فطرت جا سينا چيري ان اپائي ٿو. جيڪو پنهنجي ايمانداريءَ سان پورهيو ڪري ٿو. تنهن باوجود بہ ان کي اجرت مناسب نہ ٿي ملي. بردو سنڌي هارين کي هروقت سجاڳ رکڻ جو سڏ ڏيئي ٿو.

بردي سنڌي، هارين کان پوءِ مزدور جي سماجي اهميت تي بہ لکيو آهي، ڇاڪاڻ تہ مارڪسزم ۾ هاري کان پوءِ مزدور جي اهميت آهي، جيڪو هن ڪائنات جو ڪارخانو هلائي ٿو. هن جي شاعري مشاهدي ۽ مطالعي جي شاعري هئي . سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ هن جي شاعري سچ جي شاعري آهي. هن جي شاعري سچائيءَ جو عڪس پيش ڪندڙ شاعري آهي. جنهن مان سچائي بکندي ٿي رهي. هو جيڪي بہ جيئن بہ محسوس ڪندو هو تيئن ان کي گيتن، بيتن، غزلن ۽ نظمن ۾ اظهاريندو هو. هن تڪ بند شاعرن جي ڏنل پيچرن تي هلڻ بجاءِ فني توڙي فڪري طور جديد رجحانن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ پلٽيو آهي.

بردي جي شاعريءَ بابت جيڪا بنيادي ڳالهہ ڪري سگهجي ٿي، اُها اِها آهي تہ هن جي شاعريءَ تي مارڪسزم جي فڪر ۽ تحريڪ جا اثر حاوي ۽ نمايان آهن. ان جو بنيادي ڪارڻ اهو آهي تہ بردي ڳوناٺي ماحول جو ويجهڙائيءَ کان گهرو مشاهدو ڪيو آهي. بردي جي شاعري پنهنجي دور جي هم عصر شاعرن سان گڏ گڏ سفر بہ ڪري ٿي تہ انهن شاعرن کان الڳ ۽ نمايان بہ آهي، ان ڪري سادي انداز ۾ ان چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نہ آهي تہ جديد سنڌي شاعري بردي جي شاعري کان سواءِ اڻپوري ۽ اڌوري آهي. ان ڪري مان ان ڳالهہ ڪرڻ ۾ ڪو بہ ابهام نہ ٿو سمجهان تہ بردو سنڌي، مارڪسي فڪر جو امام شاعر آهي. هو پنهنجي شاعريءَ وسيلي اهڙي قسم جو اظهار ڪندي چوي ٿو تہ:

اي سنڌ، اي مادر وطن !
سک جي ڪائنات آن.
ڪنهن مهہ لقا جي جهات آن،

سهڻي سچل جي لاٽ آن،
گيتن مٺن جو ديس تون،
پوکن جي لالا ٿي وٽي،
ٻيلن جي سرهائي وٽي،
سامي سندي وائي وٽي،
بيتن جا ٻهرين ويس تون،
تنهنجي سڀاجهي ٻولڙي،
تنهنجي پيلاري جهولڙي،
پر ڪيف تنهنجي لولڙي،
اي سنڌ اي مادر وطن !
سهڻي پٽائي جا وطن ! (7)

مارڪسزم نه صرف طبقاتي جدوجهد ۾ يقين رکن ٿا پر وطن سان محبت خود مارڪسزم جو حصو آهي. وطن سان محبت جي معاملي ۾ بردو سنڌي، باربار پنهنجي شاعريءَ ۾ ذڪر ڪري ٿو.

**ابراهيم منشي :**

ابراهيم منشي جي شاعري مظلوم عوام جو آواز آهي، جيڪا مظلوم ۽ محڪوم ماڻهن جي نجات جو ذريعو بڻيل آهي. منشي ابراهيم غريبن ۽ غربت جي ستايل انسانن جو شاعر هو. هن جي اندر ۾ ويٺل شاعر ۾ انسانيت لاءِ ڪيترا ئي درد ۽ محبتون سمايل هيون، جيڪي هن مختلف وقتن تي اظهاريون آهن.

بيشڪ باني ملڪ جا، هاري ۽ مزدور ٿئي،
اٽو لٽو ڪن اجهو پيدا، سهسين ڪائن سور ٿئي.
ايئر ڪنڊيشنن بنگلن توڙي، محلاتن جو ورتم واس،
ذري ذري تي مزدورن جي، ماس سندي تي آيم باس.
پورهيت پگهر وهائي، ساري جڳ ۾ جوت جلائي،
ڪير ڪمائي ڪير ٿو کائي، هت سا ريت نرالي آهي.
هاري بر ۾ باغ بنائي، هن جي محنت هر ڪو کائي،

رت ولوڙي جڳ کي جوڙي، جھڙس جڳ ۾ ٻيو ڪو ناهي.
هر هڪ جي لاءِ رحمت، هاري ۽ مزدور جي محنت،
پاڻ پتوڙي لنڊيون لتاڙي، جوڙي جڳ جي لاءِ جنت.
راتو ڏينهان ميها نيهان، دل ۾ تن کي ڪم جو غم،
ملڪ جي لئہ مزدور ۽ هاري ”منشي“ آڇي هڏ و چم. (8)

ابراهيم منشي جي شاعري ۾ سچ، حق گوئي جا ٻول ملندا، جنهن ۾ مظلوم پورهيتن جي ترجماني هوندي آهي. جڏهن تہ ظالم ماڻهن جي لاءِ ڪرپ آهي ۽ مظلوم ماڻهن ۾ اها پنهنجي حقن وٺڻ لاءِ حوصلو پيدا ڪندي آهي. ابراهيم منشي پنهنجي سڄي حياتي مظلوم سنڌ جي ماڻهن جي حقن لاءِ وڙهيو هو. شاعري وسيلي توڙي عملي طور تي سچو ۽ مخلص رهيو. ابراهيم منشي جي شاعري ۾ هارين ۽ پورهيتن کي جياپي جو ڏس ۽ ڏانءُ ملندو هو. هن سدائين پنهنجي شاعري ۾ هارين ۽ پورهيتن جي عظمت جا گيت ڳايا آهن. هو هڪ اهڙي دؤر جو شاهد هو جڏهن سنڌ جون واهڻ وستيون انقلاب جي آبياريءَ لاءِ آتيون هيون. سندس شاعري ماڻهن کي سياسي، سماجي توڙي طبقاتي شعور لاءِ بيدار ڪندي هُئي. نہ رُڳو ايترو، پر اِهو سندس توڙي سندس دؤر جي شاعرن جو ڪمال هو جو سنڌ جي هر گهر ۾ قومي ۽ طبقاتي گيت گونجندا هُئا. منشيءَ جهڙا ماڻهو پنهنجي مظلومن لاءِ وڏو اتساهہ ۽ ويساهہ هوندا آهن. هن انهن ماڻهن تي سخت تنقيد ڪئي، جن جي ذات ۽ ذات وڪامبي رهي آهي. ان ڪري هن جي شاعري مسڪينن ۽ مظلومن جي ترجمان رهي آهي.

ڪنهن بہ انقلابي شاعر لاءِ اهو تمام ضروري آهي تہ هو پنهنجو نظريہ حيات قائم ڪري ۽ انهيءَ نظريي تي آخر تائين ثابت قدم رهي. ابراهيم منشيءَ جي زندگيءَ جو مقام سندس شاعريءَ ۾ سڌيءَ ريت ظاهر آهي. هو ڏوتي ماڻهن جو همدرد، وڏيري ۽ سرمائيدار جو چٽو دشمن نظر ايندو. مارو ماڻهن سان سندس همدرديون کيس وڏيڪ قدآور ڪري ڇڏين ٿيون. ديس جي آڇپي واري جذبي، سندس شاعري کي عام ماڻهن ۾ مقبول ڪيو آهي. هي پنهنجي شاعري وسيلي سڄي عمر قوم کي ويساهہ ڏيندو رهيو. تنهن کي وسارڻ جهڙي ويساهہ گهاتي ناممڪن آهي.

**سرويچ سجاولي:**

سنڌ ۾ ڪيترن ئي عوامي ۽ انقلابي شاعرن پنهنجي پنهنجي دور ۾ جابر حڪمرانن، جاگيردارن ۽ آمرن سان هر وقت مهاڏو اٽڪايو آهي ۽ پنهنجي مزاحمتي شاعريءَ وسيلي استحصال ڪندڙ قوتن کي پڌري پٽ للڪاريو آهي. اهڙن شاعرن مان ”سرويچ سجاولي“ بہ هڪ آهي. سندس شاعري طبقاتي اڻبرابري، ڪامورن ۽ سرمائيدارن جي ڦرلٽ جي خلاف هڪ سگهارو آواز آهي. هن مسڪين ۽ غريب ماروئڙن، هارين، نارين، ٻڍن ۽ ٻارن لاءِ شاعري ڪئي ۽ ان سان گڏوگڏ انهن جي اهنجن، ايذائن بابت نہ فقط خبردار ڪيو آهي، پر انهن جي حل لاءِ رستو پڻ ڏيکاريو آهي.

هن سنڌ وطن جا صدين کان تون، سورن ساڙيل هاري جاڳ،
توتي ڦهر ڪروڙين ٿيا، تون ڪاڙهن ڪاڙهيل هاري جاڳ،
توسان وير وڏيري جو تون ويل ۾ واڙيل هاري جاڳ،
تنهنجا ٻار ٻري ۾ ٻارهئي، ٻارڻ ٻاريل هاري جاڳ،
وِجهہ ڪا پِنج وڏيري کي، ۽ وير سيئي تون پنهنجا وار!!
پنهنجي پوَڪ بچائڻ لئہ، تون مڪڙ چونڊي چونڊي مار!!
تون هِن ڌرتيءَ جو اَن داتا، پوءِ بہ توسان ويل وڏا،
تنهنجا ڪيڙن ڪوڏارين ۾، ٿي ويا جانب حال جڏا،
تنهنجو ماس ڳري ويو سارو، هاڻ رهيا بس! هاءِ هڏا،
توسان ويرين ويل ڪيا، ۽ تنهنجا ڪيا جي تنگ تڏا،
تون هن ڌرتيءَ جو اَن داتا، هرڪا پوک پچائين ٿو
تنهنجي دم سان دنيا روشن، سهسين رنگ رچائين ٿو
جهنگ، جبل ۽ برپٽ ۾ پيي، ميلا موج مچائين ٿو
پوءِ بہ ٻُکيو ۽ اَنگ اُگهاڙو ڪائين سور سدائين ٿو
تون هيءَ ڌرتي چيري ڦاڙي، اوپڙ جام اُپاڙين ٿو
تون ئي راتيون جاڳي راٺا! نِت نِت نانگ لتاڙين ٿو
تون ئي سرديءَ گرميءَ ۾، هت ساهہ مِٺي کي ساڙين ٿو
پوءِ بہ ڳيّي ڳيّي جي لئہ، ڳاڙها ڳوڙها ڳاڙئين ٿو. (09)

سندس شاعري صاف سنڌي ۽ سولي ٻوليءَ ۾ هئڻ ڪري، هر ماڻهو آساني سان پڙهي ۽ سمجهي سگهي ٿو. سرويچ سجاولي پنهنجي شاعري ذريعي وڏن وڏن آمرن، جاگيردارن ۽ سرمائيدارن کي للڪاريو آهي. سرويچ سجاولي جي شاعري ۾ ڌرتيءَ جي محبت جو اظهار ڀرپور نظر اچي ٿو. سرويچ پيڙهيل قوم جي حقن جي ترجماني پنهنجي شعر ۾ ڪندو هو. هن سماج کي ۽ سماجي جبر کي پنهنجي شعرن ۾ ننديو آهي. هن کي آمراڻي دؤر کان نفرت هئي. هن شاعريءَ جي دنيا ۾ هڪ خاص مقام ماڻيو هو. هن جو انداز نرالو هو. اکر هلڪا ٻولي سادي ۽ موقف وزنائتو هوندو هو.

## تاجل بيوس:

تاجل بيوس،سنڌي ٻوليءَ جو اهو شاعر آهي، جنهن پنهنجي شاعري جي وسيلي سنڌ ۾ الڳ سڃاڻپ پيدا ڪئي. اهو چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو تہ تاجل بيوس جو شمار سنڌ جي اهم شاعرن ۾ ٿئي ٿو. دنيا ۾ طبقاتي تحريڪن جي جدوجهد جو اثر سنڌ بہ قبول ڪيو. مارڪسزم سموري دنيا جو درد پنهنجو درد سمجهي ٿي. مزدور جو ڪو ملڪ نہ ٿيندو آهي، مزدور جو ڪو وطن نہ ٿيندو آهي. جنهن ڪري مزدور ڪنهن بہ هڪ خطي ۽ هڪ وطن جي ڳالهہ نہ ڪندو آهي، ان وٽ محبت جو تصور ڪنهن بہ سرحد تائين محدود نہ آهي، جنهن جو اثر قبول ڪندي تاجل بيوس ساري ڌرتيءَ کي پنهنجو ديس سمجهي ٿو. هو جڏهن ڪنهن بہ ڏيهہ ۾ ڏڪايل ڏسي ٿو ان وقت هي پنهنجي وجود ۾ نبل هوندي بہ ”ڪجهہ ٿي پوڻ“ جو تصور پيش ڪري ٿو. ڇاڪاڻ تہ ڏک جو رشتو ازلي رشتو آهي، جيڪو سموري انسان ذات کي هڪ ٻئي سان جوڙي ٿو. ان ڳالهہ کان ڪو بہ انڪار نہ ڪري سگهندو تہ تاريخ جو خالق عوام آهي. عوام معنيٰ پورهيت، عوام معنيٰ مزدور، عوام معنيٰ جيڪو آبادي جو وڏو حصو آهي. جڏهن تہ حڪمران طبقو يا قابض طبقو عوام جي ذمري ۾ شامل نہ ٿو ٿئي. عوام مظلوم بہ آهي، عوام تخليقڪار بہ آهي، جنهن ڪري عوام جي ان طاقت کي صرف ذي شعور ماڻهو ئي محسوس ڪري سگهي ٿو. عوام جڏهن چاهيندو آهي تہ دنيا جي تختن کي اونڌو ڪري ڇڏيندو آهي. عوام تي لکڻ عوام جي دردن کي پنهنجو موضوع بڻائڻ خود

مارڪسزم جو سڀ ڪان اهم ۽ بنيادي موضوع رهيو آهي. تاجل بيوس عوام جي ان طاقت ۽ آواز کي محسوس ڪري ٿو...

پٽ جهوپا، ڪڻ پڪڙا، رک ڪلهي تي هر،
چڙهي آهي چيٽ ۾، ٻنيرن تي ٻر،
ڪارونجهر جي ڪور تي، وڄن وانگي ور،
ٿيندا ڪيچ ڪٽن مان، ٽڪو ناهي ٽر،
ڪڻ ٻورا، ڪاهه ولر، ته ڏجن واس وجود کي. (10)

انسان هن ڌرتيءَ جو سڀ کان وڏو سچ آهي، هن ڌرتي تي رهي ان کي نئين سر تخليق ڪيو آهي، پر ڪجهه استحصالي قوتن هن ڌرتيءَ تي انسانن جي غلامي جو ڄار وڇايو آهي، جنهن ڪري هي ڌرتي بدصورت بڻي آهي. هڪ شاعر انسان جي نئين سري سان تاريخ لکڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. اها شاعر جي ذات آهي، جيڪا نئين تاريخ لکرائي رهي آهي.

تاجل بيوس ان انسان جي نئين سر تاريخ لکڻ جي ڳالهه ڪئي. اهو شاعر ئي آهي، جيڪو پنهنجي ڪلڪ وسيلي سچ جي مسيحا تي لکي ٿو ته هر لفظ ۾ انسان جي تصوير نمايان ٿي اڇي ٿي.

**شمشير الحيدري:**

شمشير الحيدري، اهو ماڻهو هو جنهن انهن ادب ۽ آرٽ جي شعبن ۾ پنهنجي صلاحيتن جو ڀرپور استعمال ڪندي پاڻ ميڄرايو. سندس لکڻيون اڄ به ماڻهن جي دلين جي ترجماني ڪندڙ آهن. وقت جي آمرن سان قلم جي زور تي جنگ جوٽيائين، ضياءَ جي مارشلائي دور ۾ هن جا ڪالم ۽ ايڊيٽوريل مزاحمت جي علامت هئا، جن کي پڙهڻ لاءِ ماڻهو انتظار ڪندا هئا. ان دور ۾ جڏهن ماڻهو حڪومت خلاف پاڻ ۾ گفتگو به آهستگيءَ سان ڪندا هئا، اهڙي صورتحال ۾ هن پنهنجو صحافتي ڪردار انتهائي بهادري ۽ برجستگيءَ سان ادا ڪيو. هن جي دل ۾ وينل باغي سدائين ڪيس وقت جي ظالمن کي للڪارڻ لاءِ سڏ ڪندو رهيو ۽ هن سدائين پنهنجي عوام جي سڏ کي ورنايو. اهو 1960ع جي ڏهاڪي جو آمريتي دؤر هيو، جڏهن هن ون يونٽ خلاف پمفليٽ ڇپرايو ته ڪيس جيل حوالي ڪيو

ويو. پر شمشير انهن کان ڊڄڻ وارو نہ هيو. ون يونٽ خلاف تحريڪ ۾ هن سرگرم ڪردار ادا ڪيو. شمشير الحيدري جي مزاحمتي شاعري جو ذڪر ڪجي تہ سندس ان شاعري جو محور مظلوم عوام آهي. هن ڪڏهن بہ همت نہ هاري ۽ نہ ئي ورچي ويهڻ جو درس ڏنو. هن هميشہ جدوجهد جو سبق ڏنو ۽ هر حال ۾ سچ چوڻ کان ڪين ڪيٻايو. سنڌ ۾ مارڪسي فڪر جي حوالي سان جيڪي بہ تحريڪون هلنديڙ آهن, انهن ۾ بختاور هڪ اهڙو ڪردار آهي, جيڪو هارين جي حوالي سان هڪ مزاحمتي ۽ انقلابي ڪردار آهي. جنهن وقت جي زميندار سان مهاڏو اٽڪايو هو. جنهن مارڪسي فڪر سان تعلق رکنديڙ ڌريون هن کي هڪ علامت طور تي پيش ڪنديون آهن, جنهن ڪري شمشير الحيدري وٽ بہ ان جو مان سڀ کان مٿانهون آهي.

شمشيرالحيدري, مارڪسي فڪر کي عملي طور تي ويجهڙائي کان ڏٺو هو. خاص ڪري ون يونٽ جي زماني ۾ هو طبقاتي تحريڪن سان فڪري طور تي سلهاڙيل رهيو.

ترقي پسند تحريڪ ۽ مارڪسي تحريڪ هن جي فڪر جو اڻٽوٽ حصو رهيو آهي, جنهنڪري هن پنهنجي شاعريءَ ۾, هن زمين تي ٿيندڙ ظلم ۽ ڏاڍ جي, خدا سان شڪوه ڪندي لکيو آهي. جنگ ڪنهن بہ طرح سان ڪنهن بہ حوالي سان ڪڏهن بہ مفيد نہ رهي آهي, نہ وري ڪڏهن جنگ جي حمايت ڪري سگهجي ٿي, ڇاڪاڻ تہ جنگ انسان جا ٻچا کائيندي آهي. ان ڪري جنگ جي هر مارڪسي سدائين مخالفت ڪندو رهيو آهي. شمشيرالحيدي جنگ جي مخالفت ڪندي لکي ٿو تہ :

هڪڙي پاسي بم بارود,
۽ ٻئي پاسي دل جو دود,
جنگ لڳي وئي زود !
بستيءَ بستيءَ آهي هجوم,
هڪڙا ظالم ٻيا مظلوم,
هر هنڌ آهي هڪڙي ڌوم,
رهڻو ناهي ڪو محڪوم,
ماريندا سين سڀ مردود,

جن جي فاتحا ۽ نہ درود،
بند ڪريو سڀ ساز سرود،
جنگ لڳي وئي آهي زود! (11)

جڏهن ڪان وٺي انسان غلاميءَ جو شڪار ٿيو آهي، ان ڏينهن ڪان وٺي، انسان جي مٿان سماجي ۽ فطري جبر ٿيندو رهيو آهي. ان جبر خلاف انسان ڪڏهن بغاوت ڪئي آهي تہ ڪڏهن ان بغاوت جي حالت ۾ هجرت ڪرڻ کي ترجيح ڏني آهي. مارڪس انسان کي سماجي توڙي فطري جبر خلاف جدوجهد ڪرڻ جو درس ڏيئي ٿو. جيڪڏهن انسان پنهنجي جياپي خاطر جدوجهد نہ ڪندو تہ هوندو، سدائين استحصال ۽ جبر جو شڪار ٿيندو رهندو. ان ڪري مارڪسي فلسفو پورهيت ڪلاس ۽ استحصال ٿيندڙ قوتن جي نمائندگي ڪندڙ نظريو آهي. اج تائين انسان ذات سک جو ساهہ کڻي نہ سگهي آهي. مارڪسزم ان انسان جي سيني ڏکن ۽ پيڙائن ڪان نجات جي ڪوشش جو نالو آهي، جنهن کي محسوس ڪندي، سنڌي شاعرن مارڪسي فڪر جي روشنيءَ ۾ شاعري ڪئي آهي، جيڪا اج بہ پورهيتن جي نمائنده شاعري آهي. اهو سمجهڻ گهرجي تہ، جيستائين استحصال موجود آهي، جيستائين جبر ۽ ظلم موجود آهي. تيستائين مارڪسي فڪر انسان جي رهنمائي ڪندو رهندو.

## حوالا:


1. آخوند، عاصم "آزادي جو فڪر"، ايڊيشن پهريون 2009ع، حيدرآباد، آدرش پبليڪيشنز ص 247
2. ملاح، مختيار، "ادبي اصلاحن جي تشريحي لغت"، ڇاپو پهريون 2015ع، حيدرآباد، سنڌي لينگوئيج اٿارٽي، ص 313.
3. مغل، سڪندر، ڊاڪٽر "ڏاهپ جو اپياس" ڇاپو ٻيون، ڪراچي، سنڌ دوست پبلشرز، ص 17.
4. ايلن ووڊز (مرتب: امر فياض) "مارڪسزم: موجوده دور جو واحد سچ"، ايڊيشن پهريون، 2020ع، لاهور، لال سلام پبلشرز 10 ايبٽ روڊ، ص 54.
5. ميمڻ، عبدالغفور، ڊاڪٽر "سنڌي ادب جو فڪري پسمنظر"، ڇاپو ٻيو اپريل 2017ع، حيدرآباد، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، ص 294.

6. سنڌي، بردو، ”بوندون بس نہ ڪن“ ڇاپو پهريون، فيبروري 1988ع، ڄامشورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، يونيورسٽي آف سنڌ، ص 96.
7. سنڌي دادا، مضمون ”سخن ساميئڙن جا “، سلسليوار ”انجمن“ نمبر 06، ڊسمبر 2023ع، انجمن ترقي پسند مصنفين، ص 07.
8. منشي، ابراهيم، ”ڌرتي دين ڌرم“، 1991ع، ڪنڊيارو روشني پبليڪيشن، ص 93.
9. https://books.sindhsalamat.com/book/11/read/11
10. بيوس، تاجل، ”ڏوريان ڏوريان مَر لهان“، ڇاپو پهريون،1997ع، سنڌ، سنڌي ادبي سنگت، ص:43.
11. الحيدري، شمشير (سهيڙيندڙ: سليم حيدري) ”لاٽ“ ڇاپو ٻيون، جولاءِ 2012ع، ڪراچي، نئون نياپو اڪيڊمي، ص 57.

سعيد سميجو

# نين روايتن ۽ صنفن جو سرجيندڙ شاعر:
# ميون شاهہ عنات رضوي

## (Miyon Shah Inaat Rizvi: The Inventor of New Traditions and Genres in Classical Poetry)


**Abstract:**

Miyon Shah Inaat Rizvi is recognized as one of the most significant classical poets and a key figure in the development of classical Sindhi poetry. His poetic work reflects deep spiritual thought, rich Sindhi cultural expression, and mastery of classical poetry. The poetry of Miyon Shah Inaat Rizvi was compiled by Dr. Nabi Bux Khan Baloch and was published in 1963 under the title *"Miyen Shah Inaat jo Kalaam"*. This collection helped preserve and introduce his literary contributions to a wider audience.

Shah Inaat Rizvi had a key role in shaping classical Sindhi poetic traditions. He used the traditional poetic structure of *waae*, while also introducing new forms and genres that expanded the scope of Sindhi poetry. He is widely regarded as the first classical Sindhi poet to develop and introduce the concept of *Sur* in Sindhi poetry, which later became an important tradition followed by many poets. In addition, he contributed to the development of the poetic form *Waae* and introduced other forms such as *Molod*.

His innovations had a lasting influence on later generations of Sindhi poets, who adopted and continued the poetic forms and traditions he established. Through his creative work and spiritual themes, Miyon Shah Inaat Rizvi strengthened the foundation of Sindhi classical poetry and contributed significantly to the literary and cultural heritage of Sindh. These qualities gave his poetry a strong intellectual and philosophical character. Therefore, it will not be an exaggeration to consider or call him the founder of many new traditions in classical Sindhi poetry.

This research paper highlights his poetic achievements, literary innovations, and lasting influence and impact on Sindhi classical poetry.


قاضي قادن، شاهہ ڪريم ۽ شاهہ لطف الله قادريءَ کان پوءِ سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾، جن وڏن شاعرن جو تاريخ ۾ ذڪر ملي ٿو، ميون شاهہ

عنات رضوي انهن مان هڪ آهي. هو ڪلهوڙن جي دور جو اهم جو شاعر هو. هن کي نہ فقط شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي همعصرن ۾ ليکيو ويندو آهي، پر شاهہ سائين جي فڪر تورڙي شاعريءَ تي ميين شاهہ عنات رضويءَ جو وڏو اثر آهي. هي اهو پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن جو مڪمل رسالو ملي ٿو. جيڪو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ تحقيق ڪري 'ميين شاهہ عنات جو ڪلام' جي نالي سان سنڌي ادبي بورڊ پاران سن 1963ع ۾ شايع ڪرايو.

شاهہ عنايت الله عرف ميين شاهہ عنات جو ڪلام سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ جي ڳڙي آهي، جنهن بابت پهرين تحقيق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب ڪئي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب ميين عنات جي ڪلام جو پهريون پيرو قلمي نسخو ميان مريد حسين شاهہ وٽ ڏٺو هو. ان بابت ڊاڪٽر بلوچ ڪتاب 'ميين شاهہ عنات جو ڪلام' جي مهاڳ ۾ لکي ٿو:

"سن 1944ع ۾ سنڌ جي تاريخ بابت تحقيق ڪندي نصرپور وڃڻ ٿيو، جتي مرحوم ميان مريد حسين شاهہ (وفات 1954ع) وٽ ميين عنات جي ڪلام جو هڪ قلمي نسخو نظر مان گذريو جنهن جي ڏسڻ سان هن قيمتي ڪلام جي اهميت معلوم ٿي ۽ خيال آيو تہ جيڪر هوند اهو ڪلام ڇپجي پوي تہ سنڌي علم ادب ۾ اهم اضافو ٿئي."(1)

يقينن ميين شاهہ عنات جي ڪلام جي ڇپجڻ سان نہ صرف سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ جي پيڙهہ جي خبر پئي، بلڪ هڪ خوبصورت ادبي واڌارو پڻ ٿيو. ميون شاهہ عنات سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ پيڙهہ وارو ڪم ڪيو آهي. گڏوگڏ ميون شاهہ عنات سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ جو اهو شاعر آهي، جنهن وٽان نين روايتن جي ايجاد جو اِشارو ڏسڻ لاءِ ملي ٿو. ان باري ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو: "ميين شاهہ عنات جي ڪلام ۾ سنڌي شعر جا مکيہ قالب – بيت، مولود ۽ وائي – پهريون پيرو پنهنجي گوناگون خوبين سان چمڪندا نظر اچن ٿا."(2)

ميون شاهہ عنات رضوي اهو اَساسي شاعر آهي، جيڪو نہ رڳو رسالي جي بنيادي ترتيب جو موجد آهي، بلڪ سُر وار بيت لکڻ جي روايت جو بہ باني آهي.

هُن پهريون پيرو رسالي جي موضوعن ۾ نواڻ آڻي، ان ۾ هڪڙو نئون روح ڦوڪيو. جنهن سان رسالي جي ئي نہ بلڪ بيتن اندر موضوعن جي بہ انفراديت ظاهر ٿي پئي.

**سُرن/سرودن جو مؤجد: ميون شاهہ عنات رضوي:**

سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ سُرن جي الڳ ئي حيثيت آهي. جنهن جي ڪري ڪنهن بہ هڪڙي ڏگهي موضوع کي ان سُر جي ماتحت ڪيو ويو آهي. ميون شاهہ عنات رضوي بہ ڪلاسيڪل شاعرن جي ان صف ۾ شمار آهي، جن سُر لکيا آهن. ميين شاهہ عنات بہ سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ موسيقيءَ کي آڻڻ ۾ عام لاءِ ڪلاسيڪل شاستري موسيقيءَ جي سُرن کي پنهنجي شاعريءَ وسيلي عام ڪيو. ان باري ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان لکي ٿو: ”ميون شاهہ عنات پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن جا 469 بيت ۽ 42 وايون سرودن وار ۽ ٻيا وڏيڪ موقعي وار بيت اسان تائين پهتا آهن.“ (3)

ميين عنات پنهنجي موضوع کي سُرن جي شڪل ڏيئي، نہ صرف جاندار ٻڌايو پر هڪ نئين روايت قائم ڪئي. ان کان اڳ موضوعن جو ائين سُرن جي ترتيب ۾ هجڻ ڪنهن بہ ڪلاسيڪل شاعر وٽان ثابت نہ ٿي سگهيو آهي. ان ڳالهہ مان اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ ميين شاهہ عنات کان اڳ جيڪي بيت اسان کي مليا، اهي سرود وار نہ هئا ۽ نہ ئي انهن بابت ڪا اهڙي روايت ملي ٿي. ان ڪري ان ڳالهہ کي مدِ نظر رکندي ڊاڪٽر اسحاق سميجو لکي ٿو: ”هُن هڪ ئي موضوع تي بيشمار بيت ۽ وايون لکي، سُر لکڻ جي روايت قائم ڪئي. مثان ان کي سُر يا سرود سڏي، شاعريءَ کي موسيقيءَ جي قريب آندو.“ (4)

يعني سُر ڪنهن بہ هڪ موضوع تي بيشمار بيت ۽ وايون لکڻ سان جُڙي ٿو ۽ ان جي روايت ميين شاهہ عنات پنهنجي شاعريءَ جي ذريعي ڪري ڇڏي، ائين ئي شاهہ عبداللطيف پنائيءَ جيڪي ست سورميون ڳايون، سي بہ ان کان اڳ ميين شاهہ عنات وٽ موجود هيون. شاهہ عبداللطيف جا ڪيترائي ئي بيت ميين شاهہ عنات جي اثر هيٺ محسوس ٿين ٿا. ان باري ۾ ڊاڪٽر اسحاق سميجو لکي ٿو: ”شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ ڪيترا ئي بيت، سٽون، ڪردار ۽ تمثيلون اهي ئي

آهن، جيڪي ميون صاحب اڳ پنهنجي ڪلام وسيلي پيش ڪري چڪو هيو. خود شاهہ جون ست ئي سورميون مارئي، سسئي (ديسي)، ليلا، سورٺ، سهڻي (توڏي)، مومل ۽ نوري (ڪاموڏ) وغيره ميون عنات ڳائي چڪو آهي. جڏهن تہ لطيف جي رسالي ۾ ٿلهي ليکي 30 سُر چئجن ٿا، تہ ميين عنات جي ڪلام ۾ 22 سُر اڳ ئي موجود آهن. ان حساب سان سُر لکڻ جي روايت جو باني ميون عنات رضوي ئي آهي.“ (5)

ميين شاهہ عنات جي شاعريءَ ۾ موسيقي ۽ ان جو سُرن سان تعلق بيحد اهم آهي، جنهن مان اهو بہ اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ ان جو موسيقيءَ سان ڪيتري قدر چاهہ آهي. اهو ئي سبب آهي جو هُن سُر لکيا. اها سندس وڏي خدمت چئبي تہ هُن سُرن يا سرودن جي ايجاد ڪئي. سندس رسالي اندر اهي سڀ سنڌ جا عام قصا ۽ داستان سُرن جي صورت ۾ موجود آهن. ڊاڪٽر بلوچ جي تحقيق موجب اگر ڏسجي تہ ميون شاهہ عنات ئي سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ سُرن جو مؤجد نظر اچي ٿو. ان جي برعڪس تنوير عباسي پنهنجي هڪ مقالي ۾ لکي ٿو:

”شاهہ لطيف جي شاعريءَ جي مقامي پس منظر جي اڀياس مان معلوم ٿو ٿئي تہ سُرن جي ورڇ شاهہ لطيف کان بہ اڳ، شاهہ لطف الله قادري، ميين شاهہ عنات، وٽ موجود هئي.“ (6)

مٿين حوالي موجب ميون عنات اهو پهريون شاعر نہ آهي، جنهن وٽان سُرن جي روايت ملي ٿي. بلڪ اها شاهہ لطف الله قادريءَ وٽ بہ موجود آهي. اها ڳالهہ نہ صرف تنوير عباسي بلڪ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو وٽان بہ ملي ٿي. هو پنهنجي مقالي بعنوان ”ميون عنات رضوي“ ۾ لکي ٿو:

”ميين عنات جي ڪلام جي سُر وار ۽ موضوع وار تقسيم ڏسي اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ هي سرشتو ان کان وڌيڪ پختي بنياد تي بيٺل هو جنهن جا اهڃاڻ مخدوم نوح، شاهہ ڪريم، قاضي قادن ۽ ٻين آڳاٽن شاعرن جي ڪلام ۾ ملن ٿا. اڳ بہ سنڌ جي نيم تاريخي داستانن جي عنوانن تي بيت ملن ٿا. جن ۾ خاص طور شاهہ ڪريم جو ڪلام ڌيان ڇڪائي ٿو. انهيءَ پس منظر ۾ ڏسبو تہ ميين شاهہ عنات جي ڪلام جو سُر وار تقسيم نسبتن پختي پايي تي آهي.“ (7)

ان ڳالھ ۾ ڪو بہ شڪ ڪونهي تہ شاھ ڪريم وٽ اهي عام سنڌي داستان نہ هئا، پر ان ڳالھ جو ڪو بہ پختو ثبوت نہ ملي سگهيو آهي تہ، ڪو ميين عنات کان اڳ ڪو بہ سُرن جي سلسليوار ترتيب جو نمونو موجود هئو. انهيءَ ڪري ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ٻين جي راءِ سان سهمت ٿيندي، مڃڻو پوندو تہ، ميون عنات ئي اهو پهريون سنڌي ڪلاسيڪل شاعر آهي، جيڪو سُرن جو مؤجد آهي.

**وائي جو مؤجد: ميون شاھ عنات:**

درحقيقت وائي سنڌ جي قديم شاعريءَ ۽ گائڪي جي صنف آهي، جنهن کي صوفي شاعرن پنهنجي ڪلام جو زيور بڻايو. ٿي سگهي ٿو تہ وائي سنڌ جي ڪلاسيڪل شاعرن وٽ موجود هجي ۽ ان جا اسان کي ڪي بہ نمونا نہ ملي سگهيا هجن، پر جتان کان اسان کي وائي جي صنف ملي آهي، اهو ڪلهوڙا دور آهي، جنهن ۾ سڀ کان پهرين وائي جي صنف جي موجودگي ۽ ان جو نمونو اسان کي ڪلاسيڪل شاعر ميين شاھ عنات رضوي وٽان ملي ٿو. ان راءِ سان ڪا بہ ٻي راءِ ٽهڪندڙ نہ آهي تہ ڪو وائي اڳ وارن صوفي شاعرن وٽ موجود نہ هئي، پر يقينن انهن جو تاريخ ۾ ڪٿي بہ ذڪر نہ ٿو ملي. ٻيو وائي جي ماهيت بہ ميين شاھ عنات وٽان معلوم ٿي آهي، ڇاڪاڻ تہ ميين عنات مختلف مضمونن تي وائي لکي آهي. جنهن جي بنياد تي اهو چئي سگهجي ٿو تہ ميين شاھ عنات کان اڳ ورلي ئي ڪا وائي موجود هجي. ان باري ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو:

”ميون شاھ عنات پهريون شاعر آهي، جنهن جي ڪلام ۾ سنڌي وائي هيئت توڙي مضمون ۽ معنيٰ جي لحاظ سان اوج تي نظر اچي ٿي. ’وائي‘ جا موجد سنڌي صوفي شاعر هئا ۽ وائي سنڌ ۾ آڳاٽي دور کان وٺي رائج هئي، پر ميين شاھ عنات کان اڳ جي شاعرن جون چيل وايون غالباً محفوظ نہ رهيون آهن ۽ بهرحال هن وقت تائين معلوم نہ ٿي سگهيون آهن.“ (8)

وائي ۽ ڪافي جي ٿوري ئي فرق جي ڪري اسان جي صوفي شاعرن وٽ ضرور وائي جا ڪي نمونا بہ هوندا، جن جي انداز تي ڪافي بہ لکي ويئي آهي. يا وري ڪافي جي انداز تي وائي ڳائي ويئي آهي. پر سنڌ جي مستند تاريخي روايت

۾ وائيءَ جا حقيقي ۽ چٽا نمونا ميين شاهہ عنات جي رسالي ۾ مليا. جنهن ۾ وائيءَ جهڙو سٽاءُ ۽ رسُ موجود آهي. پر رڳو ايترو ئي نہ ميون شاهہ عنات رڳو وائيءَ جو ئي نہ بلڪ ٻين بہ ڪيترين ئي روايتن جو موجود سڏجي ٿو. ڊاڪٽر اسحاق سميجي جي راءِ موجب، ”سنڌي شاعريءَ جي ارتقا کان واقف عالمن ۽ نقادن کي خبر آهي، تہ ڪلاسيڪل شعري روايت مان جيڪڏهن ميين عنات جي ڪم ۽ فنڪارانہ دين کي ڪڍي ڇڏجي، تہ اها روايت نہ رڳو اڌوري پر ڦٽل ڦٽل ۽ ٻُسي ٻُسي نظر ايندي. ڇاڪاڻ تہ سنڌي شاعريءَ جون ٽي اهم فني روايتون جهڙوڪ: وائي جي ايجاد، سُر لکڻ جي روايت ۽ مدح لکڻ جي روايت جو باني ميون شاهہ عنات رضوي ئي آهي. جڏهن تہ ڪيترن ئي عالمن جي لکتن ۽ خانداني روايتن مان بہ ان ڳالهہ جي گواهي ملي ٿي تہ خود سنڌيءَ ۾ مولود جي ابتدا پڻ ميين عنات ئي ڪئي آهي.“ (9)

توڙي جو ميين شاهہ عنات ٻين ڪيترين ئي نين روايتن کي اڳتي وڌائيندي نين صنفن جو بنياد وِڌو آهي، پر ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ ان جو وڏو شاهڪار تہ ”وائي“ ئي آهي. جنهن ۾ هُن پنهنجو پاڻ متعارف ڪرائڻ سان گڏ پنهنجي اڳ ۽ بعد وارن شاعرن کي حيران ڪيو آهي. پر ڪجهہ عالمن جو خيال مختلف آهي، جيڪي اهو سمجهي رهيا آهن تہ ميون شاهہ عنات ئي نہ بلڪ هڪ ٻئي ان دور جي وڏي شاعر ”سنت دادو ديال“ ميين شاهہ عنات کان پهرين وائي لکي اها روايت قائم ڪئي آهي. ان باري ۾ ڀارت جو عالم ۽ اديب ڊاڪٽر جيٺو لالواڻي لکي ٿو: ”سنڌي شعر ۾ وائيءَ جو استعمال بہ سڀ کان اول عنات جي ڪلام ۾ ئي نظر اچي ٿو.“ پر هو اڳتي لکي ٿو:

”سنڌي وائي بہ شاهہ عنات جي ڪلام ۾ هيئت، مضمون ۽ معنيٰ جي لحاظ کان اوُج تي رسيل نظر اچي ٿي. عنات کان اڳ وائيءَ جي روايت جي سنت شاعر دادو ديال جي شعر ۾ ملي ٿي.“ (10)

دراصل اها ڳالهہ نومبر 2019ع ۾ ميين شاهہ عنات رضويءَ تي پهرين ملڪ گير ادبي ڪانفرنس ۾ تاج جويي بہ پنهنجي هڪ مقالي ۾ ڪئي هئي. جنهن ۾ هُن اها دعويٰ ڪئي هئي تہ ميين شاهہ عنات کي وائيءَ جو موجد قرار نہ ٿو ڏيئي سگهجي، بلڪ دادو ديال جي شاعريءَ ۾ تي وايون مليون آهن. هو لکي ٿو: ”هڪڙي وقت ۾ پير حسام الدين وائيءَ جو موجد ٻِٽائيءَ کي قرار ڏنو. اڳتي جڏهن

شاهہ عنات جو رسالو آيو بلوچ صاحب جي تحقيق کان پوءِ هن پنهنجي راءِ تبديل ڪئي ۽ شاهہ عنات وائيءَ جو موجد قرار ڏنو ويو پر تحقيق اتي بند ٿيڻي ناهي. دادو ديال جي جيڪا شاعري ملي آهي، ان ۾ ٿي وايون مليون آهن.“(11)

ڪا بہ تحقيق ڪٿي بہ رُڪجي نہ ٿي، نہ وري ڪا بہ ڳالهہ حتمي آهي. ڊاڪٽر جيٺو لالواڻي ۽ تاج جويي جيڪا دادو ديال جي شعر ۾ وائي جي ملڻ جي ڳالهہ ڇئي آهي، اها بہ تحقيق جوڳي آهي، پر جيئن تہ دادو ديال هڪڙو مشهور شاعر هو ۽ سندس ڪلام بہ چڱو خاص عام هو تنهن ڪري ان جي ڪلام ۾ بہ ملاوٽ ضرور ٿي هوندي. ان بابت اسان کي پهرين ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي هن راءِ کي بہ ڏسڻ کپي، هو لکي ٿو: ”جيئن تہ دادو ديال گهڻي ڪلام وارو ۽ گهڻي پِٽ وارو مشهور شاعر ۽ درويش ٿي گذريو، انهيءَ ڪري ٻين مشهور شاعرن وانگر سندس ڪلام ۾ پڻ پوءِ ٻيو ٻاهريون ڪلام گڏجي ويو. يعني تہ ڪائنس پوءِ ٻين سندس نالو وجهي، دوها، بيت، بلڪ سنڌي وايون سندس نالي سان هُلائي ڇڏيون.“(12)

ڊاڪٽر بلوچ جي ان راءِ کان پوءِ اهو معلوم ٿي ويو تہ دادو ديال جون ملندڙ وايون يقينن ٻاهرين ڪلام جي اثر هيٺ رهيون ۽ سندس نالي سان هُلايون ويون. جيئن اڄ ڪلهہ هر ڪلاسيڪل شاعر جي بيت کي شاهہ عبداللطيف جو بيت سمجهي ڪري پيش ڪيو وڃي ٿو. جنهن سان نہ صرف اها شاهہ عبداللطيف جي ڪلام ۾ ملاوٽ آهي، بلڪ ٻئي ڪنهن بہ ڪلاسيڪل شاعر جي ڪلام جو بہ نقصان آهي. ان بعد ڊاڪٽر بلوچ جهڙو محقق، جنهن لوڪ ۽ ڪلاسيڪل شاعريءَ تي گهڻو ڪم ڪيو آهي. ان جو موقف واضح آهي تہ اُهي وايون دادو ديال جو نالو استعمال ڪري، ان جي نالي سان منسوب ڪري هُلايون ويون آهن. تنهن هوندي بہ دادو ديال جون جيڪي وايون مليون آهن، انهن جي ٻولي بلڪل عام آهي، بيحد سادي ۽ عام فهم واري، جو اها ڪلاسيڪل دور واري محسوس نہ ٿي ٿئي. پر اهو رڳو ڊاڪٽر بلوچ جو نظريو ئي نہ آهي، ان باري ۾ ڊاڪٽر اسحاق سميجو (جيڪو پاڻ هڪ شاعر آهي) دادو ديال جي وائيءَ بابت هيري نڪر کي لکي ٿو تہ: ”وائيءَ جي ٻولي سادي ۽ عام فهم ۽ انداز بيان ايترو تہ ابلاغ جوڳو آهي، جو همعصر زماني جي ٿي لڳي. منجهس قديم ۽ ڪلاسيڪل شاعريءَ واري

خوشبو نہ آهي.“ (13) نہ صرف ايترو پر فني حوالي سان بہ دادوءَ ديال جون وايون ڪافيءَ جهڙيون محسوس ٿين ٿيون. جو سندن پيشڪش گائڪيءَ واري آهي، جنهن مان اهو معلوم ٿي چڪو آهي تہ ميون عنات ئي در حقيقت سُرن ۾ وائي جي صنف جو موجد ۽ باني آهي. نہ صرف ايترو پر ميون عنات ٻين صنفن جهڙوڪ: مولود ۽ مدح جي صنفن جو بہ موجد ۽ باني آهي.

**مولود جو مؤجد: ميون شاهہ عنات:**

ميين شاهہ عنات سنڌي اساسي شاعريءَ کي جيڪي بہ نوان رُخ ڏنا ۾ سنڌي شاعريءَ جا نوان قالب متعارف ڪرايا. انهن ۾ سِرفهرست رسالي جي ترتيب، سُرن لکڻ جي روايت، وائي، مدح ۽ مولود جهڙين صنفن کي شامل ڪري، هن شاعريءَ کي نوان گهاڙيٽا عطا ڪيا.

ميين شاهہ عنات مولود جي صنف جو موجد بہ سمجهيو وڃي ٿو ڇاڪاڻ تہ هن پنهنجي هڪ بيت ۾ ان لفظ ’مولود‘ جو استعمال ڪيو آهي. ان باري ۾ ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو: ”مولود جو لفظ پهريون پيرو ميين شاهہ عنات جي وائي ۾ ملي ٿو: ”ڇئو صلوات صدق سين، اي مولود مدام.“ (14)

پر اهو ممڪن نہ آهي تہ ”مولود“ لفظ جي استعمال جي ڪري صرف ان کي مولود جو باني سڏجي. ان جي لاءِ ضروري آهي تہ ڪو پختو ثبوت موجود هجي، جنهن مان اهو ثابت ٿي سگهي تہ واقعي ئي مولود جو پهريون موجود بہ ميون شاهہ عنات ئي آهي. ان باري ۾ ڊاڪٽر اسحاق سميجو لکي ٿو:

”ڪيترن ئي عالمن جي لکتن ۾ خانداني روايتن مان بہ ان ڳالهہ جي گواهي ملي ٿي تہ سنڌيءَ ۾ ’مولود‘ جي ابتدا پڻ ميين عنات ئي ڪئي آهي.“ (15)

ڊاڪٽر اسحاق سمجي جي مٿين راءِ موجب مختلف عالمن جي لکتن ۾ خانداني روايتن مان اها ڳالهہ ثابت آهي تہ ميون شاهہ عنات ئي اهو پهريون شاعر آهي، جنهن ”مولود“ صنف متعارف ڪرائي. جڏهن تہ لفظ ’مُولود‘ جو ذڪر ميون شاهہ عنات سُر پرڀات جي هڪڙي وائيءَ ۾ ڪري ٿو:

ڇئو صلوات صدق سِين، اِيُ مولودُ مدامَ!

(ميين شاهہ عناتُ رضويءَ جو رسالو: 2019ع: 71)

## نتيجو:

ميون شاھ عنات رضوي اهو پهريون سنڌي اَساسي شاعر آهي، جنهن جو مڪمل رسالو مليو آهي جيڪو ڪُل 22 سُرن تي مشتمل آهي. سندس رسالي ۾ انيڪ موضوع ۽ نين روايتن جي نشاندهي ملي ٿي. هي اهو پهريون اَساسي شاعر آهي، جنهن کي شاعريءَ ۾ 'سُرن' جو مؤجد سڏجي ٿو. جنهن پنهنجي رسالي ۾ 469 بيت ۽ 42 وايون سرودن وار لکيون. مطالعي مان اهو پڻ معلوم ٿيو آهي تہ ميون شاھ عنات رضوي ئي 'وائي' صنف جو موجد آهي. جڏهن تہ شاعريءَ جي مجموعي اڀياس بعد اها سُڌ پوي ٿي تہ هُن سنڌي شعر کي هڪ نئون انداز ۽ معياري لهجو عطا ڪيو آهي، ڇاڪاڻ تہ هن جي شعر ۾ نوان موضوع، نوان گهاڙيتا، نيون صنفون، نيون تشبيهون ۽ نوان استعارا ڪم آندل آهن. سندس شاعريءَ جي خاص انفراديت سندس مضمون ۽ موضوع جي تبديلي آهي. اڳ جيڪا بہ شاعريءَ رچي وئي تنهن ۾ قصا، داستانَ، واقعا، جنگيون، تصوف، توحيد، طريقت، شريعت، دين، اخلاقيات، نصيحتون ۽ هدايتون وغيره جهڙا موضوع شامل هئا، پر ميين شاھ عنات انهن سڀني کان منفرد انداز اپنايو. اهو ئي سبب هو جو ميين عنات جي ڪلام ۾ ۽ کانئس اڳ موجود شاعرن جي ڪلام ۾ هڪڙو واضح فرق نظر آيو جنهن ۾ موضوعاتي تبديلي، ٻوليءَ جي اثر انگيزي، پختگي ۽ رواني گهڻي پُر اثر هئي، جنهن ميين عنات جي شاعريءَ کي هڪ فڪري حيثيت ڏياري، تنهنڪري هو سنڌي اساسي شاعريءَ ۾ ڪيترين ئي نين روايتن جو باني سڏجي ٿو.

## حوالا:


1. بلوچ، نبي، بخش، خان، ڊاڪٽر، "ميين شاھ عنات جو ڪلام"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو 2010ع، ص: 5.
2. بلوچ، نبي، بخش، خان، ڊاڪٽر، "ميين شاھ عنات جو ڪلام"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو 2010ع، ص: 58.
3. بلوچ، نبي، بخش، خان، ڊاڪٽر، "ميين شاھ عنات جو ڪلام"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو 2010ع، ص: 57.

4. سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر، (مرتب) ”ڪلاسيڪل سنڌي شاعريءَ جو اهم رتن: مِيون شاهه عنات رضوي“، (هڪ اڀياس)، حضرت ميون شاهه عنات رضوي فائونڊيشن، 2019ع ص: 7.
5. سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر، (مرتب): ساڳيو ص: 9.
6. سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر، (مرتب): ساڳيو ص: 124.
7. سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر، (مرتب): ساڳيو ص: 140.
8. سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر، (مرتب): ساڳيو ص: 62.
9. سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر، (مرتب): ساڳيو ص: 11.
10. سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر، (مرتب): ساڳيو ص: 127.
11. سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر، (مرتب) ”پلي ڪئي پؤنرن (ميين شاهه عنات رضويءَ تي ٽيل پهرين ڪانفرنس جا مقالا)“، حضرت ميون شاهه عنات رضوي فائونڊيشن، 2021ع ص: 37.
12. بلوچ، نبي، بخش، خان، ڊاڪٽر، ”سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ“، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو 1999ع، ص: 296.
13. سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر، (مرتب) ”پلي ڪئي پؤنرن (ميين شاهه عنات رضويءَ تي ٽيل پهرين ڪانفرنس جا مقالا)“، 2021ع ص: 12.
14. بلوچ، نبي، بخش، خان، ڊاڪٽر، ”ميين شاهه عنات جو ڪلام“، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو 2010ع، ص: 63.
15. سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر، (مرتب) ”ڪلاسيڪل سنڌي شاعريءَ جو اهم رتن: مِيون شاهه عنات رضوي“، (هڪ اڀياس)، 2019ع ص: 11.

غلام سڪينہ ويسر

# آغا سليم سنڌي ادب جو رومانويت پسند ناول نگار
# “Agha Saleem: The Romanticist Novelist of Sindhi Literature.”

**Abstract:**

This research study evaluates the influence, depth, and distinctiveness of Romanticism within the fictional works of Agha Saleem, a distinguished figure in Sindhi literature.

The core of this research provides a comprehensive analysis of three novels: Agha Saleem’s Roshni-a ji Talash (The Search for Light), the historical masterpiece Ondahi Dharti Roshan Hath (Dark Land, Radiant Hands), and Hama Oost, a novel centered on the romanticism of Sufism and patriotism. In Ondahi Dharti Roshan Hath, the study examines historical continuity, symbolism, and the romantic ideals of nationalism and human liberty through iconic characters such as Sarang and Sindhu.

The findings indicate that for Agha Saleem, Romanticism is not merely an aesthetic trend but a philosophical lens for perceiving existence. He elevates the Sindhi novel to new aesthetic heights. In this paper it is proved with references that Agha Saleem is the most prominent and influential romantic novelist in the history of Sindhi literature.

***Keywords:*** Agha Saleem, Sindhi Novel, Romanticism, Ondahi Dharti Roshan Hath, Sarang & Sindhu, Historical Fiction, Aesthetics, Socio-Political Rebellion.

## رومانويت ڇا آهي

زندگي ۽ زندگيءَ جي معاملن کي پرکڻ لاءِ ڪيترائي معيار مقرر ٿيل آهن، انهن مان رومانويت بہ هڪ آهي. رومانويت جي تحريڪ جي دانشورانہ رخن جي ابتدا 18 هين صدي کان ٿي ۽ 19 هين صدي جي آخر تائين هلي. هن تحريڪ مغربي تهذيب ۾ ادب، فن، مصوري، موسيقي، فن تعمير، تنقيدنگاري ۽ تاريخ نگاري جي ڪيترن ئي شعبن مٿان پنهنجا نمايان اثر ڇڏيا. ادب ۽ فن جي حوالي سان رومانويت جي ڪا بہ هڪ معنيٰ نہ آهي پر هن کي ڪيترن ئي

مفهومن ۾ استعمال ڪري سگهجي ٿو. جذباتي، تخيلاتي، انفرادي، وجوديتي، متضاد، مبهم خيالن، فڪرن ۽ حساس روين کي رومانويت سڏي سگهجي ٿو.

رومانويت تخيلاتي آزاديءَ جو اهم جز آهي. عشق، محبت جي جذبن کان وٺي مافوق الفطرت عنصرن جي سحر انگيز بيانن تائين ڪيترن ئي اڻ ڳڻيل ڪيفيتن ۽ جذبن کي رومانويت چئي سگهجي ٿو. رومانويت پسند هر قسم جي پابندين جا انڪاري آهن. سندن زندگي گذارڻ جا لاڙا ۽ اخلاقي قدر منفرد آهن. هو جذبن کي شدت سان محسوس ڪن ٿا. سندن رويا حساس، دل ميڻ ۽ احساس شديد آهن.

رومانويت غلامي ۽ پابندي  کي ختم ڪري آزاديءَ سان جيئڻ جو نالو آهي. بغاوت ۽ انقلاب هن جي روح جو حصو آهن. رومانويت سماج جي فرسوده، دقيانوسي جمود جو شڪار ٿيل نظام خلاف انقلابي رويو ۽ آزاديءَ جو اعلان نامو آهي. هي تحريڪ ڪلاسيت جي رد عمل ۾ پيدا ٿي هئي ۽ تاريخ گواهہ آهي تہ رد عمل هميشہ شديد هوندو ۽ ان ۾ ڪو توازن ناهي هوندو. رومانويت پسند اديبن وٽ ميانہ رويءَ لاءِ ڪا گنجائش نہ آهي، هو نئون نظريہ حيات چاهين ٿا.

فڪري حوالي سان رومانويت هڪ ذهني ڪيفيت يا لاڙو آهي، جيڪا باطني تجربن جي مدد سان فرد اندر جي وجوديت ۽ انفراديت جي جذبن کي اڀاري ٿي. رومانويت پسند اديب ۽ فنڪار جذبن ۽ تصورن جي مدد سان ڪائنات جي نقشبندي ڪن ٿا. هو بي زررُ ۽ اکين کان اوجهل شين ۽ روين کي دريافت ڪري، صداقت کي وجدان جي پيمانن تي تورين ٿا. هو پنهنجي داخلي قوت سان نامعلوم کي دريافت ڪري نئون جهان تخليق ڪرڻ جي سگهہ رکن ٿا.

ادب لاءِ رومانويت اهم جز آهي، جيڪا احساسن، جذبن، تصورن جي دنيا، فرد جي آزادي، سندس فطرت پرستي، تصوراتي، تخيلاتي، انفرادي ۽ داخلي دنيا کي اجاگر ڪري ٿي.

مشرق جون ادبي روايتون اڳ ئي جذباتي روين، تخيلاتي رجحانن، حسن ۽ عشق جي طلسم سان ڀرپور هيون. پر مغربي رومانويت جي تحريڪ جي اثرن جي آمد سان انهن جذبن کي نئون انداز نئون اظهار ۽ نئين فڪري گهرائي ملي.

مشرق ۾ رومانويت جي تحريڪ جا ابتدا ۾ اثر اردو، فارسي، ۽ هندي ادب تي ٿيا. جلد ئي رومانويت ادب ۾ تصورن، حساسيت ۽ وجودي فڪر کي ادب جو

مرڪز بڻائي ڇڏيو. هتي رومانويت روايتي قاعدن، اصلاحن ۽ درباري ادب جي مخالفت ڪئي، جنهن سبب مشرقي ادب ۾ به نوان اسلوب، نوان موضوع، ۽ تجربا متعارف ٿيا.

## رومانويت ۽ ناول

رومانويت جي تحريڪ ٻين اهم ادبي صنفن وانگر ناول کي جذباتي، ذاتي، ۽ جمالياتي رخ ڏنو جيڪو بعد ۾ ڪيترين ئي ادبي تحريڪن جهڙوڪ Realism، Existentialism، ۽ Modernism لاءِ بنياد بڻيو. مشرق جي ناولن به مغرب جي تحريڪ جي اثر تحت ڪردارن جي اندروني احساسن، درد، محبت ۽ سڪ کي وڏيڪ شدت سان پيش ڪيو. رومانويت جو ٻيو وڏو اثر ناولن جي زبان ۽ منظرنگاري تي پيو. فصاحت، بلاغت ۽ تخيل سان ڀرپور بيان ناولن جو حصو بڻجي ويا.

سنڌي ناول جي شروعاتي دور ۾ رومانويت بنيادي طور تي قصن ڪهاڻين، روايتي عشق، سياسي سماجي ۽ مثالي ڪردارن جي طلسماتي دنيا تي مشتمل هئي. انهن ناولن ۾ سماج جي اصلاحي پهلوئن جيئن طبقاتي نظام، ڏاج ڏيڻ جي رسم، اولاد جي تربيت، عورتن جي تعليم ۽ غريب طبقي جي درد کي بيان ڪيو ويو هو.

سنڌي ناول جي ٻئي دور ۾ عشق محبت ۽ جذباتي وابستگي رومانويت جو بنيادي موضوع رهي. هاڻي عشق جو سفر صرف محبت جي ڪهاڻي نه، پر انساني احساسن ۽ سماجي تبديليءَ جو عڪس پيش ڪرڻ لڳو.

ڊاڪٽر غلام حسين پناڻ پنهنجي ٿيسز ۾ لکي ٿو ته: ”ناول جو هر جذبو جبل وانگر مستقل ۽ جٽادار هئڻ گهرجي، اهو تڏهن ئي سگهي ٿو جڏهن جذبا حقيقت تي مبني هوندا. جذبن تي تصور جو رنگ تڏهن خوبصورت معلوم ٿيندو، جڏهن انهيءَ جا نقش خوبصورت هوندا. تنهن ڪري ناول نگار لاءِ اهو ضروري هوندو آهي ته پنهنجي تخيل جي مدد سان ڪهاڻي ۾ بلند خيالي پيدا ڪري ۽ حقيقت نگاري کي تصور جو رنگ چاڙهي پوءِ پنهنجي جذبات کي ڪامياب بڻائڻ جي ڪوشش ڪري.“ (1)

## آغا سليم: رومانويت پسند ناول نگار

آزاديءَ کانپوءِ روشن خيالي ۽ ترقي پسندي واري دور ۾ جن ناول نگارن جديديت ۽ روايت کي گڏ ڪري رومانويت جي اسلوب تحت ناول لکيا. تن ۾ آغا سليم کي خاص مقام حاصل آهي. هوُ سنڌي ادب جي رومانويت پسند ناول نگارن جي صف ۾ سڀ کان اڳيان نظر اچي ٿو. هو نه صرف تاريخي واقعن جو سنڌاءُ ٻڌائي ٿو پر انهن سان لاڳاپيل احساسن، تاريخ جي درد، قوم جي استحصال جي يادگيرين کي محبت جي لازوال داستانن سان ڳنڍيو، فطرتي منظرن کي شاعراڻي انداز ۾ پيش ڪري ٿو. ڊاڪٽر انور فگار هڪڙي آغا سليم جي رومانويت واري اسلوب بابت پنهنجي مقالي ۾ لکيو آهي ته: ”آغا سليم صاحب جي وڏي خوبي رومانويت آهي، جنهن کان سواءِ هي فن کي بي معنيٰ، بي روح ۽ اڻپورو سمجهندو آهي. سندس ٻولي ۽ اسلوب تي هن جي روح جي رنگيني ۽ خوبصورتي جي ڇاپ لڳل آهي“. (2)

آغا سليم داخليت توڙي خارجيت جي احساس کي منفرد انداز ۾ بيان ڪري ٿو. تصوف، سماجيات، سياست، تاريخ جي تناظر ۾ لکيل ناول سندس گهڻ مطالعي جا عڪاس آهن. رومانويت جواحساس سندس روح ۾ رَليل آهي. هُو سونهن، سچائي، تهذيب ۽ اعليٰ انساني قدرن جو علمبردار آهي. هن کي انسان ۽ انسانيت ۾ يقين آهي. فڪري آزادي، سياسي، سماجي ۽ مذهبي برابري سندس منشور جو اهم حصو آهن. هڪ هنڌ مختيار احمد ملاح آغا صاحب بابت چئي ٿو ته: ”هن وٽ انقلاب جو تصور رومانوي آهي، هن جي آڏو رومانويت کان سواءِ سندس فن اڻ پورو آهي. هن چيو هو ته ”منهنجي ذهن ۾ انقلاب جو تصور ڳاڙها جهنڊا، لڙڪيل لاش، رت جون نديون ڪٽي اچڻ وارو ڪونهي. مون لاءِ انقلاب جو تصور پرين جي روپ ۾ اچي ٿو ۽ مان ان لاءِ ائين چوان ته منهنجو پرين ايندو، جنهن جي پيشاني پرهه جهڙي آهي. مون وٽ انقلاب جو اهڙو ئي رومانوي تصور آهي ۽ سچ ته مان رومانويت کان سواءِ لکڻ جو تصور به ڪري نٿو سگهان“. (3)

آغا سليم جي ناولن تي رومانويت،حب الوطني (سنڌيت) ويدانيت ۽ ماضي پرستي جا رنگ چٽيل آهن. سندس لکڻيون، تاريخي، تهذيبي، قومي، سماجي، عشقيه، فلسفيانه، روحانياتي ۽ وحدت الوجود جي نظرين جون عڪاس

آهن، انسانيت جي بهبود ۽ آزاديءَ جي نظرين ڪانسواءِ هن وٽ فرد جي داخليت، تنهائي، محرومين، اڻ تڻ، سڪ، شانتيءَ جي تلاش ۽ نئين صبح جي امنگ موجود آهي. هن جو فڪر قوم جي خودمختياري ۽ بقا ڪان ويندي فرد جي آزاديءَ بابت آهي. سندس ناولن ۾ شاعري، موسيقي، رقص ۽ رومانس جو احساس آهي.

قاضي خادم آغا سليم جي ناولن بابت لکيل مقالي ۾ چئي ٿو تہ:

”سندس لکڻين ۾ جيڪو شاعري، مصوري ۽ موسيقي جو هڪ گڏيل احساس سمايل آهي، اهو سنڌي ادب جي پڙهندڙن جي دلين تي هميشہ نقش رهندو.“ (4)

آغا سليم جي رومانويت پرسڪون ۽ رنگين آهي. هن جو انقلاب مانار ۽ سماجي پابندين کي ٽڪاري شعور جو ڏؤر آڻڻ چاهي ٿو. هو لازوال ابدي محبت جو قائل آهي ۽ محبت کي انساني معاشري جو سڀ کان اهم جز ٿو سمجهي. سندس آدرشي محبت جي جذبن سان جديد مهذب معاشرو جنم وٺي ٿو.

آغا سليم هڪ هنڌ هم اوست ۾ لکي ٿو تہ:

”آرسيون سڀ ڪوڙيون ڏيکاريندڙ آهن، سچي آرسي صرف بت تراش جي دل ٿيندي آهي، جنهن ۾ پونڌڙا اولڙو پٿر ۾ پيهي سندر روپ وٺندو آهي.“ (5)

آغا جي لکڻي اندازِ بيان يا اسلوبِ رومانويت جي سڀني عنصرن تي پورو لهي ٿو. لفظن جو وقتائتو استعمال، خيالن جي درست بياني ۽ فڪر جو پراثر اظهار آغا جي پختي رومانويت پسند ليکڪ هجڻ جو دليل آهي. سندس عبارت ۾ رواني ۽ رنگيني آهي. سندس ناولن ۾ غير سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي ڀرمار نہ آهي. جملن جو سٽاءُ بهترين ۽ ناولن ۾ ڪردارن کي واقعن جي لڙيءَ ۾ پوبو ويو آهي. آغا سليم جا ناول، اهڙي طلسماتي انداز سان اڳتي وڌن ٿا، جو پڙهندڙ کي مزو بہ اچي ٿو تاريخي واقعن جي حقيقت بہ کلي ٿي، وطن دوستيءَ جا جذبا پڻ اڀرن ٿا ۽ ناول جي مڪمل پلاٽ کي ڄاڻڻ جي جستجو بہ پيدا ٿئي ٿي. آغا صاحب جي ناولن جي هڪ ٻي خاصيت اها آهي تہ سندس ناولن جي پڄاڻي ڪانپوءِ بہ پڙهندڙ جي اندر تاريخي واقعن جي تحقيق جو جذبو اُڀري ٿو. هو پنهنجي

ناولن ۾ ماضي جي يادن، وسريل لمحن ۽ سنڌ جي ثقافتي ورثي سان گهاٽو لاڳاپو ڏيکاري ٿو.

آغا سليم جا ڪردار نفيس ۽ مثبت سوچ وارا آهن. مصنف جا خيال رومانوي ۽ رجحان بغاوتي آهن. هو رسمن، رواجن، اصولن، مذهبن ۽ قانونن جو باغي آهي. آغا سليم جا ڪردار آدرشي انسان، اعليٰ انساني قدرن جا رکوالا آهن. هو محبت، امن، فن، فڪر، علم ۽ جدوجهد جي علامت آهي. منظرنگاري، علامت نگاري، حساس خيال، حسن پرستي، فطرت پرستي، داخليت، بغاوت، تبديليءَ جي خواهش، عشق، رومانس جو مڪمل پيڪر آهن.

همه اوست جو سارنگ خود غرض، مطلبي، مفاد پرست هجڻ سان گڏ سچائي، فڪر، جستجو ۽ حق جي تلاش جي علامت آهي. جڏهن ته اونداهي ڌرتي روشن هٿ جو سارنگ ڪلا، فن، حب الوطني، ويدانيت، روحانيت، عقل،حوصلي، عشق، آرزوئن ۽ احساسن سان ڀرپور ڪردار آهي. آغا سليم جي سنڌو هڪ معصوم، سچي، حسين ۽ وفادار عورت جي صورت ۾ نظر اچي ٿي، جڏهن ته ماڻڪ ڪلاڪار، باغي، جستجو ڪندڙ پرتجسس ۽ رواداري جو علمبردار آهي. هڪ هنڌ مصنف ناول ۾ لکي ٿو ته:

”سهڻا اعمال ئي سنڌو آهن، شانتي آهن، تنهنجا گذريل اعمال تنهنجي موجوده زندگيءَ جو بنياد آهن ۽ تنهنجي موجوده زندگيءَ جي اعمالن تي مستقبل وجود وٺي ٿو. (6)

حساس خيالن جي ترجماني رومانويت جو مرڪزي نقطو هوندو آهي. آغا سليم جي ناولن جا انيڪ نئيا نئيا ڪردار نوان خيال، نئين سوچ، نوان تصور کڻي اچن ٿا ۽ پنهنجي وجود جي وکر کي ظاهر ڪري ڪنهن خيال وانگر متجي وڃن ٿا. اڪثر اهڙا ڪردار انفرادي آزادي، داخلي ڪشمڪش ۽ سماجي قيدن کان نجات جا حامي، آزاديءَ جا متلاشي، ۽ وجوديت جي جنگ جا شڪار هوندا آهن.

آغا جي ناولن جي عورت ڏاڍي حسين باڪردار، پختي ذهن واري، روايتن ۽ رسمن جي پاسدار ۽ حق جو ساٿ ڏيڻ واري آهي. آغا سليم جي ناولن ۾ عشق صرف هڪ جسماني تعلق نه آهي، پر اهو هڪ روحاني ۽ مثالي وابستگي آهي.

سندس ڪردارن جي محبت قرباني، حساسيت ۽ درد سان ڀرپور آهي، جيڪا ڪيس هڪ حقيقي رومانويت پسند بڻائي ٿي.

آغا جي ناولن ۾ ورلي ڪو عورت ڪردار ناڪاره روين وارو ملي ٿو. هن وٽ عورت جي تصور ۾ سنڌو ديوي آهي، مها پوڄارڻ آهي، مارئي ۽ گوپي وفادار زال ۽ سچي عاشق آهي. هڪ هنڌ سنڌو جي حسن جي تعريف ڪندي اونداهي ڌرتي روشن هٿ ۾ لکي ٿو ته:

سارنگ مَڌ پي سرندو ڇيڙيو ۽ هوءَ نچڻ لڳي. اج ديوتا سوم رس پي نئين سر ڪائنات جي تخليق ڪري رهيا هئا. جنهن ۾ ڏک نه هو ڪو پاپ نه هو ڪو پيچ نه هو ڪا ذات پات نه هئي، جنهن ۾ صرف سنڌو هئي، سرهاڻ هئي چانڊاڻ هئي، سڪ هئي سرندي جا سر هئا. نيرو نيرو آسمان هو ۽ انڊلٺ جا رنگ ئي رنگ هئا. (7)

فطرت پرستي رومانيت جو لازمي جز آهي. آغا سليم فطرتي منظرن کي صرف پسمنظر طور نه پر جذباتن جي عڪاسي لاءِ استعمال ڪري ٿو. آغا سليم جي ڪردارن جا اندروني جذبا، ذهني پيڙا، محبت کان محرومي سندس تخليقن کي رومانيت پسند بڻائين ٿيون. ”روشنيءَ جي تلاش“ آغا سليم جو پهريون ناول آهي، جيڪو 1964ع ۾ شايع ٿيو. ناول جا ڪردار سوچين ٿا ۽ بغاوت لاءِ آتا آهن. هو سماجي بيهڪ تي سوال ڪن ٿا. معاشري جي بدمستين ۽ بي خوف روانيءَ کي محسوس ڪن ٿا.

آغا سليم جي هن ناول جو ڪردار نعيم پنهنجي شهري زندگي جي مصنوعيت ۽ ماڻهن جي دل جي ويرانين جو ذڪر ڪري ٿو. ان کانسواءِ هن ناول ۾ عورت جي سماجي حيثيت، معاشي وسيلن، ارمانن ۽ معصوم خواهشن کي ڏيکاريو ويو آهي. مصنف هن ناول ۾ موت ۽ زندگيءَ جي جنگ کي ڏيکاريو آهي. ناول جي ٻولي، بيان، آساني سان سمجهه ۾ ايندڙ ۽ پرڪشش آهن. مصنف هڪ هنڌ لکي ٿو ته:

”اونداهيءَ ۾ سمنڊ انسان جي اندر جيان ٿو لڳي. هوائن جا جهوٽا شمیم جي جسم کي ڇهي بدمست ٿي، شرابي جيان ٿڙندا اڳتي وڌي ٿي ويا“. (8)

ناول 'اونداهي ڏرتي روشن هٿ' آغا سليم جو تاريخي تهذيبي، فلسفياڻو ۽ رومانوي ناول آهي. هن جا موضوع عشق، تصوف، حب الوطني، فطرت پرستي، حسن پرستي، حق جي تلاش ۽ مذهبي ۽ سماجي بيهڪ خلاف بغاوت آهي. هي ناول سنڌ جي تاريخ جي مختلف دؤرن جو عڪاس آهي. آغا سليم سارنگ ۽ سنڌو کي سنڌ جي تاريخ جو مسافر بڻائي ڇڏيو آهي.

قومپرستيءَ جي جذبي سان سرشار هي ناول عشقيه جذبن جو پڻ اظهار آهي. آغا سليم جي پيشڪش، ٻولي، اندازِ بيان، واقعن جي رواني ۽ پلاٽ تي پڪڙ هن ناول کي پڙهندڙ سان جوڙي ٿي رکي.

هن ناول جو پلاٽ سنڌ جي تاريخ، تصوف ۽ حق جي راهه جي تلاش تي بيٺل آهي.

ناول جي پيشڪش، منظرڪشي، جذبن جي بياني، ڪردار نگاري، اسلوب، طلسماتي، تصوراتي ۽ تخيلاتي آهن. وطن پرستي، تصوف، تاريخ، رواداري، فلسفي ۽ جدوجهد کي هڪ ئي پلاٽ ۾ گڏ هلائڻ آغا سليم جو هنر آهي. هڪ هنڌ مصنف لکي ٿو ته:

"اوچتو چير جو چمڪو ٿيو ڄڻ ڪنهن سياڻي جي سوچ ۾ سوجهرو آيو ڄڻ ڪنهن ڪويءَ جي دل ۾ ڪويتا ڪر موڙيا، ڄڻ ڪنهن سنگتراش جي دل ۾ مورتي لٿي." (9)

آغا سليم جا ناول سنڌ اندر ظلم ۽ جبر جي دؤر ۾ لکيل آهن. هن ڏرتيءَ جي عاشق بابت ممتاز بخاري سنڌي ناول جي سفر ۾ لکي ٿو ته:

"آمريتي دور ۾ 1978ع ۾ Stream of Consciousness ۾ لکيل آغا سليم جو ناول اونداهي ڏرتي روشن هٿ ثابت ڪيو ته سنڌ ۾ هاڻي ناول هلي پيو آهي." (10)

آغا سليم کي رڳو ناول نگار نه، پر هڪ رومانويت پسند فنڪار به چئي سگهجي ٿو جنهن ادب ۾ جذبات، احساس، فطرت، عشق ۽ انساني درد کي بنيادي حيثيت ڏني. سندس انداز ۾ جماليات (Aestheticism) ۽ شاعراڻو رنگ به آهي، جيڪو سندس ناولن کي محض بياني نه، پر تخليقي فن بڻائي ٿو.

## نتيجا:

رومانويت صرف عشقيہ داستانن جو نالو ناهي، پر هيءَ هڪ اهڙي فڪري ۽ ذهني ڪيفيت آهي، جيڪا ڪلاسيڪي پابندين کي ٽڪاري، انفرادي آزادي، تخيل جي اڏام ۽ داخلي جذبن کي اهميت ڏئي ٿي. هيءَ تحريڪ جمود جي خلاف بغاوت ۽ انقلاب جو روح رکي ٿي.

سنڌي ناول جي شروعات اصلاحي ۽ سماجي مقصدن سان ٿي، پر اڳتي هلي هن ۾ رومانويت جو رنگ شامل ٿيو جنهن سان ناول ۾ ڪردارن جي اندروني درد، نفسياتي ڪيفيتن ۽ منظرنگاريءَ ۾ شاعراڻي خوبصورتي پيدا ٿي.

آغا سليم سنڌي ادب جو سڀ کان وڏو رومانويت پسند ناول نگار آهي. هن وٽ انقلاب جو تصور بہ رومانوي آهي. هو تاريخي واقعن کي رڳو معلومات طور نہ، پر قومي درد، حب الوطني (سنڌيت) ۽ تصوف جي رنگن ۾ رڱي پيش ڪري ٿو. آغا سليم جا ناول (جهڙوڪ اونداهي ڌرتي روشن هٿ ۽ روشنيءَ جي تلاش) شاعراڻي ٻولي، موسيقي، ۽ فن سان ڀرپور آهن. سندس ڪردار (سارنگ، سنڌو، ماڻڪ) آدرشي آهن، جيڪي سچائي، حسن، ۽ انساني قدرن جي ڳولا ۾ رهن ٿا.

آغا سليم جي رومانويت ۾ فطرت پرستي ۽ وجوديت جا عنصر نمايان آهن. هو عورت کي هڪ مقدس ۽ باڪردار روپ ۾ پيش ڪري ٿو ۽ محبت کي روحاني معراج سمجهي ٿو.

آغا سليم رومانويت کي هڪ فن طور استعمال ڪندي، سنڌي ناول کي تاريخ، تهذيب ۽ داخلي احساسن سان جوڙي، ان کي عالمي معيار جي جمالياتي پرک عطا ڪئي آهي.

## حوالا:


1. پناڻ، غلام حسين، "سنڌي ناول جي ابتدا ۽ اوسر"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ص 127، 1982ع.
2. هڪڙو انور فگار: "آغا سليم: شخصيت ۽ فن"، سنڌي ادبي بورڊ، 2019ع.
3. ملاح، مختيار احمد، "سنڌي ناول جي مختصر تاريخ"، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، ص245، 2012ع.
4. خادم، قاضي، "۽ پوءِ وري آغا جو فون نہ آيو"، سارنگا، حيدرآباد، ص 12، 16_2015ع.

5. سليم، آغا، ”ٻہ ناول“، نيو فيلڊس، ٽنڊو ولي محمد، ص23، 1997ع.
6. سليم، آغا، ”ٻہ ناول“، نيو فيلڊس، ٽنڊو ولي محمد، ص98، 1997ع.
7. سليم، آغا، ص48، 1997ع، ٻہ ناول، نيو فيلڊس، ٽنڊو ولي محمد، ص 20، 1997ع.
8. سليم، آغا، ”ٻہ ناول“، نيو فيلڊس، ٽنڊو ولي محمد، ص 20، 1997ع.
9. سليم، آغا، ”ٻہ ناول“، نيو فيلڊس، ٽنڊو ولي محمد، ص22، 1997ع.
10. بخاري، ممتاز، ”سنڌي ناول جو سفر“، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، ص51، 2020ع.

شائستہ اختر قريشي

# سر مارئيءَ ۾ وطن جي محبت: تحقيقي جائزو
# Love of Motherland in Sur Marue: A Research Analysis

**Abstract:**

Marue was a daughter of poor shepherd named Palini and Maduee. Umar captured Marue and kept her in Umarkot. Umar Soomro praised her beauty, professed deep love, promised to make her his Queen, but all the allurements of good–luxurious clothes, food, status and all luxuries failed to shake her.

She entreated Umar to free her so that she may return to her native place Malir. She further told Umar that when she would die in his captivity her body should be sent to her people so that she may be buried in her native soil. Witnessing Marui's love for motherland Umar became compel to free her and he allowed Marue to go to her parents.

Sur Marue is symbolically accepted as the manifesto of the motherland love. Marue is the metaphor of the soil love. Marue due to her unconditional love and affection with motherland became the great metaphor of patriotism.

I have tried my best to explain the character of Marue and her love for motherland.

***Key words:*** Marue, Umer, Motherland Love, nature, Relatives, Customs.

شاهہ لطيف ڀٽائي رح پنهنجي ڪلام ۾ عورت جي ڪردار کي جهڙي طرح سان بيان ڪيو آهي، شايد ئي اهڙو مثال ملي. شاهہ سائينءَ جي ستن سورمين ۾ مارئيءَ جو هڪ اعليٰ مقام آهي. هن تحقيقي مقالي ۾ شاهہ سائينءَ جي سورمي مارئيءَ جي پنهنجي ڏيهہ سان ۽ اباڻن پکن سان جيڪا محبت آهي، ان بابت تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي.

مارئي سنڌ جي هڪ بهادر عورت آهي. مارئي ڪنهن اسڪول ڪاليج يا يونيورسٽيءَ جي پڙهيل ڪانہ هئي پر ٿر جي ڀالوا علائقي جي غيرت مند عورت هئي، جنهن کي سماج جي ريتن رسمن جي پوري ڄاڻ نہ هئي. هي پنهنجي ڪردار ۾ وڏي شخصيت ۽ بلند حوصلو رکندڙ بهادر عورت هجڻ سان گڏ مارن سان محبت جو مثالي ڪردار آهي، جنهن کي اڄ بہ دنيا ۾ حب الوطنيءَ جي علامت طور سڃاتو وڃي ٿو.

- **مارئيءَ جو تعارف ۽ ڪردار:**

مارئيءَ جي ذات بابت ڪيترائي مختلف حوالا ملن ٿا. ڪن جو خيال آهي تہ مارئي ذات جي ماڙيچي آهي، ان راءِ تي ڪافي محقق متفق آهن. ڪجھ شاعرن جي ڪلام ۾ بہ ان جي تصديق ٿي آهي. شاهہ لطيفؒ پنهنجي ڪلام جي هڪ بيت ۾ مارئيءَ لاءِ فرمائي ٿو تہ:

سر تين سنجڻ ڇَڏيو سُتين ڳالھ سُئي،
ماڙيچي ماڙئين ۾، ڪڏهن ڪانہ هُئي،
عُمر! آن نہ مُئي، اِنَ اوپالِئان آڳهين. [1]

مارئيءَ جي ذات بابت ان کان وڌيڪ تصديق لاءِ ڪنهن ٻئي حوالي جي ضرورت نہ آهي. پر پوءِ بہ ان ڳالھ جي پڪ ڪرڻ لاءِ ٻين محققن جا حوالا ڏسون ٿا تہ اهي ان ڳالھ بابت ڪهڙي راءِ رکن ٿا. پريتم پياسي جي راءِ آهي تہ: "موهن جي دڙي واري سپيتا ۾ پڻ اهو ئي ڏيکاريو ويو آهي تہ سنڌ جا قديم رهواسي بدن ۾ مضبوط ۽ رنگ جا ڪارا هوندا هئا. دراوڙي قوم جي هن مخصوص انداز کي سامهون رکي شاهہ عنايت مارئي جي محبوب لاءِ ڪيڏو نہ صحيح چيو آهي تہ:

"مُنهن، ماڙِيچُو مِنڙو، سڪيو سمرو ڪنرءِ ڪارو"

اَڄ بہ ڪو ميگهواڙ اتر سنڌ ويندو تہ ان کي ميگهواڙ جي بدران "ماڙيچو" سڏيندا آهن". [2]

عمر مارئيءَ جو قصو ساڻيهَہ سان سِڪَ جو درس ڏي ٿو. مارئي هڪ غريب ڇوڪري هوندي، پنهنجي وطن سان محبت، مارن ۽ ماٽن جي پيار جي اڳيان بادشاهہ جون آڇيل آسائشون بہ نٿي قبولي. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لکيو آهي تہ، "جهوپڙن ۾ رهندڙ مارن ۽ جهانگين جي ڏکي مگر آجي ۽ محبت ڀري رهڻي ڪهڻي، شهرن ۽ ماڙين ۾ رهندڙن جي سکَ ۽ عِيشَ واري مگر پابند زندگي تي فوقيت جو داستان آهي؛ هي سنڌ جي غريبن جي اشرافت ۽ خودداري جو داستان آهي. بلڪہ سنڌ جي اعليٰ سماجي قدرن جو آئينو آهي، جنهن ڪري صدين کان سنڌ ۾ هنڌين ماڳين مشهور ۽ مقبول رهيو آهي." [3]

اڳاٽن شاعرن جهڙوڪ ميين شاهہ عنايت، شاهہ عبداللطيف ۽ خليفي نبي بخش جي بيتن مان عمر مارئيءَ جي قصي بابت جيڪي بيت، وايون ۽ انهن ۾ موجود اهڃاڻ ملن ٿا، تن مان ثابت ٿئي ٿو تہ مارئي جا ماٽ مارو، اصل ۾ ٿر يعني ملير جا رهاڪو هئا ۽ عمر سومرو، عمر ڪوٽ جو بادشاهہ هو.

مارئي تمام حَسِين ۽ خوبصورت هئي، عمر سومرو سندس سونهن جي ساراهہ ٻڌي ملير ويو ۽ مارئيءَ کي کوهہ تان کڻي عمرڪوٽ ۾ آيو. مارئيءَ کي هار سينگار، ويس وڳن ۽ محلاتن جي لالچ ڏئي شادي ڪرڻ لاءِ راضي ٿيڻ لاءِ چيائين، پر مارئي اڳئي پنهنجي سوٽ کيت سان منگيل هئي، تنهن شادي کان انڪار ڪيو ۽ عمر بادشاهہ کي عرض ڪيو تہ کيس وطن واپس وڃڻ جي اجازت ڏئي. عمر هر روز مارئيءَ کي شاديءَ جي آڇ موڪلي پر مارئي ڪابہ آڇ قبول نہ ڪئي ۽ آخرڪار عمر کيس وطن وڃڻ جي موڪل ڏنيءِ هوءَ پنهنجي وطن هلي وئي.

- **وطن سان محبت:**

جنهن ڌرتيءَ تي انسان پيدا ٿئي ٿو نپنيو ۽ وڏو ٿيو اُن ڌرتيءَ سان آخر تائين انسان کي محبت رهي ٿي. وطن سان پيار انسان جو فطري جذبو آهي. وطن سان محبت کي انگريزيءَ ۾ پيٽروٽزم سڏجي ٿو. انسائيڪلوپيڊيا برٽينيڪا ۾ آهي تہ:

"Patriotism, feeling of attachment and commitment to a country, nation, or political community. Patriotism (love of country) and nationalism (loyalty to one's nation) are often taken to be synonymous, yet patriotism has its origins some 2,000 years prior to the rise of nationalism in the 19th century". (4)

وطن سان پيار جي احساس کي وطن دوستي سڏجي ٿو. وطن دوستيءَ لاءِ ڪتب ايندڙ لفظ "پيٽروٽزم" اصل ۾ يوناني لفظ پيٽرس مان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "پيءَ جو ملڪ". وطن دوستي بنيادي طور تي وطن سان محبت جو فلسفو آهي. وطن دوستيءَ ۾ انسان پنهنجي ڌرتي، مٽي ۽ ماڻهن سان تمام گهڻو پيار ڪندو آهي. هو پنهنجي ڌرتي ۽ قوم کي پنهنجو سڀ ڪجهہ سمجهندو آهي. بلڪ پنهنجي وطن تي وسندڙ قوم کي پنهنجي خاندان وانگر ڏسندو آهي ۽ وطن کي پنهنجي گهر وانگر ئي ڏسندو آهي. جارجين ليکڪا لکي ٿي تہ،

"My nation is my family. And family is the basis of my inner being, the solid ground on which I stand … If family breaks from the inside, it leads to complete destruction…I have a mission …Once, when my nation,family, needs me I must be there." (**Tamuna: 2009)**

يعني "منهنجي قوم منهنجو خاندان آهي ۽ خاندان منهنجي اندروني وجود جو بنياد آهي، اها مضبوط زمين آهي، جنهن تي مان بيٺو آهيان... جيڪڏهن خاندان اندر کان ٽٽي پوي تہ اهو مڪمل تباهي ڏانهن وٺي وڃي ٿو...

منهنجو هڪ مشن آهي. هڪ دفعو جڏهن منهنجي قوم، منهنجي خاندان کي منهنجي ضرورت هجي تہ آءٌ اتي پهچان.“ مطلب تہ وطن دوستي اهو جذبو آهي، جنهن تحت ماڻهو پنهنجي وطن کي پنهنجو گهر ۽ وطن واسين کي پنهنجو خاندان سمجهي ٿو. نتيجي طور ماڻهو پنهنجي وطن سان پيار ڪري ٿو. اٿينفورڊ وارا وطن دوستيءَ جي وصف هن طرح لکن ٿا:

The standard dictionary definition reads "love of one'scountry ".

This captures the core meaning of the term in ordinary use; but it might well be thought too thin and in need of fleshing out. In the first philosophical book_length study of the subject, Stephen Nathanson (1993, 34_35) defines patriotism as involving:

1. Special affection for one's own country
2. A sense of personal identification with the country
3. Special concern for the well_being the country
4. Willingness to sacrifice to promote the country's good (5)

يعني هڪ معياري لغت وطن دوستيءَ جي وصف هن طرح لکي ٿي ”هڪ ماڻهوءَ جي پنهنجي ملڪ سان محبت“، عام طور تي تہ هيءَ وطن دوستيءَ جي سادي ۽ بنيادي معنيٰ تي سگهي ٿي پر گهڻي ويچار کان پوءِ هڪ گهرائي موجود ملندي. اسٽيفن ناٿس (1993، 34_33) حب الوطنيءَ جي تعريف هن طرح ڪري ٿو:

- پنهنجي ملڪ لاءِ خاص پيار.
- ملڪ سان ذاتي سڃاڻپ جو احساس.
- ملڪ جي ڀلائيءَ لاءِ خاص ڌيان ڏيڻ.
- ملڪ جي ڀلائيءَ لاءِ قرباني ڏيڻ لاءِ تيار رهڻ.

وطن دوستيءَ جا اهي چار اهم ضروري جزا آهن تہ ملڪ يعني وطن سان پيار ڪجي، وطن سان پنهنجي شناخت کي جوڙي رکجي، ان جي ڀلي لاءِ ڪوشش ڪجي.

- **مارئيءَ جي وطن سان محبت:**

مارئيءَ جو بہ پنهنجي وطن ۽ وطن واسين سان اهڙو ئي پيار آهي. عمر بادشاهہ جي قيد ۾ پنهنجي مارن کي ياد ڪندي چئي ٿي:

قَيدالماءِ ٿِيُوم، هِت آڙانگي گهاريان
هُناڪَ جسمي وَالفواد لَدَيڪم، هنئون هت سَندوم،

قادر شالَ ڳنڊوم، ميڙاڪو سين مارئين! [6]

مارئي چئي ٿي تہ مان ”هت نهايت ڏکيائيءَ ۾ ٿي ڏينهن گهاريان. منهنجو بت هت ۽ هنئون اوهان وٽ آهي“ شل ڏٽي سگهارو ماروئڙن سان منهنجو ميلاپ ڪرائيندو.

وطن جي محبت ايمان جو حصو آهي. ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ هر ذي شعور انسان کي ماتا ڀوميءَ سان جيءَ کي جوڙي رکڻ گهرجي، ان سان پيار جو پيچ پائڻ گهرجي. پنهنجي جنم ڀومي سان محبت ڪرڻ گهرجي. مارئي عمر جي محل، ماڙين، سون زيورن کي پنهنجي ڀَڪَن جي اڳيان ڪجهہ بہ اهميت نٿي ڏِي، عمر آڏو درد ڀري لهجي ۾ چئي ٿي، مارن جو اهو دستور نہ آهي جي لالچ تي پنهنجا سيڻ بدلائي ڇڏين آءٌ اهڙي ڪڏي روش اختيار نہ ڪنديس. منهنجي اباڻن پکن لاءِ جا محبت اٿم، سا محل جي ماڙيءَ سا هرگز نہ مٽينديس. نصرت حسين ابڙو مارئيءَ بابت لِکي ٿو تہ: ”مارئي ڪوٽن ۾ قابو رهي لوئي جي لڄ کي برقرار رکيو. عمر بادشاهہ جو هر حِيلو ۽ بهانو بي سود ۽ بيڪار ٿيو. مگر مارئي جي نظر ۾ مارن جي محبت اتم آهي. مارئي جو ايمان پختو ۽ ضمير بيدار آهي.“[7]

جئين لطيف سائين فرمايو تہ:

> ايءَ نہ مارُن ريت، جئن سيڻ مٽائن سُون تي،
> اچي عمر ڪوٽ ۾، ڳنديس ڪان ڳُريت،
> ڀَکَن جي پريت، ماڙينسين نہ مٽيان، [8]

هن بيت جي سمجهاڻيءَ ۾ ڊاڪٽر شير مهراڻي صاحب پنهنجي ڪتاب ”شاهہ لطيفؒ جي شاعريءَ ۾ جماليات“ ۾ لِکن ٿا تہ.

”اها سندس مارن جي ريت ئي ناهي تہ هو سون تي سيڻ مٽائين، ان ريت جي ڀَڃڪڙي هرگز نہ ڪنديس.“ [9]

عمر جون آسائشون مارئيءَ کي هرگز قبول نہ آهن، شاهي محل ۾ عمر بادشاهہ سان مخاطب ٿيندي چئي ٿي تہ اِي عمر سومرا! ازل کان منهنجو هنئون مارن سان اڙيل آهي، تنهنجي مليل قيد ۾ منهنجو روح هر گهڙي ماروئڙن کي ساري ٿو. شاعرن جي سرتاج حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ؒ ”شاهہ جو رسالو“ ۾ مارئيءَ بابت فرمايو تہ:

> جَڏهِن ’ڪُن فَيَڪُون، مَن تَڏهانڪوُن مارُئين;
> توُن ڪِئَن وِڄهين تن کي، سُومرا! شَڪون؟

هَمِيرَنِ هَڪون، جاڙَ جسي ڪي پاٽِيون![10]

مارئيءَ ڪي وطن سان محبت جي علامت چوَ نہ چئجي ڏيھہ ۾ ماروئڙن جي محبت جو ڏِيئو هر وقت دل ۾ ٻرندو رهي ٿو هن عمر بادشاھہ جي محل، ماڙين، زر زيورن، عيش عِشرتن کي قبول نہ ڪيو ٻر هوءَ محل ۾ منهن ڌوئڻ بہ مناسب نہ ٿي سمجهي، هر گهڙِي عمر بادشاھہ کي مخاطب ٿيندي چئي ٿي تہ مان ميري ئي صحيح آهيان، تنهنجي هن شاهي محل ۾ مان پنهنجو منهن ڌوئڻ بہ گناهہ ٿي سمجهان، متان منهنجا ماروئڙا سمجهن تہ مان محل ڏسي مارن کي وساريو.

مُنهن مُنهنجو سُومرا! مَر مِيروئِي هوءِ!
مَتان مارون چُوءِ، تہ ڌوتوءِ ڌوراڻَنِ ۾.[11]

مارئي ارادي جي پڪِي هئي، الله پاڪ تي توڪل ۽ ارادي جي مضبوطي مارئيءَ جي منزل آسان ڪئي. مارئي قيد ۾ هر پل ڏٽيءَ آڏو مارن سان ملڻ جي ئي دعا ڪئي.

اَلا! اِئن مَ هُوءِ، جِيئن آءٌ مَران بَندَ ۾!
جَسو زنجِيرنِ ۾، راتو ڏِينهان روءِ؛
پَهرِين وَجان لوءِ، پوءِ مَر پڃَرِ ڏِينهَنڙا![12]

- **"مَن تَڏهانڪون مارئين" جو روحاني پهلو:**

حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيؒ سر مارئيءَ ۾ روحاني راز آشڪار ڪيا آهن. مارئي چئي ٿي تہ منهنجو مَن ماروئڙن سان يعني پنهنجي اَصَل سان تڏهن کان اڙيل آهي، جڏهن کان اڃا هيَ ڪائنات بہ نہ جڙي هئي ۽ عالمِ ارواح ۾ الله تبارڪ وتعاليٰ سڀني روحَن کي گڏ ويهاري اهو وَچَن ورتو هو ۽ فرمايو هئائين تہ اَلست بِرَبکم ڇا مان توهان جو رب نہ آهيان؟ سڀني روحن جواب ڏنو هو تہ قَالُوا بَلٰي بيشڪ تون اسان جو رب آهين.

مارئي چئي ٿي تہ منهنجي سڄاڻ ان وقت کان آهي، حالانڪ ڪن فيڪون جي حڪم تحت هيءَ دنيا بہ نہ ٺهي هئي.

ڄَرَنِ ڄڻڪَن ڄِتَ ۾، وِسارِيان ڪِيئن وِري!
ڳنان عَهَد الستَ جي، ڪِ ٿِهائِين ٻَري؛
لم يَلِد وَلَم يولَدِ، مارئي ڪوھ ڪَري؟
اڄ ڪِ ڪالهَ مَري، ساري سانڀِيڙَنِ کي![13]

مارئي چئي ٿي تہ منهنجو مَن اَصل سان ائين جڙيل آهي، جو هو منهنجي من ۾ وسن پيا، منهنجا مارو مونکي سدائين ياد آهن انهن کي وساري نٿي سگهان.

چرَنِ چِٽڪَنِ چِتَ ۾، وِساريان، ڪِينَ وَرَنّ![14]

"لَيسَ ڪَمثلِه" شَيءُ، پَسَڻُ ناهِ پِرينِ!

پَڪا پَنوهارَنِ، نيئي اَڏِيا ناهِ ۾،

مارئي پنهنجي مارن سان محبت جو اظهار ڪندي بَظاهِر انهن کي سدا ياد رکڻ ۽ نہ وسارڻ جي ڳالهہ ڪري ٿي پر حقيقت ۾ روحاني طور تي هوءَ الله پاڪ سان انسان جي روح جي تعلق ۽ سڃاڻ بابت اشارو ڏيندي چوي ٿي تہ الله پاڪ جهڙي ڪابہ شيءِ نہ آهي اهو راز مٿي ڄاڻايل قرآني آيت جيڪا "سورت شوريٰ"مان ورتل آهي ان ۾ وضاحت سان بيان ٿيل آهي.

اُتان اُوٺي آيو خَبَر اَيَ ڪَرِي،

وِساريج م ورَ کي، پَئِج مَ منڌَ! مَرِي،

ويندِينءَ اُت وَرِي، ڳُوڙِينهُن آهِين ڪوٽَ ۾. (15)

مارئي چئي ٿي تہ خبر آڻيندڙ قاصد هيءَ خبر آندي آهي تہ پنهنجي اصل کي نہ وسار ۽ پاڻ کي سدائين ان جي ياد ۾ مصروف رک. روحاني طور تي اشارو ڏنل آهي تہ منهنجو من تڏهانکون مارن سان مليل آهي ۽ الله تعالي قرآن پاڪ ۾ فرمايو آهي تہ سدائين مونکي ياد رکو ڇو تہ هي دنيا ڇڏي ڪري توهان کي مون ڏي واپس اچڻو آهي ۽ دنيا ۾ ٿوري وقت آيا آهيو.

## نتيجو:

مطلب تہ مارئي هڪ اهڙي با هِمت، بُلند حوصلو رکندڙ عورت جو ڪردار آهي، جيڪو حب الوطني سان سرشار آهي. عمر سومري جي ڏنل آڇن جي باوجود هن جي دل ۾ ذرو برابر بہ لالچ پيدا نٿي ٿئي. مارئيءَ جي دل هر پل پنهنجا پڪا ۽ پنهوار ساري ٿي. شاهہ لطيف سر مارئيءَ ۾ مارئي جي ڪردار ۾ بانڌياڻي غريب ۽ نِستي هجڻ جي باوجود هر ان انساني قدر جو بچاءُ ڪيو آهي جيڪي ان وقت سنڌ جي عوام ۾ موجود هئا. سر مارئي وطن سان محبت، پيار، عشق ۽ مارن سان انسيت جي جذبي سان سرشار آهي. دنيا جي شاعريءَ ۾ اسان کي مارئيءَ جهڙو ڪردار نٿو ملي ۽ نہ ئي شاهہ سائينءَ جهڙو ڪو اهڙو شاعر ملي ٿو جنهن هڪ عام ڪردار کي اهڙي بهترين انداز ۾ پيش ڪيو هجي. سر مارئيءَ جي مطالعي

ڪرڻ ڪان پوءِ هر ذي شعور انسان جو وطن سان محبت جو جذبو وڌي ٿو. تحقيقي مقالي جي روحاني پهلو جو جائزو وٺندي اسان هن نتيجي تي پهتا آهيون تہ انسان کي پنهنجو اصل هميشہ ياد رکڻ گهرجي ۽ اهو ياد هئڻ گهرجي تہ انسان کي دنيا ۾ ڪجهہ وقت گذاري پنهنجي اصل وطن ڏانهن واپس ورڻو آهي.

## حوالا:


1. شهواڻي، غلام محمد، شاهہ جو رسالو سرمارئي، داستان 8، بيت 11، ص، 590
2. سنڌي، حميد، سر مارئي، مضمون، مارئي جو حسب نسب، پريتم پياسي، ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز 1990ع، ص 15.
3. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، عمر مارئي، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو 2020ع، ص 13.
4. https://www.britannica.com/topic/patriotism_sociology
5. https://plato.stanford.edu/entries/patriotism/#WhaPat
6. آڏواڻي، ڪلياڻ، شاهہ جو رسالو سر مارئي، داستان 1، بيت 4، ص 240
7. سنڌي، حميد، سر مارئي، مضمون، مارئيءَ جي حب الوطني، نصرت حسين ابڙو ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز 1990ع، ص 147
8. آڏواڻي، ڪلياڻ، شاهہ جو رسالو سر مارئي، داستان 3، بيت 8، ص 244
9. مهراڻي، شير، ڊاڪٽر، شاهہ لطيف رح جي شاعريءَ ۾ جماليات، ڇاپو پهريون، 2013، پيڪاڪ پرنٽرز ڪراچي، ڇپائيندڙ ثقافت کاتو سنڌ (9)
10. آڏواڻي، ڪلياڻ، شاهہ جو رسالو سر مارئي، داستان 1، بيت 2، ص239
11. شهواڻي، غلام محمد، شاهہ جو رسالو سنواريندڙ ممتاز مرزا، عبدالرحمان نقاش، سر مارئي، آبيات متفرق، ص 607
12. آڏواڻي، ڪلياڻ، شاهہ جو رسالو سر مارئي، داستان 6، بيت 5، ص 249
13. آڏواڻي، ڪلياڻ، شاهہ جو رسالو سر مارئي، داستان 8، بيت 1، ص 286
14. آڏواڻي، ڪلياڻ، شاهہ جو رسالو سر مارئي، داستان 8، بيت 3، ص 287
15. آڏواڻي، ڪلياڻ، شاهہ جو رسالو سر مارئي، داستان 10، بيت 2، ص291

منزه نظير

ڊاڪٽر انورالدين ڪاڪا

# ممتاز مرزا جي ڊرامي ”آخري رات“ جو تنقيدي جائزو

# The critical Analysis of Mumtaz Mirza’s Drama Aakhri Raat (The last Night)

## Abstract:

Mumtaz Mirza (1940-1997 by) is an immense figure of Sindhi literature. His services are accepted and valued in the fields of broadcasting, Sindhi short story writing, cultural activities, Drama writing and so on. Mumtaz Mirza was one of the writers, who does not merely write for writing but he wrote for the survival, so one can find his thoughts and feelings alive in his writings. He not only painted his inner self, in his creations, but he highlighted issues and miseries of the society in a very impressive way. He was a versatile fiction writer, Compare and a music lover. He not only shared boldly the issues of life and pleasures of words from the stage, but he set new trends of performance, whom many followed and successes.

In this research paper we have tried to excavate the philosophy of his well-known drama “Aakhri Raat” (The Last Night). In which Mirza has explored the history of Mohen Jo Daro. We have also tried to shine up the hidden sides and dimensions of this Drama i.e symbolically he calls Jotishi as a Time.

مشهور ڊراما نگار، محقق، ناول نگار ۽ افسانہ نگار ممتاز مرزا جو تعلق حيدرآباد جي مرزا خاندان سان هو. سمن جي آخري دور دوران مرزا سنڌ ۾ آيا، جيڪي پاڻ کي مرزا، مغل ۽ بيگ پڻ سڏائيندا هئا. توڙي جو تاريخ ۾ مغلن، ارغونن يا ترخانن سنڌ سان ڪي چڱايون ناهن ڪيون، پر پوءِ بہ سندن پيڙهين ۾ ڪي هاڪارا عالم پئدا ٿيا، جن مٽيءَ جو قرض نہ رڳو سڃاتو پر انهن پاڻ بہ موڪيو. مرزا قليچ بيگ، نادر بيگ مرزا، مرزا علي قلي بيگ، مرزا اعجاز بيگ،

ڊاڪٽر فائزه زهرا مرزا، نصير مرزا سميت ڪيترين ئي اهم شخصيتون آهن، جن حقيقت ۾ سنڌي علم ۽ ادب ۾ وڏو مقام ماڻيو آهي.

ممتاز مرزا جو تعلق پڻ ان خاندان سان آهي. سندس ولادت 29 نومبر 1940ع تي ٿي. سندس والد مرزا گل حسن بيگ ”احسن ڪربلائي“ پنهنجي دور جو وڏو عالم ۽ شاعر هو. ممتاز مرزا جو اصل نالو توصل حسن مرزا هو. هي پاڻ ۾ ڇهه ڀائر هئا ۽ ڪين ڇهه ڀينرون هيون. سندس ڀائرن ۾ ظفر حسن مرزا، نجم الحسن مرزا، اختر عباس مرزا، غضنفر عباس مرزا، سليم عباس مرزا شامل آهن. ممتاز مرزا جڏهن پنجن سالن جو ٿيو ته کيس اسڪول ۾ داخل ڪيو ويو. جنهن لاءِ سندس زندگي تي سهيڙيل ڪتاب، ”جي سهڻو پاڻ سڏائي ويا“ ۾ لکيل آهي ته:

”1945ع ڌاري سندس والد احسن ڪربلائي کيس آسودو مل پرائمري اسڪول ڦليلي واري ۾ داخل ڪرايو جتان هن چار درجا پاس ڪيا ۽ انگريزي تعليم لاءِ هن ڪجهه تعليم گورنمينٽ هاءِ اسڪول مان ورتي ۽ ڪُجهه تعليم نور محمد هاءِ اسڪُول مان ورتي.“ (1)

ممتاز مرزا لاءِ مشهور آهي ته ”ممتاز ننڍي هُوندي کان ئي ذهين هو. اهو ئي سبب هو جو جڏهن سندس والد لکڻ پڙهڻ جو ڪم ڪندو هو ته هي به ان کي غور سان پيو ڏسندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي والد صاحب کان انهيءَ بابت سوال به ڪندو هو ۽ پوءِ سندس والد کيس ٻُڌائيندو رهندو هو.“ (2)

ممتاز مرزا اجان پڙهي رهيو هو جو ”سندس شادي سندس پُڦيءَ جي نياڻي دختر مرزا مهر علي بيگ سان ٿي، جا سنڌ جي مشهور اديب مراد علي مرزا جي همشيره آهي.“ (3)

تعليم پوري ڪري هن ريڊيو پاڪستان ۾ نوڪري ڪئي ۽ پوءِ ڪجهه عرصو پيٽ شاهه تي ڪيوريٽر طور خدمتون سر انجام ڏنائين. جنهن لاءِ پاڻ لکيو اٿائون ته:

”مون 1970ع ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ڇڏيو. محترم حميد آخوند ۽ محترم الهه بخش سومري (تڏهن حيدرآباد جو ڊپٽي ڪمشنر هو) جي

محبت ۽ مهرباني سان، تڏهوڪي ڪمشنر حيدرآباد ۽ ثقافتي مرڪز جي چيئرمين محترم محمد يوسف، مون کي پٽ شاهه ثقافتي مرڪز جو مستقل ڪيوريٽر مقرر ڪيو.“ (4)

جنهن کان پوءِ پي ٽي ويءَ تي اسڪرپٽ ايڊيٽر ٿيو. پي ٽي وي تي نوڪري دوران هن ڪيترائي ڊراما لکيا.

1990ع دوران پي ٽي وي جي نوڪري ڇڏي، سنڌ حڪومت جي ثقافت کاتي ۾ ڊائريڪٽر جنرل مقرر ٿيو.

ممتاز مرزا صاحب ڪجهه وقت سنڌي لينگويج اٿارٽيءَ جو چيئرمين پڻ ٿيو جتي پڻ هن علمي ادبي اعتبار کان وڏو ڪم ڪيو. پاڻ 1997ع ۾ دل جي دوري پوڻ سبب حيدرآباد ۾ وفات ڪري ويو.

ممتاز مرزا لطيفيات، موسيقي، علم ادب توڙي ڊرامه نگاريءَ ۾ وڏو ڪم ڪيو. ڊرامو ادب جي ابتدائي صنف آهي. ڊرامي جي ابتدا يونان جي قديم دور کان ملي ٿي. ابتدائي ڊراما منظوم هوندا هئا، جن کي ”سانگ“ پڻ چيو ويندو هو. ٽريجڊي ۽ ڪاميڊي جي ابتدا پڻ ساڳي ئي آهي. ڊرامي ۾ گهڻو ڪري نيڪي ۽ بدي جي ٽڪراءَ کي ڏيکاريو ويجي ٿو. هتي اسان سندس مشهور ڊرامي ”آخري رات“ جو تنقيدي جائزو پيش ڪريون ٿا. جنهن ۾ پڻ نيڪي ۽ بديءَ جو ٽڪراءُ ڏيکاريل آهي.

ڊرامو آخري رات موهن جي دڙي بابت لکيل آهي. هيءُ ڊرامو يعني ”آخري رات“ 1964ع ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان نشر ٿيو ۽ تمام گهڻو مقبول ٿيو. هن ڊرامي جي ڪردارن ۾ نرتڪي، جوتشي، چندر، شوپا، پروهت، شهريار ۽ سلو شامل آهن. ڊرامي بابت ڪتاب جي مهاڳ ۾ لکيل آهي ته، ”ڊرامو ’آخري رات‘ ممتاز مرزا جي هڪ شاندار تخليق آهي. ان ڊرامي جو انگريزي ۽ اردو ۾ به ترجمو ٿيو آهي. موئن جي دڙي جي تباهي ڊرامي جو موضوع آهي.“ (5)

ڊرامو آخري رات نه رڳو سنڌ ۾ مشهور ٿيو بلڪ جيئن ته هيءُ ڊرامو بين ٻولين ۾ پڻ ترجمو ڪيو ويو جنهن کي عالمي سطح تي ايوارڊ پڻ مليو.

”ڊرامي ’آخري رات‘ کي ڪولمبيا براڊ ڪاسٽنگ طرفان ڪرايل عالمي ريڊيو ڊرامن جي مقابلي ۾ ٻيون نمبر قرار ڏنو ويو.“ (6)

ان ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ، ”ممتاز مرزا هن ڊرامي ۾ هڪ نئين زندگي ڏني، ٻڏندڙن کي وقت جي وهڪري ۾ تاريندو، پنج هزار سال اڳ جي موئن جي دڙي ۾ وٺي هلي ٿو جتي زندگي سموري رعنائيءَ ۽ رنگينيءَ سان پنهنجي جوڀن تي آهي.

دراصل ممتاز ڊرامي ۾ حقيقت نگاريءَ، تخيل ۽ فئنٽيسي (Fantasy) کي ملائي هڪ اهڙي فضا ٺاهي آهي، جنهن مان ان قديم تهذيب جا پراسرار ڪردار علامتون بڻجي اُڀرن ٿا. جوتشي وقت جي علامت آهي، جيڪو هميشہ قائم ۽ دائم ٿو رهي. نرتڪي سونهن ۽ سادگيءَ جي علامت آهي، مها پروهت بديءَ جي علامت ۽ چندر سچ جي راهہ جي پانڌيئڙي جي علامت آهي، جيڪو اڄ بہ شهريار جي روپ ۾ سچ جي ڳولا ۾ سرگردان آهي.“ (7)

ڊرامي جي مرڪزي ڪهاڻي شهريار نالي نوجوان جي کوجنا تي ٻڌل آهي، جيڪو سلو نالي هڪ نوڪر سان گڏجي موهن جي دڙي تي تحقيق ڪرڻ لاءِ وڃي ٿو. هو خيالن ئي خيالن ۾ کنڊرن جي تاريخ ۾ گم ٿي وڃي ٿو ۽ کيس ”جوتشي“ ملي ٿو جنهن کان هيءُ موهن جي دڙي بابت ڪجهہ پڇي ٿو جيڪو کيس موهن جي دڙي کي آباد ڏيکاري ٿو.

جوتشي هن ڊرامي ۾ وقت جي تمثيل آهي. جوتشي يعني وقت کيس آباد موهن جي دڙي ۾ وٺي وڃي ٿو. هو موهن جي دڙي ۾ مها پروهت جي پٽ چندر کي ڏسي ٿو. مها پروهت کي موجود پروهت مارائي چڏي ٿو ۽ پاڻ حڪومت تي قبضو ڪري ٿو. عام ماڻهن کي اهو ٻڌائي ٿو تہ اهو ديوتائن جو حڪم آهي. هو ايندڙ پرنماسي رات جي جشن ۾ چندر جي قرباني ڪرڻ گهري ٿو ۽ چئي ٿو تہ اها پڻ ديوتائن جي مرضي آهي. پر جوتشي نرتڪيءَ کي سڀ ڪجهہ ٻڌائي ٿو ۽ کيس چئي ٿو تہ پروهت مها پروهت جو بہ قتل ڪيو هو ۽ هاڻي ان جي وارث يعني هن بادشاهت جي اصل وارث چندر کي بہ مارائڻ گهري ٿو. جوتشي نرتڪيءَ کي چئي ٿو تہ اهو سچ رڳو هوءَ عام ماڻهن کي ٻڌائي

سگهي ٿي. ۽ آخر ان رات جو نرتڪي سينيءَ جي سامهون پروهت کي قصور وار ثابت ڪري ٿي. عين ان وقت حملو ٿئي ٿو ۽ ان ۾ سيٺي مارجي وڃن ٿا رڳو جوتشي يعني وقت بچي ٿو. ڊرامي بابت مراد علي مرزا پاڻ لکيو آهي تہ:

”ان جي ڪهاڻي جيتري سادي ۽ سڌي آهي، اوتري ئي ان جي نازڪ ۽ ڏکئي پلاٽ کي ممتاز مرزا ڏاڍي فنڪاريءَ سان نڀايو آهي.“ (8)

آخري رات ڊرامو موهن جي دڙي جي تاريخ آهي. حقيقت ۾ جڏهن تاريخ جا پيرا گم ٿي ويندا آهن، اتي فڪشن تاريخ جي رهنمائي ڪري ٿو. هن ڊرامي ۾ پڻ ايئن ئي ٿيو آهي.

فڪشن جي سهاري موهن جي دڙي جي تاريخ تي شايد هيءَ پهرين ڪوشش هئي. ان کان پوءِ آغا سليم پنهنجي ناول اونداهي ڌرتي روشن هٿ ۽ علي بابا ”موهن جو دڙو“ ناول ۾ تاريخ جا الجهيل پاسا سلجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مراد علي مرزا هيءَ ڊرامو لکڻ وقت موهن جي دڙي بابت تحقيق کي بہ پڙهيو هو تہ هن ذاتي طور بہ موهن جو دڙو ڪيئي ڀيرا ڏٺو هو. ممتاز مرزا قديم زماني کي ڊرامائي انداز ڏيڻ کان اڳي هن موضوع تي چڱو خاصو مطالعو ڪيو ۽ ”ڪيترا ئي ڀيرا موئن جي دڙي جو ذاتي مشاهدو ڪيو.“ (9)

”آخري رات“ ڊرامي جي ٻولي تمام گهڻي خوبصورت آهي. ممتاز مرزا جيئن تہ ٻوليءَ جو شاهہ ڪاريگر هو ان ڪري هن ڊرامي ۾ سندس ٻولي تمام گهڻي وڻندڙ آهي. ڪجهہ مثال هتي ڏجن ٿا.

”وقت جي سيني ۾ سوين داستان سمايل آهن. اُڀرندڙ سج ۽ لهندڙ سج _ اُڀرندڙ طاقت ۽ ختم ٿيندڙ طاقت _ زندگي ۽ موت _ بقا ۽ فنا...... ڪير پڇي وقت کان، جيڪو بادشاهہ آهي....... سڀ فنا ٿي ويندو، باقي وقت وڃي بچندو.“ (10)

ساڳي ئي ريت هن ڊرامي جا مڪالما پڻ تمام خوبصورت آهن. ”راڻي، هيءَ سچائيءَ جي سر زمين آهي. هن زمين جي مٽيءَ ۾ پريت ۽ پيار جا گل ٽڙندا آهن. هتي جو پاڻي ڪاوڙ ۽ ڪروڌ جي سمورن خيالن کي ختم ڪري ڇڏيندو آهي.“ (11)

ڊرامو آخري رات سنڌ جي تاريخ جو ابتدائي اهڃاڻ آهي، هن ڊرامي ۾ ممتاز مرزا صاحب موهن جي دڙي جي آباد زندگيءَ جو عڪس ڏئي، تاريخ جو خوبصورت ۽ من موهيندڙ منظر پيش ڪيو آهي. هن نہ صرف هن ڊرامي ۾ موهن جي دڙي جي سماجي ۽ مذهبي زندگيءَ جو عڪس ڏنو آهي، بلڪ هن ڊرامي ۾ موهن جي دڙي جي اجڙڻ بابت هڪ نقط نظر پڻ ڏنو آهي، ممتاز مرزا صاحب هن ڊرامي ۾ موهن جي دڙي جي تباهي جو ڪارڻ ڌارين جي حملي کي سڏيو آهي ۽ ان حملي کي تقدير جو نالو ڏنو آهي. هن ڊرامي ۾ هڪ پاسي تاريخ آهي، ٻئي پاسي خوبصورت ٻولي آهي، ٽئين پاسي بهترين مڪالما آهن تہ چوٿين پاسي خوبصورت منظر نگاري آهي. يعني ٻولي، تاريخ، منظر نگاري ۽ مڪالمن جو شاهڪار هيءُ ڊرامو سنڌي ادب ۾ وڏي حيثيت رکي ٿو.

## نتيجو:

ممتاز مرزا صاحب جو لکيل تاريخي ڊرامو ”آخري رات“ هر لحاظ کان خوبصورت، معنيٰ خيز ۽ تاريخي آهي. ڊرامي جو پلاٽ، ڪهاڻي، منظر نگاري، ڪردار نگاري ۽ مڪالما تمام خوبصورت آهن. اها پڻ هن ڊرامي جي خوبصورتي آهي جو هيءُ ڊرامو مختلف يونيورسٽين جي نصاب ۾ شامل آهي.

## حوالا:


1. بيگ، فياض علي، مرزا: ”ممتاز مرزا“، سُھڻو پاڻ سڏائي ويا، مُرتب: نصير مرزا، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 2005ع، ص، 433
2. ڪربلائي، خانم، احسن: مُھنجو ممتاز، سھڻو پاڻ سڏائي ويا، مرتب: نصير مرزا، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 2005ع، ص، 327
3. بيگ، فياض علي، مرزا، ممتاز مرزا، سُھڻو پاڻ سڏائي ويا، مُرتب: نصير مرزا، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2005ع، ص، 433
4. مرزا، ممتاز، سدا سوئيتا ڪاپڙي، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، 1996ع، ص، 130
5. مرزا ممتاز، آخري رات، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، 1979ع، ص، 03

6. شيخ، طارق عزيز سنڌي نثر جو موت، ماهوار سرتيون، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو 1 _ 1997ع، ص: 5
7. مرزا، ممتاز آخري رات، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، 1979ع، ص، 03
8. مرزا، مراد علي، ريڊيو ڊراما، آخري رات، ممتاز مرزا، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد 1979ع، ص: 4
9. ساڳيو حوالو
10. ساڳيو حوالو
11. مرزا، مراد علي، ريڊيو ڊراما، آخري رات، ممتاز مرزا، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد 1979ع، ص: 8

## ليکڪن/محققن لاءِ ڪجھ گذارشون

- مقالو لکڻ وقت تحقيق جي اصولن کي ڌيان ۾ رکڻ ۽ MLA جي طريقيڪار تحت حوالا ڏيڻ گھرجن.
- "سنڌي ادب" ۾ ادب، ٻولي، تاريخ، ثقافت ۽ موسيقيءَ جي موضوعن تي تحقيقي مقالا ترجيحي بنيادن تي شايع ڪيا ويندا آهن، ڪوشش ڪري انهن موضوعن تي مقالا موڪليا وڃن.
- مقالو نڪور ۽ اڻڇپيل هجڻ گھرجي ۽ ان جي ابتدا ۾ گھٽ ۾ گھٽ 150 لفظن تي مشتمل مقالي جو انگريزيءَ ۾ تت (Abstract) ضرور هجڻ گھرجي.
- مقالو لکڻ وقت جن ڪتابن، اخبارن، رسالن يا ويبسائٽن جي مدد ورتي وڃي، انهن جو آخر ۾ واضح طور تي حوالو ڏيڻ گھرجي.
- هائير ايجوڪيشن ڪميشن جي ضابطي تحت اشاعت لاءِ ملندڙ هر مقالو ايڊيٽوريل/صلاحڪاري بورڊ جي ٻن ميمبرن کي ماهراڻي راءِ موڪليو ويندو آهي ۽ ماهراڻي راءِ جي روشني ۾ ئي مقالي جي اشاعت جو فيصلو ڪيو ويندو آهي. انهيءَ ڪري ماهراڻي راءِ موجب ليکڪ کي مقالي ۾ واڌارا سڌارا ڪري ڏيڻا پوندا.
- اداري جي پاليسي تحت ماهراڻي راءِ لاءِ موڪليل مقالي جي ليکڪ ۽ ماهر جا نالا ڳجھا رکيا ويندا.
- تحقيقي مقالا "سنڌي ادب" جي آفيشل اِي ميل sindhiadab@usindh.edu.pk تي ورڊ فارميٽ توڙي پي ڊي ايف فارميٽ ۾ موڪلڻ گھرجن.

## Editorial/Advisory Board (International)

1. **Dr. Jagdesh Lachhani**
   G2, Rajiv Apartments, Gol Maidan, Ulhas Nagar, India
   jagdeshlachhani@yahoo.com
   +919423087336

2. **Dr. Kamla Goklani**
   Farhat A4, Nehru Nagar, Ajmer, India
   kamlagoklani@gmail.com
   +919414220370

3. **Dr. Jetho Lalwani**
   Ex-Director, National Council for Promotion of Sindhi Language, India
   jetholalwani@gmail.com

4. **Dr. Vimmi Sadarangani**
   Associate Professor, Sindhi Department, Tolani College of Arts and Science, Adipur, Kutch, India
   vimmi_rs@yahoo.com

5. **Dr. Baldev Matlani**
   Retired Professor, University of Mumbai, India
   baldevmatlani@gmail.com
   +917303362333

## Editorial/Advisory Board (National)

1. **Dr. Dur Muhammah Pathan**
   Ex-Regional Director Colleges, Larkana

2. **Dr. Ishaq Samejo**
   Ex-Director,
   Institute of Sindhology, Jamshoro

3. **Dr. Muhammad Ali Manjhi**
   Ex-Chairman,
   Sindhi Langugae Authority, Hyderabad

4. **Dr. Ahsan Danish**
   Chairman, Department of Sindhi,
   Government College University, Hyderabad

5. **Dr. Riazat Buriro**
   Director (Inspection),
   Directorate General Colleges Sindh, Karachi

6. **Dr. Rehana Mallah**
   Director,
   Shaheed Muhatarma Benazir Bhutto Chair,
   University of Sindh, Jamshoro

**Patron**
**Prof. Dr. Fateh Muhammad Marri**

**Editor**
**Dr. Fayaz Latif**

**Assistant Editor**
**Wahid Paras Hisbani**

ISSN 1023-6767
All rights reserved with the Institute of Sindhology

**Annual**

# SINDHI ADAB

**Research Journal**

Volume: 30-38, 2016 to 2024 (Combined)
Year of Publication: 2026
Published By: Director, Institute of Sindhology,
University of Sindh, Jamshoro, Sindh, Pakistan
Tel: 022-9213259
Web-site: www.sindhology.com.pk
www.sindhology.usindh.edu.com
E-mail: sindhiadab@usindh.edu.pk
Composing & Layout: Raza Ahmed Khaskheli
Title: Masoom Sahil
Printed By: Seven Star Printers and Publishers, Hyderabad
In Collaboration with Pakistan Academy of Letters, Islamabad
Price: Rs. 500/=

Annual

# SINDHI ADAB

Research Journal

Vol: 30-38 (2016 to 2024 Combined) ISSN 1023-6767

Editor

Dr. Fayaz Latif

Institute of Sindhology,

University of Sindh, Jamshoro

Vol: 30-38 (2016 to 2024 Combined)
ISSN 1023-6767

Annual

# Sindhi Adab

Research Journal

Editor

**Dr. Fayaz Latif**

**Institute of Sindhology**
University of Sindh, Jamshoro